ڪيرت ٻاٻاڻي



هولارام هنس

In Loving Memory Of

ate Dada Thakurdas Kursija



13th January 1945 - 27th January 2008

rayan Shyam Award 2015



Shri Dholan Rahi

Shaikh Ayaz Award 2015



Shri Lachhman Bhambhani

ڪيرت پاپاڻي

قلمڪار

هولارام هنس

هي ڪتاب پيش ڪريون ٿا

موهن جي دڙي ڪان وڌيڪ اڏول انسان،
ڪرانتيڪاري سوپي گيانچنداڻيءَ جي نالي.

پشپ 57، سال 57، بيسٽ سنڌي سيا، سن 2014

BEST SINDHI SABHA MUMBAI

(Estd- 1958)

ڪيرت پاپاڻي

Author:

Holaram Hans

Flat no 8, Swatantra Saink Society
Mith Bunder Rd.
Thane (E), 400 603
Mobile: 9969547534

www.holaramhans.Com

Copies:- 500

Price:- Rs. 200 /-

Year:- 2014

Publisher:-

Secretary

BEST Sindhi Sabha,
7-Ram Rajya Thane (E)
Mumbai 400603

Printer:- **Impressions**

212-Allied Ind. Estate.

Mahim, Mumbai- 400 016.

Mob.: 9820883807

Cover:-

Anand Ram Lalchandani

DTP:

Shobha R. Lalchandani

سڀا جا باغبان ۽ پشپ جا مالهي

١. ڊاڪٽر آهوجا رام

٢. هولارام هنس

٣. روپچند ڪيماڻي

٤. ڪنعيو تولاڻي

٥. پشپ ڪاميٽي:-

ڪنعيو تولاڻي

روپچند ڪيماڻي

٦. ڪاميٽي ميمبر:-

سلوچنا آهوجا، ميرا گيماڻي، آنند چڳاڻي، سريچند چاپڙيا، ڪيسواڻي، واسواڻي

٧. پبلشر:- سيڪريٽري

٨. پرنٽر:- **امپريشنس**

٢١٢، آلائيڊ اِنڊسٽريئل اِسٽيٽ،

ماهيم، ممبئي- ٤٠٠٠١٦.

Mob.: 9820883807

Statement as per press & Registration
Book -Act
Form IV
PUSHP
BEST SINDHI SABHA

1. Place of Publication	: Mumbai
2. Periodicity of Publication	: Yearly
3. Printers name	: Anand Ram Lalchandani
Nationality	: Indian
Address	: **Impressions** 212, Allied Industrial Estate, Mahim, Mumbai 400 016. M : 9820883807
4. Publisher's name	: Holaram Hans
Nationality	: Indian.
Address	: Flat no 8, Swatantra Sainak Society Thane (E), 400 603 M : 9969547534
5. Editor Name	: Same as above
Nationality	: ""
Address	: ""
6. Name & address of Individual who owns The newspaper & Parties of Shareholders holding more than one percent of the capital.	: BEST SINDHI SABHA 7-Ram Rajya Thane (E) Mumbai- 400 603

I Holaram Hans hereby declare that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

HOLARAM HANS
Sd.
Singnature of Publisher

"پيش لفظ"

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت ۽ سنڌيت جي سيند ۾ جنهن ستارا سجايا، اُهو آهي ڪيرت ٻاٻاڻي (1922). هِن جو سهڻو ساهت پڙهڻ کان پوءِ آنءُ اِنهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ هِن جهڙو ڀوڙهو مطالعو ۽ مُشاهدو، ٿورن ڪن سنڌي ساهتيڪارن ڪيو آهي. ساهت آهي زندگيءَ جي تصوير ۽ تنقيد، جا هِن سرجڻهار، سهڻي ۽ سُٺي نموني چِٽي آهي. هِن جي پنهنجي مُلڪ، ماڻهن ۽ مِٽيءَ سان محبت آهي مجنوءَ جهڙي!

هيءُ فنڪار، ڪهاڻيڪار آهي تہ ڪوي بہ آهي. ناٽڪ نويس آهي تہ مضمون نگار بہ آهي، نقاد آهي تہ نثر نويس بہ آهي. مطلب تہ هِن موتي پويا آهن تہ موتي پکيڙيا بہ آهن. چيو وڃي ٿو تہ هي ذات ڏٺي، اول ۽ آخر هڪ ڪهاڻي نويس آهي. پر منهنجي خيال موجب هيءُ قلمڪار تنقيدي مضمون ۽ مقالي جو هڪ باني آهي.

هِن وٽ شعور آهي، شناس آهي، ذات آهي، ڏات آهي .... هيءُ اِنقلابي آهي تہ ترقي پسند بہ آهي. اڳوان آهي تہ اَپياسي بہ آهي. هِن وٽ اوکہ ڏوکہ آهي، تنقيدي نگاهہ آهي ۽ آهي کوجناتمڪ درشٽي. ترقي پسندن جي ترمورتيءَ جي هڪ مورت آهي ڪيرتيءَ وارو ڪيرت. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ۾ هِن جو وڏو يوگدان آهي .... جو سنڌ ۽ هِند جا سنڌي وساري نہ سگهندا.

هِن ڪلاڪار آزاديءَ لاءِ جيل ڀوڳيا تہ جيوني بہ لکي آهي، هِن سنڌيت جو ڪينرو کٽي ڪماچ و انگر ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳاتو آهي. هِن جي زبان اُهو ضرب خانو آهي، جتان لفظ سوني چانديءَ جي سِڪي مِثل ٻاهر نڪرندا آهن ۽ هِن جي هر سِڪي تي هِن جي مُهر لڳل آهي. هيءُ فنڪار، تحقيق ڪري محقق بڻيو. سنڌ امڙ جي پوڄا هوُ ماءُ مِثل ڪري

فهرست

1. "مومن جي دڙي جو ماٺهو"

قامل قلمڪار ڪيرت (1922) جي ڪلا هڪ ساگر آهي، جا مون گهاگهر ۾ سمائي آهي. هن ڪلاڪار وٽ نہ فقط ڏاه ۽ ڏانوَ آهي پر ڏات بہ آهي. شاه لطيف (1752-1689) جي ڏينهن ۾ سنڌي زبان کي فارسيءَ مان خطرو هو. عظيم شاعر اياز (1997-1923) جي ڏينهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اڙدوءَ مان خطرو هو پر ڪيرت جي دور ۾ سنڌي ڀاشا کي ملڪ جي ورهاڱي مان خطرو آهي. هن قلمڪار، پنهنجي تحرير ۽ تقرير معرفت، سنڌي زبان جي پوري پوري پروَرش ڪري ۽ طلب جي تنوار کان پرهيز ڪري سنڌي ڀاشا کي بچايو آهي.

ڪيرت تي الزام ڏرن ٿا تہ هو ڪميونسٽ آهي. اسان جو ويدوياس، ڪارل مارڪس کان وڏيڪ ڪميونسٽ هو. جنهن چيو هو : "جيڪو ڌن سچائيءَ سان حاصل ڪيو وڃي ٿو اهو وڏي ويجهي ٿو ۽ جيڪو ڌن، پاپ رستي ملي ٿو اهو آخر نشٽ ٿي وڃي ٿو. اُهو ڌنوان جيڪو پنهنجو ڌن، ٻين جي ڀلي لاءِ خرچ نٿو ڪري، اُن کي پٿر ٻڌي سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيو."

ڪيرت. سنڌيت جي سينڌ ۾ ستارا سجايا آهن. هن جي گوناگويت، هن جي عظمت آهي. هن، دنيا جي سيني ٻَڌي جيونِ جا جيون ۽ اُنهن جو مطالو ۽ مشاهدو ڪري ڪين پرکيو ۽ پاتو آهي ۽ پنهنجي جرڪندڙ جيون ۾ اُتاريو آهي.

هن ليکڪ، موتي پکيڙيا آهن تہ موتي پويا بہ آهن. هن کي سنڌي زبان تي عبور آهي ۽ هوُ انگريزيءَ ۾ بہ عالم آهي.

تو. ڪميونسٽ هئڻ ڪري هوُ ناستڪ آهي پر جيئن مون هِن کي جاچيو، ڄاتو ۽ سڃاتو آهي تہ هوُ هميشهہ خدا جي راهہ ۾ هليو آهي. هِن جي اندر جا اُڌما ۽ اُمنگہ سندس هر رچنا ۾ رچيل آهن.

هِن رچناڪار هميشهہ پيار ۽ پنهنجائپ جا تعلقات پيدا ڪيا آهن. هِن پنهنجن ۽ پراوَن جي پيڙا مان پريرڻا پاتي آهي. هيءُ سنڌ لاءِ سين هٽندڙ راءِ ڏياچ وارو ٻياجل آهي ۽ آهي تواريخ نويس، هيءُ سنڌيت تي سِرُ ڏيڻ وارو سوُرويِر آهي.

هِن تاخليقار پنهنجا 92 سال سنڌيت ۽ ساهت، سونهن ۽ سچ جي راهہ ۾ صرف ڪري ڇڏيا آهن.

ههڙي قلمڪار تي اڄ آنءُ هڪ پُستڪ لکي رهيو آهيان. خبر نہ آهي تہ هِن ساگر کي گهاگهر ۾ سمائي سگهندس يا نہ!

هِن شهاڻي ۽ شعور واري قلمڪار جي علم ۽ فلسفي، مطالعي ۽ مشاهدي، ڏات ۽ ذات، اَپياس ۽ اونهائي، کي ماڻڻ ۽ ماپڻ لاءِ مهينا ضرور کپن.

هيءُ سرجڻهار لکڻ ۾ چترڪار آهي تہ شلپڪار بہ آهي: موسيقار آهي تہ وگياني بہ آهي. مطلب تہ هيءُ شاندار شخصيت ۽ شعور وارو هڪ سگهارو آواز آهي، جنهن جي صدا صدين تائين رهندي.

’Ultimate measure of man is not where he stands in moments of comfort and convenience but where he stands at times of challenge and controversy.

- Martin Luther King

•••

ڪري، هو ناستڪ آهي. پر هو ايشور جي مکيہ ٽن گڻن، ستيم (سچ) شوم (ڀلائي) ۽ سُندرم (سونهن) ۾ وشواس رکي ٿو.

سنڌيت هن کي جنم ڏنو .... هن سنڌيت کي نئون جنم ڏنو. وقت جي ڏاڍن کان هو ڪڏهن بہ نہ ڏڪيو.

هيءُ راتين جو رولاڪُ، رومانس جو ڪوي بہ آهي. فرمائي ٿو:-

''توکي ڪنهن ٻڌايو آهي،
تہ سچو پريم،
سرير يا آتما کي جوٺو ڪندو آهي؟
پريم تہ هميشه پويتر ٿيندو آهي،
ماڪ جهڙو شفاف،
گُل جهڙو معصوم،
ماکيءَ جهڙو مٺو،
جل جهڙو نرمل،
ڪنوَل جهڙو نرليپ ۽ نشپاپ!
تو اُن کي غلط معني ڪيئن ڏني آهي؟
منهنجا پيارا!
تنهنجي پاڪ سنيه،
مون کي تہ واسي ڇڏيو آهي.
منهنجي آتما کي آسمان ۾ اڏائي،
پرم - پد تي پهچايو آهي.
هاڻي تون تہ منهنجي سواسن ۾
سمائجي ويئي آهين،

هھڙي ڪومل ڪويءَ کي ڪير ڪٺور ڪوٺيندو؟ ڪير ڪميونسٽ ڪوٺيندو؟ ڪير بي رس سڏيندو؟

والٽ وٽمن فرمايو آهي :- جڏهن فنڪار کي محبت ۾ سرشار ڏسو، تہ اُن جو مطلب محض هيءُ آهي تہ هن جي ذات ۾، حسن جو

هن قلمڪار جي نہ فقط جيون پر لکڻين بہ ڪرانتيءَ ۽ جدوجهد جو سنڌو ساگر آهن. هن هميشه سوچيو پئي آهي تہ طاقت دريدر- نارائڻ جي عيوضين جي هٿ ۾ اچي ۽ اقتصادي وسيلن تي قبضو عوام جي عيوضين وٽ هجي، جئن صحيح معني ۾ آزادي اسٿاپت ٿئي ۽ ديش ۾ ڪوبہ بکيو، دکي، ۽ اگهاڙو، نہ رهي.

هن جو قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي. گذريل 60 سالن ۾ جڏهن جڏهن سنڌيت تي وار ٿيو آهي، تہ هن، قلم روپي تلوار اُپي ڪئي آهي. هيءُ اديب، سماج کان وڌيڪ پائينده آهي، وڌيڪ تابنده آهي، وڌيڪ زنده آهي. هن، سنڌي زبان، ادب، ۽ ثقافت، کي اوج تي رسايو ۽ هن هميشه انسان جي عظمت، محنت، ۽ محبت، جا ئي گيت ڳاتا. هن جو سوشلزم، ڪميونزم ۽ سووٽ يونين، ڏانهن لاڙو پئي رهيو آهي، چاڪاڻ جو، هو ڪڏهن بہ نابرابري ۽ بي انصافي نٿو سهي سگهي.

ڪيِرتُ، موهن جي دڙي جو ماڻهو آهي ۽ سيرت ئي هن جي سَنَدَ آهي. هن جي پنهنجي ماڻهن، مٽيءَ، ۽ مُلڪ، سان محبت آهي. هن، سنڌيت جي هر انگ، رنگ ۽ ڍنگ، تي لکيو آهي. هيءُ فنڪار، صرف سنڌين، يا ڪنهن مذهب، فرقي، زبان، يا قوم، جي ملڪيت نہ آهي - هيءُ سڄ ۽ چنڊ مثل سڀني لاءِ آهي. ٻي مکيہ ڳاله تہ، هو آشاوادي نظرئي جو مالڪ آهي.

هيءُ صاحب قد جو بُلند، شڪل جو سهڻو، بدن ۾ بي باق، شانت، کُليل پيشاني، گهريو اکڙيون جن ۾ سُپنن جو سنسار، يگ بدلائڻ جي تمنا، شاعراڻو مزاج، .... پري کان ئي ڪامريڊ لينن، کو فنڪار ۽ فيلسوف لڳندو آهي.

جيئن گُل جي خوشبوءِ، پنکڙين ۾ لکل هوندي آهي، تيئن هن جي جيون، نظريو، فن، ۽ فڪر، سندس شبدن ۾ لکل آهي.

سنڌ امڙ جي پوڄا، هو ماءُ مثل ڪري ٿو. ڪميونسٽ هئڻ

(11) آتم ڪٿا (4 ڀاڱا) (12) سو سڌ سو پڙاڏو (خطن جو مجموعو) (2004) (13) ڪولي (ناول) - ترجمو، ليکڪ ملڪ راج آنند) (1955)، وغيره وغيره

هن قلمڪار کي پنهنجي تخليقن تي انعام به جام مليا آهن. 2002 ۾ هن ذات ڏٽيءَ کي ساهت اڪادمي اوارڊ عطا ٿيو.

ڪيرت جهڙو باشعور رچناڪار .... وقت، سماج ۽ اتهاس .... مطلب ته هر پل جي ڌڙڪن جي شناس رکندڙ باڪمال قلمڪار آهي. هن جي قلم واري ڏات ۾ ڏاه آهي ته ڏانوءُ به آهي .... هن وٽ ڀاشا جي رواني آهي، لفظن جو ڀنڊار آهي، اُمنگ ۽ اُتسا آهن ۽ آهي راه ڏيکارڻ جي تمنا، لي وئلن، وانگر هن جو وشواس آهي ته .... ''هيءَ دنيا سيني ماڻهن لاءِ آهي، ۽ نه ڪنهن خاص ٽولي لاءِ''. آسڪر وائيلڊ وانگر هن جو وشواس آهي ته :-

''دنيا ۾ گناه نالي جي ڪا شيءِ نه به هجي ها، ته اِهي مذهبي پيشوا، ڪو نه ڪو گناه ايجاد ڪري ئي وٺن ها!''

عظيم اياز وانگر هن قلمڪار جو عقيدو آهي. ''اي سنڌ! تون ماءُ آهين. مان تنهنجي ڌرتيءَ مان شعوري مواد، ائين حاصل ڪندو آهيان، جيئن ٿَرَ جي ڳاڙهي ڳئونءَ جي اُره مان، اُن جو ٻچڙو کير پيئندو آهي.''

ڪيرت تي، ڏات ۽ ڏانوءُ، ائين وسندو آهي، جئن سياويڪ نموني وڻ تي پَنَ اُپرندا آهن.

چاڻن جو چوڻ آهي ته قلمڪار ڪيرت، اول ۽ آخر هڪ ڪهاڻيڪار آهي .... پر آنءُ ائين نٿو مڃان. ادب ۾ ڏکي ۾ ڏکي صنف آهي، مضمون نگاري ۽ خاص ڪري تنقيدي مضمون، هر ساهتيڪار جي اِها وس جي ڳالهه نه آهي ته هو مضمون لکي سگهي، اُن لاءِ کپي علم، عقل، اڀياس، ۽ محنت، جا هرڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. منهنجي خيال موجب، هيءُ ذات ڏٽي هڪ ماهر مقالا نويس آهي.

.... اول ۽ آخر

ڪيرت جو سهڻو ساهت هند ۽ سنڌ جي وچ ۾ پُل آهي.

شعور ڳهر ڪري ويو آهي.

عظيم شاعر اُستاد بُخاري وري فرمايو آهي :-

”آءُ ڍوليا تہ ڪريون پيار هليا ويندا سين،
زندگي ڏينهن بہ چار هليا ويندا سين.“

ڪيرت وٽ عشق آهي تہ عقل بہ آهي .... ۽ اِهي آهن ٻئي پَرَ پکيءَ جا!

سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز وانگر، ڪلاڪار ڪيرت جو وشواس آهي تہ :-

”اُهو تخليقار جو، نفساني خواهشن ۾ فرار ڳولي، اُن چڪور مثل آهي، جو چنڊ کان مايوس ٿي، ٽانڊي تي جهڙپ ڏئي ٿو.“

ڪيرت، ڪنهن مظلوم جي بدن تي لهو تہ ڇا، هو هُنَ جي اک ۾ ڳوڙهو بہ ڏسي نہ سگهندو آهي.

اڄ زندگيءَ جي شام ۾، هوُ، رومي شاعره مارينا تسي تائيوا وانگر سوچي ٿو :-

”۽ جلد ئي اسان سڀ مٽيءَ هيٺان وڃي سمهي پوندا سين، اسان جيڪي، هڪ ٻئي کي مٿيءَ مٿان چئن سان سمهڻ نٿا ڏيون.“

هيءُ قلمڪار، ڪهاڻيڪار آهي تہ ڪوي بہ آهي. ناٽڪ نگار آهي تہ نٽ بہ آهي. ترجمان ڪار آهي تہ تاثراتڪار آهي. مضمون نويس آهي مقالا نويس بہ آهي .... مطلب تہ تقرير ۽ تحرير ۾، هن جهڙو ٽڪڙو تخليقار، هند ۾ مون کي نہ سمجهي! هن جو ساهتڪ سرمايو آهي :

(1) هوءَ (1956) (2) درد جو دل ۾ سمائجي نہ سگهيو (1966) (3) نہ ليلا نہ مجنو (1987) ۽ (4) اوهين سڀ ننگا آهيو (1993) (- ڪهاڻيون) (5) ڌرتيءَ جو سڏ - (ناٽڪ) (6) سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد (7) پيهي منجهہ پاتار ۽ (8) اوک بوک (تنقيدي مضمون) (9) چونڊ سنڌي مضمون (سمپادن) (10) لکيو لياڪا پائين (آزاد نظم)

2. "ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي جيوني"

هر انسان هڪ ڪهاڻي آهي .... ڪيرت به ڪهاڻي آهي .... تون به ڪهاڻي آهين .... ۽ مان به ڪهاڻي آهيان. هر انسان پنهنجي ڪهاڻي، ڪَلِينِ ۽ وَلِينِ تي، ڳُلن ۽ ڦولن تي، ۽ ڪن انسانن جي دلين تي ڇڏي وڃي ٿو. پر ڪيرت جهڙا ڪي انسان آهن، جن جي ڪهاڻي، ڪتابي صورت ۾ آڻي سگهجي ٿي، ڪوٺ ڪري سگهي ٿي ته جيئن اُن مان اسان جون پيڙهيون ۽ ايندڙ نسل، اُتساه ۽ اُمنگ حاصل ڪري سگهن ۽ پريرڻا پائن!

ٻالڪ، ڪومل ڪيرت، جو جنم 3 جنوري 1922 تي مورو لاکو نالي ڳوٺ ۾، سڪرنڊ تعلقي، ۽ ضلعي نوابشاه، سنڌ ۾، ٿيو. هيءُ قلمڪار اجا ٽن چئن سالن جو مس هو، جو هن جي پتا صاحب جو ديهانت ٿيو. هيءُ ڪلاڪار، انهن ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ آخري ٻار هو. هيءُ صاحب پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ ذهين هو. هن جا وڏڙا دڪاندار ۽ زميندار هئا. مڪتب ۾ هن کي مولويءَ "الف - انب، بي - بلا، ڀي - ڀڪري، ۽ پي - پلو" سيکاريو هو. نندي هوندي هو .... بال سان سٽ سٽ، ناني نانگيل ڦوسيل ۽، اِٽي - ڏڪر راند ڪندو هو. اڳتي هلي هو اسڪائوٽنگ، پي ٽي، ڪرڪيٽ، ۽ والي بال، طرف مڙيو. اسڪول ۾ هو مانيٽر ٿي رهيو، پنهنجي هوشياريءَ ڪري.

وقت بادشاهُ، هن ٻالڪ کي، ڳوٺ مان ڇڪي، نوابشاه ۾ وٺي آيو، جتي هن پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ورتي. اسڪول جي ڊبيٽنگ ۾ به هو ڀاڱ وٺندو هو. هن آزمودي هن کي رٿائتي نموني لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو هنر عطا ڪيو. اڳتي هلي، هن ڊرامن ۾ به اسڪول جو نالو روشن

هيءُ ليڪڪ، شاه، سچل ۽ ساميءَ، جي صوفيزم واري فلسفي کان به متاثر ٿيل آهي. (تصوف ۽ ويدانت هڪ ٻئيءَ جا به پَرَ آهن .... منهنجي خيال موجب)

تاثيرواري تاجل بيوس مثل ڪيرت لاءِ به ڌرتي، ڌرتيءَ ڇايا، ۽ ڌرتيءَ جا نظارا، ائين آهن جئن .... اک لاءِ روشني، ماڇيءَ لاءِ پاڻي، ۽ ساڻيه لاءِ سنڌو".

تاخليقار موهن گيهاڻي پنهنجي ڪتاب "ٽڙيل پکڙيل پنا"، ۾ لکي ٿو :-

"دوستن مان ڪنهن کي به مسئلو درپيش آيو ته هرڪو ايندو ڪيرت وٽ، هن، انسان جي بنيادي سٺائيءَ مان وشواس وڃائڻ جهڙو عظيم گناه ڪڏهن ڪونه ڪيو آهي. ننين ٻارن جيان وشواسي، ڪَنَ جو ڪچو، وناجوڳ ۽ دشمنيءَ کان پري. دوستيءَ ۾ گهڻو غم کائڻ جي قوّت رکندڙ.

اُستاد - دوست - رهبر، وڏي صبر وارو ماڻهو، نئين انسان جي پيدا ٿيڻ ۾ هن جو وڏو وشواس آهي. جيڪو وشواس ئي، سندس اَڻ ٽڪ شڪتيءَ جو سرچشمو آهي."

شعور واري شاعر تاجل بيوس وانگر ڪيرت جو چوڻ آهي ته :- "اي انسان جا ٻچا! تون جيڪڏهن ڪنهن دکي انسان جي دکن کي، ڌوئي صاف نٿو ڪري سگهين ته پوءِ ڪنهن کي ڏکوءِ به نه!"

آخر ۾ آنءُ عظيم اياز وانگر ڪومل ڪيرت جا خيال گنگنائيندس :-

"تنهنجا پيرِ چِهان، ڌرتي منهنجي مائڙي،
ياڪر پايان ياوَ مان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آنءُ نه ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو!"

•••

احوال پنهنجي قلم واري ڪلا جي هٿ هيٺ آندو اٿس.

ڪيرت، جڏهن هندستان جي سرزمين تي پهتو ته هن وٽ ڪيسي ۾ صرف سترهان روپيا ۽ ڇهه آنا هئا. ٿيلهو ڪلهي ۾ ۽ پيتي هٿ ۾.

ڀارت ۾ جيڪا پهرين ڪهاڻي ڪيرت ڪهاڻيڪار لکي، اُن جو نالو هو .... ''ترس ايندو، محبت جو زمانو''، جنهن ۾ جنس جو کُليل اِظهار هو.

پنهنجي محبوبا گوپيءَ جي قربانيءَ تي، هن قلمڪار هڪ ڪهاڻي لکي .... ''شرڌا جا ڦول''.

ڪيرت ٻاٻاڻي ٻن ڳالهين ڪان مشهور آهي : (1) هڪڙو سُپنائي طور ۽ (2) ٻيو سُک ڦٽو.

هند ۾ اَچڻ ڪانپوءِ، ترقي پسند وروڌي ليکڪن جو، مکيه طور قلمڪار ڪيرت ئي، نشانو هو. قلمڪار ڪيرت اٽڪل 20 ڪن ڪتاب لکيا آهن.

هند ۾ اچي، جوڳيشوريءَ جي اسمائيل ڪاليج ۾ بي.اي. جي ڊگريءَ لاءِ داخلا ورتائين. هن ڪاليج ۾ ٻه، هو سنڌي ڪلا، ناٽڪ وغيره جي ڏس ۾ اڳتي رهيو، اڳرو رهيو.

ڪوڙ ڪپٽ، گناهه، اپراڌ، جهيڙن جهڳڙن، ۽ فتني فساد، واري حياتي، وڪالت ڪري، هن نه گذارڻ پئي چاهي.

آخر اسڪول ۾ اُستاد ٿيو، ۽ پاڻ کي هند ۾ اچي، سنڌي ٻولي، سنڌي لپي، سنڌي ساهت، سنڌي ڪلا ۽ ناٽڪ، سنڌ ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ سرگرم رکيائين. 60 سال هن هند ۾، سنڌيت جي هلچل جي واڳ سنڀالي، ۽ اُن جو روح ۽ رهنما بڻيو رهيو .... اڳتي هلي، هن جي جرڪندڙ جيون .... سنڌيت جي اِتهاس جو هڪ باب، بڻجندي.

هن صاحب واري ترمورتي - ''مالهي، اُتم ۽ ڪيرت'' .... سنڌيت جو هڪ مکيه انگ آهي.

1951 ۾ پنهنجي جگري دوست، گلاب ڀڳوانانيءَ جي ڀيڻ سويتا سان، سادي نموني لائون لڌائين. ايشور هن کي ٽي ٻالڪ انوپ،

ڪيو. سٺو ڪلاڪار ثابت ٿيو.

جڏهن هيءُ ڪلاڪار ائين درجي انگريزيءَ ۾ هو ته، گوپي نالي واري هڪ ٻالڪا سان هنجو نينهن به اڙيو .... جنهن اڳتي هلي، سچي پريم جي صورت اختيار ڪئي.

اسڪول ۽ ڪاليج ۾ شاگرد هوندي ئي، هن تي ڪارل مارڪس جي فلسفي جو اثر ٿيو.

ڪيرت جو وديارٿي هلچل ۾ به وڏو يوڳدان رهيو. ملڪ جي آزاديءَ جي هلچل ۾ هو جيلن ۾ به رهيو.

هن، نوابشاه ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. مهاتما گانڌيءَ جي، ”ڪرو يا مرو“، واري هلچل جي ڏينهن ۾، هيءُ نوجوان، سِرُ تِريءَ تي رکي، لٺين ۽ گولين جي سامهون سينو تاڻي بيهندو هو. هاڻي جيل هن ڪرانتيڪاريءَ جي لاءِ، ”اپياس گهرَ“ ٿي چڪا هئا.

سوڀي گيانچنداڻيءَ جي سنگ ۾، هن ڪلاڪار دنيا جون ڪرانتيڪاري هلچلون پڙهيون ۽ پرکيون ۽ پڪو ڪميونسٽ بڻيو .... ڪارل مارڪس جي ويچارڌارا سان نه ويجهو آيو. سوڀي جو وشواس هو ته ”جيڪڏهن مرادون نيڪ آهن، ته طريقا کهڙا به ڪتب آڻي سگهجن ٿا.“

قابل ڪيرت، ايل.ايل.بي. ڪرڻ پئي چاهي .... انهن ڏينهن ۾ هنجو چاچو ايسرداس گذاري ويو .... تڏهن به هن دل نه لاٿي، ڪراچيءَ ۾ اچي پڙهائي چالو رکيائين ۽ هت ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ اچي، بي.اي. ۽ ايل.ايل.بي. ڪيائين. هت هند ۾ اچي به، وديارٿي هلچل ۾ پاڻ موکيائين ۽ نالو ڪڍيائين.

گوبند پنجابي، گوبند مالهي، سوڀو گيانچنداڻي، عظيم شيخ اياز، ڪامريڊ بخاري، ۽ ٻيا هن جا سنڌ ۾ ئي ساٿي هئا. ڪميونزم کان پوءِ ڪراچيءَ ۾، ڪيرت، سنڌي ساهت ۽ ڪلا طرف به مڙيو.

ورهاڱي کان پوءِ ڪيرت، سنڌ ۾ ڪرانتيڪاري هئڻ جي ناتي لاڪپ ۾ هو. آخر 1950 ۾ هو پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي ممبئيءَ پهتو .... اُن وقت شرڻارٿين جي ڇا حالت هئي، اُن جو دل سوز

۽ ”سنڌيت جي هلچل“ ۽ سنڌ ۾، ”جيئي سنڌ“، جي تحريڪ، هڪ سگهي جا ٻه پاسا آهن.

سنڌي جاتيءَ جي ڀلائي، سلامتي، واڌاري، ۽ سومانَ، سان هيءُ فنڪار وچن ٻَڌ هو ۽ رهندو:

لڇمڻ ڪومل پنهنجي ليک ”سنڌي ساهتيه ۾ آتم جيو نيون“ ... ”ڪونج“ ۾ لکي ٿو:

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي چئن جُلدن ۾ ڦهليل آتم ڪٿا ... ”ڪجهه ٻڌايم ڪجهه لڪايم“ ۾ ٻڌايو گهٽ ۽ لڪايو وڌيڪ ويو آهي. ڪيرت سڌي ۽ سپاٽ لهجي ۽ ٻوليءَ ۾، روايتي رنگ ۾ پنهنجي زندگيءَ جي سلسليوار ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. آتم ڪٿا ۾ جتي جتي، هِن جي جوانيءَ جي رومانس جو به ذڪر آيو آهي، ته اُن رومانوي لهجي ۾ پڻ هِن جي اَندر جو سياستدان اُڀري آيو آهي. ڪيرت جو عشق به ترقي پسند آهي ته محبت به مارڪسوادي آهي. جيڪڏهن ڪو عاشق پنهنجيءَ محبوبا سان مخفي ۽ مختصر ملاقات ۾ پيار جو اِظهار ڪرڻ بدران، هِن کي مارڪسزم جا مئنيفسٽوز ٻڌائي، ته يقين اُها محبوبا وائڙي ٿي. مٿي تي هٿ رکي ويهي رهندي. اهڙو ئي ڪجهه احساس ڪيرت جي آتم ڪٿا پڙهڻ سان پڻ ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر ستيش روهڙا ڪيرت جي آتم ڪٿا بابت، رائزني ڪندي لکي ٿو: ”تنهنجي آتم ڪٿا پڙهي دل ۾ ڪيرت شخص لاءِ وڌيڪ عزت پيدا ٿي. تنهنجي آتم ڪٿا مان سنڌي هلچل جي سُني ۽ گهٽي ڄاڻ ملي ٿي. پر اُها آتم ڪٿا جو اَنش نٿي بڻجي.“

ڪرانتيڪار ڪيرت جي آتم ڪهاڻي پڙهڻ سان مونکي لڇمڻ ڪومل جهڙو احساس نٿو ٿئي. دنيا جي ڪنهن به ڪرانتيڪاريءَ جي آتم ڪهاڻي پڙهو! اُها اِئين ئي ٿيندي آهي.

•••

ارون ۽ روي، عطا ڪيا. اڄ ارون هن وانگر هڪ سٺو ليکڪ آهي.
سادگي ۽ سچائي، سونهن ۽ سنگهرش، هن ڪرانتيڪاريءَ جي جيون جا چار ٿنڀا آهن.
1997 ۾ پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ هن ڏات ڏٺيءَ، پنهنجي ''آتم ڪٿا'' لکي، جا اڄ، سنڌي ساهت ۽ سنڌي هلچل جو هڪ سونهون آهي. هن ڪومل ۽ ڪامياب ڪٿا جو نالو .... ''ڪُجهه ٻڌايم - ڪُجهه لِڪايم'' - (چار ڀاڱا) آهي. هن سرجڻهار جي سايع هيٺ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جا 20 سيمينار ٿيا ۽ آخر هن وٽ ساهتيڪار سندر اگناڻيءَ (جئپور) کي سونپي.
سدا حيات رام اَمرلعل پنجواڻيءَ جي خيال موجب .... ''ڪيرت لڪايو گهڻو آهي ۽ ٻڌايو ٿورو آهي.'' سدا حيات قلمڪار، ڪرشڻ کٽواڻيءَ جو چوڻ هو ته :-
''ڪيرت جيڪڏهن ماستريءَ ڪرڻ بدران وڪالت ڪري ها، ڪتاب لکڻ بدران راڄنيتيءَ ۾ سرگرم رهي ها، ته اڄ سنڌين کي پنهنجو سٺو ايماندار ليڊر هجي ها!''
اٽڪل ٽيهارو سال اڳ، هن صاحب ڄڀهين ٺهرائڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيو، پر پاڻ ٻن رومن واري ڪمري ۾ ئي رهيو. هن ڪنهن به هيرا ڦيري ڪرڻ کان بلڪل پاسو ڪيو.
ڪيرت جي ڪنوار ڌرمي خيالن جي هئي. هن بزرگ ڪلاڪار پنهنجي ڪنوار سان ''پليٽينم جبلي'' ملهائي، جڏهن سويتا جي آورجا 83 هئي. هن جي ڌرم پتني سويتا 2002 ۾ ايشور جي راه ڏانهن رواني ٿي.
ڪلاونت ڪيرت جي جرڪندڙ جيون مان، پتو پوي ٿو ته هوُ ڪامريڊ آهي ته قلمڪار به آهي، ڪلاڪار آهي ته ڪرانتيڪار به آهي! اڄ 92 سالن جي ڄمار ۾ به هيءُ فنڪار اڳي کان اڳرو آهي. ٽيليفون تي به هڪ ليڊر وانگر ڪڙڪيدار نموني ڳالهائي ٿو.
هن ڏات ڏٺيءَ جو وشواس آهي، ته هيءَ اُتم جيون هڪ دفعو ئي ملي آهي، ۽ وري ملڻ واري ناهي. ڪوڙ ڪپٽ کان پاسو ڪري، هو هميشه مَنَ جي آنند کي ئي مله، معني، ۽ مهتوَ، ڏئي ٿو. هن لاءِ هند

(4) ''اوهان اِتي هند ۾ ويهي، سنڌ، سنڌي ٻولي، ۽ سنڌي جاتيءَ، جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رهيا آهيو، تنهن جاکوڙ، اوهان جو قدر سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي دلين ۾ هيڪاري وڌائي ڇڏيو آهي.''

- عبدل احمد

(5) مان اوهان کي وڏو ڀاءُ، دوست، ۽ همعصر، مڃان ٿو. اوهان جي زندگيءَ مان گهڻو ڪجهہ پرايو اٿم .... توهان سان ڪنهن ننڍڙيءَ وڏيءَ ڳاله تي ترشي بہ رهي.

''زندگي زندگي ئي آهي دوست،

ڳاله کي ڳاله ڇو نہ ياد ڪندي.''

- ارجن حاسد

(6) مان اڄ سنڌي اسٽيج تي دادا ڪيرت جي دين آهيان .... هن جي ڪري مون وسيل وسايل هندي اسٽيج کي الوداع ڪري، سنڌي اسٽيج سان ناتو جوڙيو. اڄ مان پاڻ کي سنڌي رنگ - منچ تي سڦلو پيو سمجهان.

دادا ڪيرت هڪ يگ پُرش آهي، نثر هجي يا نظم هجي، يا ناٽڪ هجي، ڪامريڊ هجي، يا ڪليگ هجي يا ڪاريگر هجي، دادا ڪيرت جي شخصيت جي ڇاپ، هرهنڌ ڇانيل آهي!

- ايس. پي. مينگهاڻي.

•••

3. ''ڪيرت تي عالمن ۽ اديبن جا رايا''

(1) لنڊن مان عُمر سومار، ڪرانتيڪاري ڪيرت لاءِ لکي ٿو :-
''سائين جي. ايم. سيد ڪانپوءِ، ڪيرت صاحب ئي آهي، جيڪو سنڌ کان ٻاهر، هر سطح تي سنڌ جي آزاديءَ جي ويڙهه وڙهي پيو.''

(2) ''فرد اڪيلو، شخص انوکو، ماٺهو متوالو، جنهن جو نالو ڪيرت رام! اُهاڻ، جنهنجو لينن کٽ سونهاري، هن اڪيلي فرد، پنهنجي حوصلي، ٻل، ٻُڌيءَ، بدولت سمورا لَک پار ڪيا .... ڏکن جا، اَهنجن جا، ڀَتَڪ جا، اَنت ۾ سک جي سيجا ماڻي.

ڪيرت جيڪو شخص آهي، اُن جي شخصيت انوکي آهي. ڊگهو ۽ قداور، جنهنجي هلڻ چلڻ جي چال، جهڙو متوالو هاٿي، جهڙو تهڙو، سندس سامهون بيهي نه سگهي. هٿ ۽ ٻانهون هوا ۾ هلائيندي تقرير ڪري، ته جهڙوڪ ترار پيو هلائي .... ڪير پنهنجو ڪنڌ ڪپائي؟ انقلابي ڪيرت، سنڌ ۾ انگريز حڪومت سان لڙيو، ۽ هند ۾، سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا جي لُڏندڙ ۽ غوطا کائيندڙ، ٻيڙيءَ جي سُڪاني، ڪئي ۽ آخر پار پهچايو.

- پيشم هنديان - اندور

(3) ''ڪيرت سياست ۾، ساهت ۾ هرهنڌ اڳرو رهيو آهي. خوُب دورا ڪيا اٿائين. گهر کان دور رهندو آهي، پر سويتا جي قريب هوندو آهي. ظاهري ڪيرت هڪڙو، اندر ٻيو ڪيرت آهي، جيڪو نِلو سويتا جو ڪيرت آهي.''

- ڪلا ۽ موتي پرڪاش

راڄنيتي هن جي وس جو روڳ نہ آهي! سياست هڪ اهڙي ڪنور راند آهي، جنهن ۾ امپاير (آمين) ٿي وهڻ مشڪل آهي.

هڪ سماج - شاستر جي وگيانيءَ وانگر هن جو چوڻ آهي، تہ تاريخ جو تاڃو پيٽو نهايت مُنجهيل، ڏکيو ۽ پيچيدو آهي ۽ اُن جو نتيجو بہ پورالو ۽ بي نيمو آهي.

ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ سنڌيت جي هلچل ۽ سنڌي جاتيءَ کي زنده رکڻ جي جدوجهد ئي هن ڪرانتيڪاري جو مقدس آدرش هو.

هن جو چوڻ آهي تہ اسان جي سماج ۾ مرد کي هر ڳاله ۾ اڳرائي پئي ڏني وئي آهي. هيءُ صاحب استري پرش لاءِ هڪجهڙن حقن جي فلسفي ۾، وشواس ٿو رکي.

هن جو فلسفو آهي تہ ”ڪلا، ڪلا لاءِ“، نہ پر ”ڪلا، زندگيءَ لاءِ“، آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي پلي ڪامريڊ آهي، ڪميونسٽ آهي، پر هو هڪ انقلابي درويش آهي، جو سڀ جي ڀلائي ٿو چاهي. هو پوري انسان ذات جي سنڀال ڪرڻ ٿو گهري.

هن قلمڪار، هميشه سنڌيت جي هلچل، ٻولي تسليمي، ۽ ساهت ۽ ڪلا کي اڳتي ۽ اڳرو رکڻ ۾ هميشه ايڪتا جي فلسفي کي پئي آزمايو ۽ اپنايو آهي.

هن ڏات ڏڻيءَ جو، پلئتو وانگر، انسان جي سٺائيءَ ۽ ڀلائيءَ ۾ ئي وشواس پئي رهيو آهي. دک، هن کي مهان بڻايو ۽ اخلاق، هن کي اڳرو ڪيو آهي.

هڪ وقت، جڏهن هن جو هڪ ساٿي موهن ڪلپنا، هن تي ڏمرجي ويو، چاڪاڻ جو ڪيرت، هڪ خط رستي نهروءَ کي سنڌين جي ڏرتيءَ بنان پيڙا جو ورنن ڪيو. ڪلپنا جي ڏمر تي، ڪيرت، ڪرست وانگر چيو هو :- ”ايشور، هنن کي معاف ڪجِ، ڇاڪاڻ جو هنن کي خبر نہ آهي تہ هو ڇا ٿا چون!“

هن جو فلسفو آهي تہ ڪرم چڪر، قسمت جو چڪر ۽ جنمن جو چڪر - انساني دماغ جا موهيندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ تصور آهن. اهو

4. ''ڪامريڊ ڪيرت هڪ فيلسوف''

1992 ۾ رٽاير ڪرڻ کان پوءِ، مون دنيا جون سڀ فلاسافيون پڙهيون آهن. قلمڪار ۽ ڪلاڪار، ڪامريڊ ۽ سنڌيت جي شيدائيءَ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪٿا پڙهڻ کانپوءِ، آنءُ ائين پيو ڀايان تہ ڪيرت ٻاٻاڻي بہ هڪ فلاسافر آهي. هن جي فلاسافي آهي تہ .... پنهنجي اندر جي آنند کان وڌيڪ ٻي ڪا چيز - ملهائتي، هن سنسار ۾ نہ آهي. هن جو سچو ۽ پورڻ آنند، گهڻن جي ڀلائيءَ ۽ خوشيءَ مان ئي پڙ پوي ٿو .... اُن لاءِ اندرين من جي سُچيتائيءَ جي درڪار آهي.

مانُ ڪري ويهڻ هن انقلابيءَ کي موت برابر لڳندو آهي.

هيءُ ذات ڏٽي، ترقي پسند تہ آهي، پر اَمن پسند بہ آهي. هن جو وشواس آهي تہ بهتر ۽ خوش، امن ۽ نياءَ ڀري سماج لاءِ، موڙيواد جو فلسفو نہ پر سماجواد جو فلسفو ئي مفيد ثابت ٿيندو. هن جو چوڻ آهي سوويٽ روس ۾ سماجواد جو تجربو .... غلط فيصلن، آپ سوارٿ ۽ ناسمجهيءَ جي ڪري، ناڪامياب ويو.

لينن، هن سرجڻهار لاءِ هڪ اعليٰ آدرشي شخص ٿي پئي رهيو آهي .... جنهن، هن ڌرتيءَ تي اَمن ۽ وشوَ جي هر پراڻيءَ لاءِ آزادي، برابري ۽ انصاف جي حق جو اعلان ڪيو.

ڪيرت ٻاٻاڻي، هڪ ليکڪ طور شانتيءَ جو دوت آهي. هو تباهيءَ کي ڌڪاري ٿو. انسان ذات جي انصاف، سچ ۽ بهتر جيون جي لاءِ، هو لڙائيءَ جي حق ۾ آهي. هن جي خيال موجب، ''قلم. بم کان وڌيڪ شڪتيشالي آهي.'' هن جو خيال آهي دنيا جا سڀ وڏيڪ پسند ليکڪ. قلم کان تلوار جو ڪم وٺن ۽ شانتي، امن ۽ ڀائيچارو، وڌائن.

Lumen = LigLt, sophia = Wisdom = Wisdom of Light

لائيٽ جي معنيٰ روشني به آهي. جڏهن انسان کي روشني يعنيٰ ڏاهپ - گيان - سوجهيِ، ملي ٿي تڏهن ئي هن کي گياني ڪري سڏي سگهجي ٿو.

ڪارل مارڪس به هڪ فيلسوف هو ۽ هن جي فلاسافي هئي ''مارڪسواد'' يعني ''ڪميونزم''.

بادشاه ڀلي پيا مُلڪن تي راڄ ڪن، پر ڏاها بادشاهن تي راڄ ڪندا آهن.

جنهن شاخص ۾ انسانيت آهي، فيلسوف ايمانيل ڪانٽ وانگر، جيڪو ايمرسن مثل سوچي ٿو ته ناڪاميابي به ڪاميابيءَ جي ڏاڪڻ جو هڪ ڏاڪو آهي، جيڪو افلاطون (پلئٽو) وانگر سوچي ٿو ته سٺائي، ڀلائي ۽ چڱائي، ئي منهنجو ڌرم آهي، جيڪو رسڪن وانگر مڃي ٿو ته سيني جي ڀلي ۾ اسان جو ڀلو آهي - پورهئي واري زندگي ئي اُتم زندگي آهي، ۽ حاجم جو ڪاريه به اوترو ئي ملهائتو آهي، جيترو وڪيل جو ....

اُن ڪماٽيڪار ڪيرت جهڙي شاخص کي فيلسوف نه چئجي ته ڇا چئجي؟ جنهن جو چڱائيءَ، ڀلائيءَ، سٺائيءَ، سونهن، سچ ۽ سلوڪت ۾ وشواس آهي ۽ وشواس آهي برادريءَ ۽ ڀائپيءَ ۾.

ملڪ جي ورهاڱي وقت .... مذهب جي حيوانيت ۽ سياستدانن جي شيطانيت تي، ڪيرت جي من، بدن، ۽ ذهن ۾ ولوڙو مچي ويو .... جڏهن سنڌين کي شرنارٿي ٿيڻو پيو. لکي ٿو، ''هيءَ تاريخ جي ڪهڙي ٺٺولي آهي .... سياست جو ڪهڙو ستم آهي!'' ڪيرت کي ڪافر ڪميونسٽ ڪوٺي 1949 ۾ سنڌ مان نيڪالي ڏني وئي. اڄ تائين هن کي پنهنجو اباڻو ورثو ۽ وطن وڃي ڏسڻ جو موقعو نه مليو آهي.

ڪيرت جهڙي ديش ڀڳت کي، جنهن ديش جي آزاديءَ لاءِ جيل به ڀوڳيا .... اُن کي ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان ۾ مسلم ليگ جا پاليل ذهني مريض، جن کي مذهبي بغض جي زهريلي سڪيا مليل هئي، تن چيو :- ''واٽيا! تون اجا پاڪستان ۾ رهيو پيو آهين.''

ماڻهو پوندو تہ تهذيب جي بلڪل اوائلي دور ۾ جڏهن علم - وگيان جي پرک گهٽ هئي، تڏهن پارت جي اها ڏياني ۽ قياسي فلاسافي هڪ وچتر ۽ حيرت پريو، ذهني ڪارنامو آهي .... انسان جي اڏيرج من کي دلاسي ۽ دلداريءَ لاءِ سکدائي ۽ ڪالپنڪ نسخو آهي.

هن ڪلاڪار لاءِ جيون هڪ مهاساگر آهي. جنهن ۾ وقت بہ وقت طوفان ۽ زلزلا اُٿن ٿا. انسان ۾ دک سهڻ ۽ سهسائڻ جي وڏي شڪتي آهي.

هن جو وشواس آهي تہ سنڌ ۾ هندن، مسلمانن سان پيدي ورتاءُ ڪيو ۽ اُهو اڳتي هلي، سنڌي هندن لاءِ دک جو ڪارڻ بڻيو.

هيءُ ويچارڪ ڪڏهن بہ پنهنجن ويچارن کي ڪنجوس وانگر پٽڪي جي ڪُنڊ ۾ ٻڌي ڪونہ رکي. هو عقل جي سوٽيءَ تي پرکي، اُنهن کي قبولي يا رد ڪري ٿو.

هن قلم ڌڻيءَ جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن لفظ ڪيترا نہ ڪمزور واهڻ آهن! جو ڪڏهن ڪنهن پاوَ کي، جنهن کي محسوس تہ ڪري سگهي ٿو پر بيان يا اظهار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ڪيرت جهڙي ڪرانتيءَ لاءِ .... ”من وديا جي ماهرن لاءِ جيل هڪ تمام وڏي پريوگ شالا آهي، جتي ڪين اڪيچار مصالحو ملي سگهي ٿو.“ پر هن لاءِ جيل هڪ اپياس گهر هو.

هن انقلابيءَ، انساني سماج جي ارتقا جي ڪهاڻي، ”ائن انٽروڊڪشن ٽو سوشلزم“ .... ڪتاب ۾ پڙهي.

ڪڏهن ڪڏهن هيءُ نياءُ پرست ليکڪ، سوچي نہ سگهندو آهي تہ انسان ايڏو نردئي ڪيئن ٿو بڻجي، جو پنهنجي نفعي لاءِ، ٻين انسانن کي بکيو ٿو ماري.

هن صاحب جي ويچار موجب .... جيون ۽ موت اهڙيون بہ ڪريائون آهن جن جي ڳجهہ کي انسان ڄاڻي نہ سگهيو آهي.

فلاسافيءَ جي اکري معني آهي گيان لاءِ سڪ. فيلسوف ٿيو گياني.

Philo = Love, Sophia = Knowledge = Philosophy

هاڻي وري نئون اکر ڳولهي ڪييو اٿن **Lumenosophy**

5. ''اومانکي ڪنهن چيو آهي تہ ڪامريڊ ڪيرت ناستڪ آهي؟''

پلي ڪيرت جو ''جنم ۽ پنر جنم''، ۾ وشواس نہ هجي .... ''قسمت ۽ ڪرم واري فلسفي''، ۾ اعتقاد نہ هجي .... پلي هو ايشور کي نہ مڃيندو هجي، .... پلي هو گيتا کي گوهي ڏيندو هجي .... (ويدن جو سار آهي اُپنيشد ۽ اُپنيشدن جو سار آهي گيتا) پر هِنَ کي ناستڪ نٿو ڪري سڏي سگهجي.

چاڪاڻ جو هن جو سچ، سٺائيءَ ۽ سونهن ۾ وشواس آهي. سچ، سٺائي ۽ سونهن، ايشور جا ئي گڻ آهن.

ڪامريڊ ڪيرت ننڍي هوندي تہ پرارٿنا ڪندو هو .... لکي ٿو:-

''اُنهن ڏينهن ۾ مان اجا ناستڪ ڪونہ بڻيو هوس. ياد اٿم تہ رات جو سمهڻ کان اڳ، هڪ ننڍڙي پرارٿنا ڪندو هوس. اڪيون پوري غيبي شڪتيءَ کي ٻاڏائيندو هوس .... ''سائين! مون کي گوپيءَ کان الڳ نہ ڪجِ.''

ڪامريڊ ڪيرت جو دوست گلاب، جو اڳتي هلي ڪيرت جو سالو ٿيو، اُن جو بہ ايشور ۾ اعتقاد نہ هو .... جڏهن هن گلاب جي ماتا، ڪيس ڪٿاه پرساد ڏيندي هئي، تہ هو، اُهو، اُچلائي ڇڏيندو هو.

جڏهن اها ڳاله سويتا (جا اڳتي هلي ڪيرت جي ڪنوار بڻي) اُن هن کي ٻڌائي، تہ ڪيرت جو ردعمل هيٺيون هو :-

''هيءُ واقعو ٻڌي مون کي ڌڏڪو آيو. هيءَ حرڪت، ڪميونسٽ ويچارڌارا جي برخلاف آهي. ائين برابر آهي تہ ڪميونسٽ ويچارڌارا ۾ ڌرمي عقيدي کي ڪا جڳہ ڪونهي .... پر هيءَ هلت، بي عقليءَ ۽

ڪيرت تہ هڪ فيلسوف وانگر انسان جي بنيادي برابريءَ واري فلسفي کي ترجيح ڏيڻ چاهي. هو ڌرمي ڪٽرپڻي کان مٿي آهي.

ڪيرت جڏهن سنڌ ۾ جيل ۾ هو تہ هڪ مسلمان قيدي، جنهن جو روحن ۾ وشواس هو، تنهن هن لاءِ فرمايو هو تہ .... ”ناستڪ وٽ روح نہ ايندا آهن.“ هڪ فيلسوف وانگر، ڪيرت جو روحن ۾ وشواس نہ هو.

ورهاڱي کان پوءِ ڪيرت، سنڌ ۾ پورهيتن جي حقن لاءِ لڙي رهيو هو .... پر اُهو حق بہ هن کان کسيو ويو.

ڪيرت جهڙي پڌي جيوت لاءِ، مسلم ليگ جهڙي فرقيپرست جماعت کي، ”قومي جماعت“ قرار ڏيڻ، سياسي ناسمجهي هئي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي.

قلمڪار ڪيرت جا خيال ۽ ويچار، ايرادا ۽ آدرش پڙهي، مون کي هيءُ امن جو فرشتو، هڪ صوفي بہ پيو نظر اچي. سنڌ، درويشن ۽ صوفين جو گهر هو ۽ آهي. شاه، سچل ۽ ساميءَ، جو اهو سونو ورثو، سنڌين کي مليو آهي .... ڪيرت کي بہ مليو آهي.

inspiration, integrity and insight جي گڻن جي ڪري، ڪيرت هڪ نيتا بہ آهي.

•••

منهنجي خيال موجب ڪلاڪارن ۽ قلمڪارن، سنتن ۽ سائنسدانن جو ڪاريہ ساڳيو ئي آهي .... ''سچ جي کوج''.

قلمڪارن ۽ ڪلاڪارن جو بہ سچو ڪاريہ ستيم، شِوَمِ، ۽ سُندرم تي ٻڌل آهي.

ڪلاڪار ڪيرت ڪيئن ناستڪ هوندو؟

گهٽا سال اڳ، اسان جي سنڌي ڪالونيءَ جي ''شوُ مندر'' تي، مون هڪ ليک لکيو هو، جو ''هندواسي'' ۾ شايع ٿيو هو. هر وسپت تي شرڌالو، پاسي واري پساريءَ کان، تيل وٺي مندر ۾ وڃي وجهندا هئا.

مان مندر ۾ ويندو ڪونہ آهيان ڇاڪاڻ جو، ايشور، جي مندر ۾ آهي، تہ اَندر ۾ بہ آهي!

مون لکيو هو : مندر ۾ تيل جو ڪوهہ پرجي ويو هوندو!

اهو پڙهي ڪي پاڻڪ مون کي ناستڪ سمجهڻ لڳا. دنيا ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو آهن :- (1) اُهي جي ناستڪ آهن. (2) اُهي جي آستڪ آهن، ۽ (3) اُهي جن کي شڪ آهي تہ ايشور آهي الاجي نہ .... پر وري سوچيندا آهن تہ متان هجي!

منهنجو پاڻ کان وڏيڪ ڀڳوان ۾ وشواس آهي، جنهن کي فنڪار ڪيرت .... ''غيبي شڪتي'' ڪوٺيو آهي. ڪيرت جو وري ڀڳوان کان وڏيڪ پاڻ ۾ وشواس آهي، جنهن کي اسين ڪامريڊ ٿا ڪوٺيون.

•••

نابالغيءَ جو مظاهرو آهي، جو ڪميونسٽ فلاسافيءَ جي پاونا، مَتِ، مُراد ۽ مَريادا، جي بنڪل ورڌ آهي.'' ....

هندستان جو فلاسافر ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، هندستان جو راشٽريہ پتي بڻجڻ کان اڳ، روس ۾ ايلچي هو.

اُتي ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، ماڻهن کان پڇندو هو، تہ اَوهان جو ايشور ۾ وشواس آهي يا نہ؟ تہ هو جواب ڏيندا هئا -''نہ''-

هڪ دفعي هيءُ هندستان جو فيلسوف هڪ ڪاليج ۾ ليڪچر ڏئي رهيو هو.

سڀ شاگرد ٻڌائن پيا تہ هو ناستڪ آهن، تنهن تي راڌا ڪرشنن هنن کان پڇيو :

''اوهان جو ''سچ'' ۾ وشواس آهي؟''

''ڇيائون .... ها.''

''اوهان جو ''ڀلائيءَ'' ۾ وشواس آهي؟''

''ڇيائون .... ها.''

''اوهان جو ''سونهن'' ۾ وشواس آهي؟''

''ڇيائون ....ها.''

تنهن تي هن هندو فلاسافيءَ جي ماهر کين ٻڌايو تہ ستيم (سچ) شِوَمِ (ڀلائي) ۽ سُندرم (سونهن) اِهي ڀڳوان جا گُڻ آهن. جن جو اُنهن ۾ وشواس آهي، اُنهن جو ايشور ۾ بہ وشواس آهي. اوهين ناستڪ نہ پر آستڪ آهيو!

سڀ شاگرد سوچ ۾ پئجي ويا.

اسين ڀلي ناستڪ هجون، پر اسين ڪنهن شڪتيءَ کي ضرور مڃيون ٿا. اُها شڪتي بہ تہ ايشور ئي ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

گهڻي ڀاڱي سائنسدان ناستڪ هوندا آهن. ڇو جو وگيان ٻڌل آهي مُنطق تي، ثبوت تي، ۽ نہ وشواس تي. پر سڀني سائنسدانن جي اَبي آلبرٽ ائنسٽائين جو ڀڳوان ۾ وڏو وشواس هو.

سنڌي ڪلاڪار منڊل

ساهت سُڳنڌ

سنڌي ٻولي ڪنوينشن

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سميلن

شاهوڪار سنڌي سيپيٽڪ ورثي جو نماءُ

سنڌو ڌارا

هندستان - هندواسي

جوت

سنڌو نگر

ڪونج

سنڌي ادب ۾ نظريا تي ڪشمڪش

ائنگري ينگ مئن

موهن ڪلپنا - لعل پشپ - گنو سامتاڻي

مالهي - اُتم - ڪيرت

موهن ڪلپنا - راجن چاولا - گنو سامتاڻي

ادب ۾ نيئن ڌارا

سنڌي هلچل ٻن ڏڻن ۾ ۽ اڳتي هلي ٽن ڏڻن ۾

شيرٽي ٻوپٽي هيراننداڻي

شري جيرامداس دولترام

سنڌي ٻوليءَ جي بل پاس ٿيڻ جي حمايت.

10 اپريل 1967 تي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جاءِ ملي. 16 سالن جي سانتيڪي جدوجهد ڪانپوءِ.

لپيءَ جو سوال ضد تي رهيو.

سنڌو ڌارا

سنڌين جي ڌرتيءَ بنان پيڙا.

ننين سنڌ جو سپنو - گانڌي ڌام ۾.

سنڌي ۽ ڪڇي ٻوليون ٻه جاڙيون ڀينر

سنڌ - ڪڇ يا ڪڇ - سنڌ

پنهنجو گهرُ

6. ''سنڌيت جو شيدائي ڪيرت ٻاٻاڻي''

سنڌين ۾ جيئن شاه لطيف جا ''ست سورما'' مشهور آهن. سنڌيت جي ڏس ۾ سنڌين ۾ ڪيرت ۽ ڪيرت جي ترمورتي ۽ ٻيا ساٿي جهڙوڪ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، موهن گيهاڻي ۽ ٻيا مشهور آهن.

سنڌيت جو سورمو ڪيرت، سنڌيت جو شيدائي ڪيرت، سنڌيت جو سرمور، سونهن، ساک، ۽ ساه ڪيرت .... سچي زندگي، هن سورمي جي سنڌيت کي سانڍڻ، ۽ سنوارڻ ۾ گذري آهي. سنڌيت ۾ اچي وڃن ٿا .... سنڌي ٻولي، سنڌي لپي، سنڌي ساهت، سنڌي ڪلا، سنڌي ڪلا ۾ وري سنڌي ناٽڪ، سنڌي نرتيہ، لاڏا، ڇيڄ، ڀڳت وغيره اچي وڃن ٿا. اُن کانپوءِ سنڌ لاءِ سار، سنڌين جي حقن لاءِ لڙڻ، سنڌي پهراڻ، پوشاڪ، اُٽڻ، ويهڻ ۽ سنڌي ڏِڻَ وار وغيره وغيره. مطلب تہ ڪيرت جي ڪهاڻي، سنڌيت جي ڪهاڻي آهي.

ڪيرت، سنڌ ۾ نئي سنڌي ادب ۾ اڳتي ۽ اڳرو هو. 8-5-49، هند ۾ اچڻ کانپوءِ تہ سنڌين جو اتهاس ڪيرت جو اتهاس آهي.

''نئين دنيا''، ادبي مغزن
ڪاليج ۾ سنڌي اسم پيش ڪرڻ
ڪهاڻين سان شروعات ڪرڻ
سنڌي ٻولي ۽ لپي ڪاميٽي
نئون ساهت منڊل
سنڌونگر جو ادبي ڪلاس
ڪلا، ڪلا لاءِ - ڪلا زندگيءَ لاءِ.
ترقي پسند ادب
سنڌي ٻولي سڀا
سنڌي ساهت منڊل

"آنديءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي" - موتي پرڪاش

شري روچيرام ٿانواڻيءَ جو پران تياڳ ورت - سنڌي جاتيءَ جي حقن لاءِ.

گونديا ۾ سنڌي ڀڳت ميلو

سنڌو ڪلا سنگم

سنڌي ناٽڪ رنگ منچ - مدن جماڻي

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو اڳواڻ - سندر اگناڻي.

سنڌيت جي جوت، اڃا جلي پئي، جيتوڻيڪ ڪيرت ٻاٻاڻي صدارتي پَدَ تي ناهي.

ڪيرت، هڪ اهڙو سنڌيت جو نيتا آهي، جنهن ٻيا نيتا به پيدا ڪيا.

مٿيون آهي سچو ڪيرت وارو دور، سنڌيت جو دور.

ڪيرت سنڌيت جو شيدائي آهي ته شعور وارو به آهي. ڪهاڻيڪار آهي ته ڪوي به آهي. ترجمان آهي ته تاثر به لکي ٿو. ناٽڪ نويس آهي ته نقاد به آهي. ڪامريڊ آهي، هاري هلچل ۾ به آهي. وديارٿي هلچل ۾ آهي، ته ودوان به آهي، ديش ڀڳت آهي ته سماجوادي به آهي .... پر مون کي هنجو روپ وڻيو هڪ اڳواڻ وارو .... نيتا وارو .... ليڊر وارو ۽ پنهنجي پٺيان ٻين نيتائن واري قطار به چالو ڪيائين .... اُن قطار جا قطرا آهن پوپٽي هيراننداڻي، موهن گيهاڻي، سندر اگناڻي، ۽ ٻيا.

والٽر ليمن فرمايو هو :-

'The final test of a Leader is that he leaves behind him in other men, the Conviction and the will to carry on'.

- Walter Lipmann

نرمل ناريءَ چناپليءَ مثل، ڪيرت جو وشواس آهي، ته، "جدوجهد کان سواءِ، تون ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهندين!"

هڪ چيني جي چوڻي آهي ته :-

"قائدا رواجي ماڻهن تي راڄ ڪن ٿا.

ڀائي پرتاب - سنت ليلا شاه.
سنڌي جاتيءَ جو آئيندو - رپورٽ.
ترقي پسند ورونٽي ليکڪن جو، مکيه طور تي ڪيرت ئي نشانو هو.
سيڪيولر پروگرام ۽ مشاعرا - سميلن.
ڪيرت جي دور ۾ 20 اکل ڀارت ساهت سميلن ٿيا.
سنڌو سماچار
هيمون ڪالاڻي نگر - دهليءَ واري سميلن ۾.
سوراشٽر جو دورو
فرينڊس آف سوويٽ يونين - انڊو سوويٽ ڪلچرل سوسائٽي -
جواهر لعل نهرو سوويٽ لئنڊ اوارڊ
اَمن جي اُفق ڏانهن.
ورلڊ پيس ڪائونسل
دنيا جي اَمن پسندن جي اسيمبلي.
ٻه دفعا سوويٽ يونين جو دورو ۽ هڪ دفعو پراگ (يوگوسلويا).
سنڌ لاءِ محبت - (1) سنڌ ۽ سنڌي (2) مون کي ڪو ماروئڙن جو ڏس ڏيندو ۽ (3) آءٌ ڪانگا ڪر ٻاله .... اِنهن ٽن گيتن، ڪيرت کي روئاريو.
جي. ايم. سيد جو، ''سنڌي هڪ قوم'' -
''سنڌو ديش''، ۽ ''جيئي سنڌ''، جي هلچل.
ڀارت ۾ سنڌيت جي هلچل.
جهوليلعل
جيئي سنڌ ڪنوينشن.
''سورٺ'' پبليڪيشن.
''سنڌي سماج'' - پتريڪا
سنڌي ٻي ڪلاس جا ناگرڪ
هند ۾ سنڌين کي خاص ٿورائيءَ واري جاتي ڪري تسليم ڪرڻ جو سوال.

رام پنجواڻي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ديو ناٿاڻي، جيوَنُ گ رسهاڻي، پروفيسر لعلسنگهہ اَجواڻي، موهن ڪلپنا ۽ ٻيا. برنارڊ شا فرمايو هو :- ”هيءَ زندگي هڪ ننڍي موم بتي نہ آهي، پر آهي تہ مشالع. جا آنءُ وجهڻ ڪانپوءِ، پنهنجن پوئلڳن کي سونپي ويندس“ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا روپي مشالع، اڄ، قلمڪار سندر اگناڻيءَ جي هٿ ۾ آهي ۽ هن جا سُندر ساٿي آهن، موهن گيهاڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، نرياڻي ۽ ساولاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻيا.

سنڌي ٻولي، سنڌي لپي، سنڌي تعليم، سنڌي سيمينار، سنڌي سڀيتا، سنڌي ساهت، سنڌي ڪلا جهڙوڪ نرتيہ، ناٽڪ، ڀڳت، وغيره، سنڌي ثقافت يعني سنڌي پهراڻ، پوشاڪ، ريتيون، رواج ۽ هلت چلت، جو پنهنجو نرالو ڍنگ، انگ، ونگ ۽ رنگ .... ۽ اُنهن سڀني کي بچائي رکڻ، آهي سنڌيت جو بچاءُ!

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا کي پنهنجو قومي ترانو آهي تہ جهنڊو بہ آهي. پروفيسر رام پنجواڻي اسان کي پنهنجو اشٽ ديو جهوليلعل ياد ڏياريو. پر هِن سچي سنڌيت جي هلچل جو هند ۾ ڀيشم پتامه آهي قلمڪار، ڪلاڪار، ۽ ڪرانتيڪار، ڪيرت ٻاٻاڻي. هن هلچل ۾ ٻيا جيڪي شهسوار ۽ شهمور هئا اُهي آهن .... دکايل ۽ دليگر، آنچل ۽ راهي، موتي پرڪاش ۽ پريو وفا، شاد ۽ حاسد، سڪايل سدارنگاڻي ۽ قاصد، ڪومل ۽ لکميچند، اندر ۽ حشو، ڀارتي ۽ آزاد، رام جيٺملاڻي ۽ ٺرمداس ڪشتريا، ڪرشڻ کٽواڻي ۽ هري پنڪاج، لعل پشپ ۽ راجن چاولا، رام لعل ۽ گنو سامتاڻي، جڳت آڏاوڻي ۽ جهاريلعل موهن، اُتم، مالهي ۽ ٻيا ڪيترا.

هن سڀا پاران ڪيترا سيمينار ٿيا آهن. **1971** ۾ الور ۾ سيمينار ٿيو جنهن جو صحرو سدا حيات اُتم کي عطا ٿيو. اي جي اُتم .... ضدي هو پر محڪم ارادي وارو ۽ سخت محنتي ۽ اصل اٽڪ. هو هرڪم ۽ ڳاله کي شاخصي للڪار ڪري ليکيندو هو ۽ ڪوبہ ڪم اڌ ۾ نہ ڇڏيندو هو.

مهان ماڻهن کي نيتي شاستر موڙي ٿو.''
''سڀ ماڻهو هڪجهڙا آهن پر علم ۽ عقل، رواجي ۽ خاص ماڻهن کي الڳ ڪري بيهاري ٿو.'' اهو فرمايو هو چين جي درويش ۽ دانشوَر ڪنفيوشس.
ڪامريڊ ڪيرت پنهنجي محنت، اُدم، ۽ پورهئي، سان پيغمبر بڻيو .... ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر اندرا هندوجا چئي آهي :-
"It is good to grow in hadrships. It gives you a value system,that is important for success"
صوفين جي ابي جلالودين روميءَ مثل ڪيرت جو قول آهي :-
"You are born with wings,
Why crawl through life "
اندرا گانڌيءَ وانگر ڪيرت جو بہ وشواس آهي تہ
"Leadership at one time meant muscles , today it means getting along with people ."
رشي رابيندرناٿ ٽئگور فرمايو هو :-
''تنهنجو سَڏُ نہ ٻُڌن تہ اڪيلو ئي هليو هل، اڪيلو ئي هليو هل!
وچڻ وقت آنءُ ائين ئي چوندس تہ .... جيڪو مون حاصل ڪيو ۽ پسيو ڇا تہ ناياب هئا!''
ونسٽن چرچل وانگر ڪيرت جو اعتقاد آهي....
''جيڪڏهن اسان کي پاڻ ۾ وشواس آهي، ۽ وشواس آهي پنهنجي آدرش ۽ اُديش ۾، .... ۽ وشواس آهي اسان کي پنهنجي فتح ۾، تہ ڪاميابي، اسان کان منهن نٽي موڙي سگهي.''
آءُ پايان پيو تہ اِنهن سيني گُڻن جي ڪري ئي، ڪيرت ڪڏهن بہ سنڌيت جي هلچل، جا هن پنجاه سٺ سال هلائي، .... اُن ۾ ڪڏهن بہ دلشڪستو نہ ٿيو.
اڄ آنءُ ڪري رهيو آهيان سٺ سالن جو، ''سنڌيت جو سفر''،
ليکڪ : ڪيرت ٻاٻاڻي، هري پنڪج، ۽ موهن گيهاڻي. اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جا جنم داتا آهن : پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي جي اُتم، پروفيسر پوچراج ناگراڻي، پروفيسر

راڌاڪرشن ڪان وينڊي پئرءُ سنگهہ شيکاوٽ تائين. 1989 ۾ پرائيم منسٽر راجيوَ گانڌيءَ کي جيڪو ميموريڊم، ڪيرٽ موڪليو هو .... سنڌين جي حقن ۽ حفاظت لاءِ .... اُهو وري پڙهڻ لائق آهي .... ۽ آهي سانڍڻ لائق.

سيا طرفان 22 ليکڪ سيمينار ۽ 15 ناٽڪ مهاُتسوُ ڪرايا ويا.

هن ڪتاب ۾ سيا جو جوڙجڪ بہ پيش ڪيل آهي ۽ اڄ هن اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا جي مکيہ آفيس جئپور ۾ ۽ برانچون ممبئي، دهلي، ۽ ڀوپال، ۾ آهن. اٽڪل 50 صفحن ۾ تصويرون ڏنل آهن.

هر شعور واري سنڌيءَ کي هيءُ سنڌيت جو سفر ڪرڻ کپي.

•••

هيءُ سيا جا سيمينار، ممبئي ۽ دهلي، انبور ۽ الوَر، اَبوُ ۽ آديپور، سندونگر ۽ پاليتانا، جئپور ۽ گانڌيڌام، ٻڙودا ۽ ناگپور، اجمير ۽ ڀوپال، .... وغيره ۾ ٿيا.

سيا جا مکيه ڪاريه ۽ شغل :-

(1) ''چيٽي چنڊ جو ڏينهن''، ''سنڌيت ڏينهن''، ڪري ملهائڻ.

(2) سنڌي ڀاشا جي تسليمي.

(3) سنڌين کي راڄنيتي حق.

(4) سنڌي ناٽڪ رنگ منچ ۽ اُتسوُ.

(5) چيٽي چنڊ جا ميلا ملهائڻ.

(6) سنڌي لپيءَ کي بچائڻ.

(7) ادبي سيمينار ڪرڻ، سميلن سڏائڻ ۽ ايوارڊ ڏيڻ.

سنڌي ٻولي تسليم ٿي آهي پر سنڌين کي اڃا راڄنيتي حق نه مليا آهن. سرڪار ٻئي لپيون سنڌي، ۽ ديوناگري تسليم ڪيون آهن.

اکل ڀارت سيا جي واڳ، ڪلاڪار سندر اگناڻيءَ کي 1998 ۾ سونپي وئي.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا جو پنجاهون سالگره (1957 to 2007) دهليءَ ۾ رکيو ويو، 2007 ۾.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا جي آفيس جي ائڊريس :

A - Saket Colony - Adrashnagar - Jaipur 302040

جڏهن ممبئيءَ ۾ شاه - سچل - سامي سيمينار ٿيو هو ته سنڌ مان عظيم اياز کي به نينڊ ڏئي گهرايو ويو هو. اُن وقت مون، ''بيسٽ سنڌي سيا''، ڀاران پنهنجي ڪتاب، ''بر مٽيوئي بوءِ''، جو اُڏگهاٽن عظيم شاعر شيخ اياز کان ڪرايو هو.

1957 کان 1997 جي وچ ۾ سيا طرفان اکل ڀارت سطح تي 20 ساهت سميلن ٿيا ۽ اُنهن ويهن مان نَوَن ۾ (9) سنڌيت جو شيدائي ڪيرت ٻاٻاڻي پرڌان هو. ۽ مهورت ڪنڊڙ هنا راشٽريه پتي ڊاڪٽر

نرماڻ لاءِ ساڌن ڪري ڪم آڻڻ جي حق ۾ هئا. جن جو آدرش هو، ”ڪلا زندگيءَ لاءِ“، ۽ پيا اُن جي برعڪس، ”ڪلا ڪلا لاءِ“. جي اصول کي مڃيندا هئا.

(7) منهنجو انته ڪرڻ ٻولي رهيو هو. ته تون ڪميونسٽن کي ويجهو آهين .... هنن جي سماجواد ۽ پارٽي جنتا سان ڪمٽمينٽ بلڪل سچائي ۽ صداقت تي ٻڌل آهي.

ڪيرت وٽ، ”شبدن“ جو به هڪ وڏو وٿاڻ آهي. اڄ هن جا ڪيترا شبد آهن، جي موتيءَ مثل آهن، پر هند ۾ اڇي، اسان، اُنهن کي وڃائي ويٺا آهيون :-

ڪوڏي، ٻوٽ، اوطاق، چلم، پئنانچ، چڪر، وٿاڻ، پائخانو، سنوارت، دائي، چارڻ، جهنگ، گنديون، ڪٽ، هڙ، لانگ، ريوڙيون، پتاشا، گوهي، هونگارڻ، مقاطي، وڏيرو، ڪاڇهريون، ڏاند، چوپڙ، آڏيلو، روسامو، سٿڻ، دينا داستي، منگهه، روشندان، ڪاٽ، رنبو، ڪاناچ، اُلو، موڙي، ننيڙا ....

(1) ڏرتي هميشه ٻاجهاري ٿيندي آهي.

(2) مٺا ڪهڙي ڳاله آهي؟

(1) ”ابا، توکي ڪٿي ڀُولهيان، تنهنجو نڪو پتو نڪو پاند!

(2) دوزخ جا عيوضي

ماٺي اچو ته ڪيرت جا ڪي محاورا ماڻيون.

هر ٻوليءَ کي پنهنجا محاورا ٿيندا آهن، جي انسان جي ورثن جي ورهاست هوندا آهن. اِهي اسان کي وڏن وٽان ورثي ۾ مليا آهن :-

(1) اٿو ڪاٿو ڪوئي، مار پئي گابي تي.

(2) اُهي لاٿون اُهي ئي چگهه.

(3) ڪاريءَ هيٺان ڪانوُ.

(4) هيريءَ سندي هير، ٽنگ پاڇندي به نه لهي.

(5) جوُ ڏيري گڏه کپال.

7. ”ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو سنڌي ڀاشا تي دسترس“

قلمڪار ڪيرت جو سنڌي زبان تي پورو عبور آهي. هن جي سهڻي سنڌي، سُپڪ، سَرل ۽ سولي آهي، جا عام فهم واري آهي. هن جي لکڻيءَ ۾ ڪهاڻيون، محاورا، چوڻيون، ٻه جهاجهيون آهن. هن لکيو ته نئون ليک لکيو، ٻوليو ته نئون ٻول ٻوليو، ڳايو ته نئون ڳيچ ڳايو، هن ليکڪ جي دل جي دنيا، سندس ٻاهرين دنيا کان زياده حسين آهي. سندس ڪائنات ڪي نہ. انت، نہ آد! هن جا جذبا، احساس، مَنَ جو ڇيد، ڪائنات جو تصور، ترقي پسندي، سيرت، فطرت، مطالعو، مشاهدو، ذات، ڏانءُ، فن، فڪر، دانشمندي، عڪاسي، تنقيد، تصوير، ۽ تصوَر .... وغيره ڪي هن پنهنجي سهڻي سنڌيءَ، ۾ ائين ڦٻايو آهي، جو پڙهندڙ دنگ رهجي ٿو وڃي.

هاڻي اچو تہ سندس ساهتيہ مان ڪجهہ ماڻيون :-

(1) تاريخ جي ڪنور تلوار ديش کي ٻن اڌن ۾ ورهائي ڇڏيو.

(2) سنڌ جي ڌرتي، درويشن ۽ صوفين جو گهر هئي.

(3) پورهيت ڌر جو ڪلميٽ ائٽلي وڏو وزير ٿيو، پر هو بہ ڀارت کي سوني ٿالهيءَ تي رکي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو.

(4) شيخ اياز، پنهنجو تازو لکيل شعر، اهڙي تہ تيز ڌارا ۾ پڙهندو هو، ڳويا نهر ٿي وهي.

(5) پهراءُ منهنجو، سادو، اڇي ڪاڌيءَ جو ڪڙتو، سٿڻ، ۽ هٿ ۾ پڻ هڪ ڪاڌيءَ جو ننيو ٿيلهو هوندو هو، جنهن ۾ نوٽس لاءِ هڪ خالي ڪاپي، ۽ پڙهڻ لاءِ هڪڙو ڪتاب هوندو هو.

(6) ترقيپسند اديب، جي روسي انقلاب ۽ ساميوادي ويچارن جا هئا، هوُ، اَدب ۽ ڪلا کي جيون جي بهتري ۽ مدي خارج سماج جي نؤ

(1) اَڪ جي ماڪي ڪانهي جا لاهي ونڻي آهي.
(2) اُٺ جي پُڇ ۾ گهنڊڻي ٻڌڻُ
(3) رڪ کي ڦوڪ ڏيڻ
(4) هنڌ هارجي وڃڻ
(5) چڪيا تي چڙهڻ
(6) جادوءَ جو سورمو
(7) ماکيءَ سان پري لفظ. پنهنجي مُک مان ڪڍيا.
(8) اکين جي آب سان اندر جي آگ کي وسائڻ
چِٻڙ- آياس- گهر- گهيرا- مرڪز- لڪلڪوٽي،
پريوجن- وئرٿ- ميڙو منٿون- حيلو وسيلو- وشال- موهه- سنپنڌ- گمان- غلط فهمي- پيڙا- بوجو- پيار ۽ تڪار- کير ۽ نير- سڪل بند- ڪانڊ-منهن. مصريءَ جهڙو منو- چاتيءَ مان اَمرت جا ڦوهارا ڇُٽڻ- جيون جو ٽڪرو- سيلاب- اواڪ- سانوٽي
(1) مٺا جهڙا چانديا منگسي
(2) خون ۽ ڪستوري لڪندو نہ آهي

• • •

(6) اُلو سڌو ڪرڻ.
(7) مير ماريو اٽئہ.
(8) آٽيون ۽ چاڙهيون، ڏُتَ ڏهاڙي سومرا!
(9) باه ۽ ڪپه جو رشتو.
(10) ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ.
(11) ڪڪو وڪو ٿيڻ.
(12) ڏوجهان متيان ڏيوي.
(13) تِرَ جي گُٿِي، سؤ چوٿون ڪائي.

(1) ''اسان جو قانون ڏوهارين سان
آهي ڏاڍو مهربان
سونهري چاريءَ مان
مانگرمڇ نڪريو وڃن
پر ننڍيون مڇيون
ڦٿڪيو ڦٿڪيو ساه ڏين.''
ڪيرت جي ٻولي ڏسو! .... هن ڪي ٿوري ۾ گهڻو ڪاجهہ چئي وڃڻ جي سَگهہ آهي.
ڪيرت، شبدن کي پنهنجي مرضيءَ سان هڪ جادوگر مثل ڪتب آڻي ٿو :-
''ورهاڱي جو تصور/ منهنجي ذهن تي اُيري/ واسينگ نانگ وانگر ڦڻ ڪيي/ مون کي ڏنگڻ لڳندو آهي./ هڪ هڪ ٿي/ آهستي آهستي/ منهنجي مٿي تان/ وار ڇڻڻ شروع ڪندا آهن/ هٿ مٿي تي رکي/ وارن کي سوگهو ڪرڻ جي/ ڪوشش ضرور ڪندو آهيان/ پر سڀ ڪوشش وئرٿ ويندي آهي./ ٻپ منهنجي ذهن کي ڪتريندو آهي/ ۽ ائين لڳندو آهي/ تہ منهنجي وجود جون پاڙون ٻہ/ ائين ڏيري ڏيري/ پنهنجي ڌرتيءَ کان/ ڪٽجي رهيون آهن.''
هاڻي سندس ڪهاڻين مان، ڪاجهہ سهٽي ۽ سڀاجهي سندي :-

پوڪستان جي هوائي باز جو خلا ۾ پرواز،
۽ پيون ڪي چوٽيون موٽيون خبرون.
ڪافرن ڪي، دهرين ڪي،
غدارن ڪي ۽ ڏارين ڪي،
هتي ڪائي جاءِ ناهي،
هتان جي هر چيز اسلامي آهي،
شعريت ۽ سياست هڪ ئي ڳالھ آهي،
شراب ڪي ٻلڇي بہ هٿ نہ لڳايو،
اگر پيئو پيي تہ هٿي ڪي نہ ڇڏايو،
زوريءَ زناءَ کان پاسو هٽايو،
پيسن تي عيش پلي پيا اڏايو،
چو تہ اهو بہ وڏو ثواب آهي،
جو ڪنهن کي روزي تا رسايو."
"هت پيار ڏيڻ ۽ وٺڻ گناه آهي،
تنهنڪري بيبن ڪي برقعا پايو،
۽ چوڪرين جو منهُ ڍڪايو،
برقعي اندر ليئا هرگز نہ پايو،
ڏسي زائفا کي رستو ئي مٽايو،
يا اکيون ڪٽي ڏرتيءَ ۾ کُپايو."
قلمڪار ڪيرترام لکي ٿو، اسڪول ۾ مذاقي ڇهاڇٽو يا راڳ پيش ڪندا هئاسين .... هڪڙي هندي فلم تان نقل ڪري هڪ راڳ تيار ڪيو هوم :-
"رام رام ڪيرت رام، رام رام رام رام ....
سيٺ بڻئي گهوڙا، سيٺيان بڻئي گهوڙي،
هم غريب بيچاري نہ گهوڙا، نہ گهوڙي،
ڪب گدا، ڪب گدي، رام رام ڪيرترام ....
سيٺ پهني ڌوتي، سيٺاني پهني پوتي،

8. ”ڪيرت جي ڪلا ۾، تندرست طنز ۽ موهيندڙ مذاق“

تندرست طنز ۽ موهيندڙ مذاق ڪرڻ هر ڪلاڪار ۽ قلمڪار جي وس جي ڳالهه نہ آهي. جيڪي تندرست طنز ۽ موهيندڙ مذاق ڪري ٿا سگهن. اُهي خوش دل، رحم دل، ۽ آشاوادي، انسان هوندا آهن. ننڍي هوندي اسڪول ۾، ”پوڙهي جو پرٽو“، مذاقي ڇماڇٽي ۾ ڪيرت نالي واري ٻالڪ ڪلاڪار، پنهنجو پارٽ بخوبي نڀاهيو. هن ڪلاڪار هڪ مذاقي راڳ بہ ڳايو ....

”آهيان مُڙس قنداري، وٺندس پوُري ياڳ پٽاري ....“

اِستيج تي، هن جڏهن اُهو راڳ ڳايو ۽ اداڪاري ڪئي جوش ۾، تہ اوچتو هنجي ڊلي ۾ڊل ڏوتي، ڇُڙي پيئي. پوءِ تہ اُهو ٺهڪڙو متو ۽ تاڙين جا ٺڪا ٿيا. جو ڏوتي هٿ ۾ پڪڙي، هو اسٽيج تان وٺي ڀڳو.

هاڻي هن قلمڪار جي تندرست طنز پسو :-

”هيءُ ريڊيو پوڪستان آهي،
مولوي مڪڙخان اوهان سان مخاطب آهي،
وقت رات جا ٻارهن بجا آهي،
پنهنجي سئيءَ کي جلدي ڦيرايو،
31، 35، يا 37 ميٽر ملايو،
شارٽ ويو ويٽوَيا ميڊيم تي لڳايو.

اڄ جون مکيہ خبرون هن ريت آهن :-
صدر مملڪت ڪيو آهي قوم کي خطاب،
وزير پڪوخان ٿيو آ آميريڪا روانو،

9. ''ماهر مضمون نويس، ڪيرت ٻاٻاڻي''

ساهتيہ جي ڏُکئي ۾ ڏُکئي صنف آهي مضمون، خاص ڪري تنقيدي مضمون ۽ مقالا. ڪيرت، خشڪ مضمون کي، خيال جي بُلندي، انوکي عبارت، ۽ رس دار ٻوليءَ سان، مضمون کي شعر جو درجو ڏئي ٿو ڇڏي. هن سنڌي سگهڙ جو، ٻوليءَ تي دسترس پسي عجب پيو لڳي. سنڌيت جي تحرير جو جائزو وٺڻو هجيوَ يا ساهتيہ جي سڳنڌ ۽ سونهن ماڻڻي هجيوَ، تہ پڙهو .... ''(1) اوک ٻوک''، ''(2) پيهي منجهہ پاتار''، ''(3) سنڌي ڪهاڻي، ورهاڱي بعد'' ۽ ''(4) چونڊ سنڌي مضمون.'' ساهت جي ٻين شاخن ۾ سرجڻ ۽ سرجڻهار جو پاڻ ۾ ايترو گهاٽو رشتو نٿو رهي، جيترو مضمون ۽ مضمون نگار جو.

پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي لکي ٿي :-

''سنڌي ساهت ۾ مضمون نويسن، لکڻين جي طرز، وشيہ، ۽ عبارت، جا نوان نوان پيچرا ٺاهي، ٻين ٻولين جي ساهت - مهراڻ ۾ ٽٻيون هڻي، اُتان موتي آڻي، سنڌي ساهت اڳيان نذرانا ڪري رکيا ۽ سنڌي ساهت جي اُپرڻ، اُسرڻ، ۽ ڦلڻ ڦولڻ جون نيون نيون راهون تلاشيون. ورهاڱي بعد ترقي پسند ليکڪ ڪيرت، اُتم، ۽ مالهي، جيڪڏهن وقت سِر سنڌي ساهت جي اُڪڙيل درخت کي، پاڻي نہ ڏين ها، تہ شايد اُهو وڻ سڪي وڃي ها!''

قلمڪار ڪيرت جا مٿيان چار ئي ڪتاب 1980 واري ڏهاڪي ۾ لکيل آهن. ''اوک ٻوک'' ۾ (1) ساهت، وقت جي سندرپ ۾ (2) سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگي (3) ورهاڱي بعد، سنڌي تنقيدي ادب (4) سنڌي ساهت ۾ مذاق (5) تهذيب، فڪر، ۽ سنڌي .... پيش ڪيل آهن.

هر غريب بيچاري، نه ڏوتي، نه پوتي،
ڪب ننگا، ڪب ننگي، رام رام ڪيرترام ....''

سکر جيل ۾، ڪيرت، سوڀو، ۽ علي مڪراني، آزاديءَ جي هلچل ڪري جيل ۾ بند هئا. اُتي چناچل نالي جيلر جون ڏاڍايون ڏسي، هنن تنهي جيلر خلاف تندرست طنز چالو ڪئي ....

''چناچل ٻاچا هاءِ هاءِ! ڏوڙ منهن ۾ پاءِ پاءِ! انقلاب زنده باد! ڀارت ماتا ڪي جئه! ....

جيل ۾ ٻين راڄنيتي قيدن به، سُرُ سُرَ ۾ ملايو.

نوابشاه ۾ به گروه هوندا هئا هڪ ڪامورا ۽ ٻيا ديوان. انهن ٻنهي ترين جو ٽڪر هلندو رهندو هو .... هر قسم جي چونڊن ۾ .... اسيمبلي، لوڪل بورڊ، چاهي پئنچائت جي چونڊن ۾! مذاق به جهجهي ٿيندي هئي.

•••

(2) عظيم اديب، پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندا آهن.

(3) جديد دور کي سمجهڻ لاءِ پهريائين ڪلاسيڪي دور پڙهڻ کپي.

(4) ڏات ناهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي!

(5) ڪيرت جهڙا عظيم اديب ئي آهن، جي پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي، فن ۽ فڪر، ڏات ۽ ڏانوَ، سان سنڌي ساهت کي، سوڍي ۽ سنواري، اُجاري ۽ چِلي، مڙهي ۽ گهڙي، خوبصورت بڻائن ٿا، ۽ چوٽ تي رسائن ٿا. سنڌيت ۽ سنڌي زبان تي جيڪي وار ڪن ٿا، اُنهن سان قلم روپي تلوار رستي وڙهن ٿا، ۽ عظيم اياز وانگر ڏاين کي ڏارن ٿا .... پوءِ صدين تائين، اُنهن جي ڳاٿا ڳائي وڃي ٿي.

"چونڊ سنڌي مضمون ۾" .... مرزا قليچ بيگ کان وٺندي ڪيرت تائين سنڌي ساهت جي مهر ٿي مضمون نويسن جا مکيه مضمون پيش ڪيل آهن. جي گوبند مالهيءَ، شاهاڻي شاعر شاه لطيف کي "ترقي پسند ڪوئيو آهي". ته ڪيرت وري شاه کي، "سماجڪ حقيقت پرست سڏيو آهي."

لطيف فن - ايڪويهين صدي - سدا سهڻا سنڌي - راڳ - شاعر جي ضرورت .... مطلب ته شاه کان وٺندي هريش تائين سيني جو سندر ساهت آهي هنن مضمونن ۾!

ليکڪ ڪيرت، پنهنجي مضمون جي ڪتابن ۾ لکي ٿو :-

(1) سنڌين جي پنهنجي وطن کان ڀاڄ اِتهاس ۾ ڪا پهرين نه آهي.

(2) سنڌي، مهمان کي ڀڳوان روپ ڪري مڃن ٿا.

(3) زمين کان ڪٽجي وڃڻ ڪري، لوڪ ساهت **Folk lore** کان گهڻو دور ٿيا آهيون.

(4) اسان جي بيگانگيءَ جو ڪارڻ هند ۾ هتان جي ماڻهن جو رخ به آهي.

(5) سنڌي جاتيءَ جو مٿيون طبقو، ڪوڪلائپ جي ڏِنِ ۾ آهي.

(6) اسان جو زندگيءَ ڏانهن، حد کان وڌيڪ جڙوادي رُخ.

(7) تهذيب ۽ انسان، پنهنجي ڀاؤنائن ۽ عقيدن سان زنده رهن ٿا ۽

''پيهي منجهہ پاتار'' .... (1) سنڌي مضمون جي اوسر (2) سنڌي ناٽڪ ورهاڱي کان اڳ (3) شاه لطيف (4) سامي (5) مارڪسوادي ۽ جماليات رچناتمڪ پرڪريا.

''چونڊ سنڌي مضمون'' .... ساهتيہ اڪادمي نئي دهليءَ وارن ڇپايا ۽ سنڌي ساهت جي 28 شهسوارن جا مضمون پيش ڪيل آهن ۽ اُهي سمپادن ڪيا آهن قلمي قوّت واري ڪيرت.

''سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد''، ڪتاب ۾ ''سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد''، تي سنڌي ڪهاڻيءَ تي مضمون، جن ۾ هڪ سراسري نظر، ڪلاتمڪ نموني پيش ڪيل آهي.

ڪهاڻين ۾ :-

(1) سنڌيت جو جذبو

(2) زندگيءَ جو وشال نظريو

(3) ڪلا ۾ پرچار

(4) سنڌي ڪهاڻيءَ جو پهريو دور

(5) نوانڻ جي شروعات

(6) ٻئي دور جا مکيہ ڪهاڻيڪار

(7) سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٽيون دور

(8) ''آخرين ڳاله''، ۾ سنڌ اندر هلندڙ هلچل تي ڪهاڻيون.

سنڌي زبان جي آفاقي ۽ الهامي، لافاني ۽ لاثاني، شاعر شاه لطيف، فرمايو آهي :-

''اي ڳت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين!''

قلم ڪار ڪيرت، سنڌي ساهت روپي سمنڊ ۾، ٽپيون هڻي، موتي پڪيڙيا بہ آهن تہ پويا بہ آهن.

آئون سوچيندو آهيان :-

(1) وقت، ذات جي وڏي پرک آهي.

10. "ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي لکڻ جو انداز ئي اور"

هر ليکڪ کي لکڻ جو پنهنجو ڍنگ، عبارت، شيلي، يا اسٽائيل هوندو آهي پر ڪيرت جي لکڻ جو انداز ئي اور آهي.

(1) منهنجي آسپاس منهنجيون شيون اجا تڙيون پکڙيون پيئون آهن. ۽ هوڏانهن ساڄي ديڪ تي انسان تڙيا پکڙيا پيا آهن.

(2) ڪاش! مان هنن شرنارٿين جي مَنَ اندر جهاتي پائي، ڏڌڪائيندڙ چتر چٽي سگهان!

(3) مردود! مون کان سڀ ڪجهه کسي ورتو اٿوَ. منهنجي جياجل سوڌو. باقي ڇا جي تلاشي وٺٽي اَٿوَ!

(4) پيو محنتڪش، عاشق مزاج جوانڙو هو غلام محمد حجام، جنهن کي محبت وچان غلامو، .... غلامو، ڪري سڏيندا هئاسون.

(5) جي تون واٽيو نه هجين ها ته توکي پير ڪري پوڄيان هان!

"نه لئلا نه مجنو"، ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو :-

(1) مان ڪائيءَ سان گڏ وڃي رهيو آهيان. مساڻ شهر کان اڌ ڪوه پنڌ تي آهن. مساڻ طرف ويندي ڪائي کي وئشائن جي دوڪانن وٽان لنگهڻو پوندو آهي. وئشائن جا دڪان ۽ مساڻ لڳو لڳ آهن. هن حقيقت ۾ ڪا نسبت آهي. يا محض اتفاق؟ ائين ته نه آهي ته مساڻن ۾ مڙدا جلندا آهن ۽ هتي آتمائون! يا مساڻن ۾ ساچا مڙدا ويندا آهن، ۽ هنن دُڪانن ۾ نقلي ۽ هٿراڌو مڙدا! پر، اڄ مان پيو ڪجهه سوچي رهيو آهيان.

(2) مون وٽ سوال آهي. جواب ڪونهي. مان ڪجهه ٻُولڻ چاهيان ٿو. پوءِ به خالي خالي! ڪجهه سوچڻ چاهيان پوءِ به ويچار - رهت. مان خود پاڻ کي سمجهڻ کان قاصر آهيان.

هڙئي نموني قلمڪار ڪيرت ئي لکي سگهي ٿو!

جڏهن اُهي شڪ ۾ رهن ٿا. تڏهن تهذيب ٻهي پوي ٿو.

”ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻيءَ“، جي باري ۾ ڪامل ڪهاڻيڪار ڪيرت 1984 ۾ لکي ٿو ته .... ”جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ڪي پنج ڏهاڪا اچي ٿيا آهن .... اُن جو ٻج سنڌ ۾ ئي ورهاڱي کان اڳ پيو هو.

قلمڪار لاءِ، ”گندگي، گندگيءَ لاءِ“، نه پر گندگي چڱائيءَ لاءِ .... آهي .... يعني ڪلا آهي زندگيءَ لاءِ، شروعاتي دور لاءِ پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ جو چوڻ هو ته .... ”اِن دور ۾ مکيه طور ڪميونواد جو پرچار ۽ نعريبازي سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڇانيل هئي.“ پر ڪيرت، اُن ڳاله کي نٿو مڃي.

گوبند مالهيءَ کان ويندي هريڪانت تائين، سڀني سنڌي ڪهاڻيڪارن جي ڪِن ڪهاڻين کي ڪٽي، ڪيرت هڪ عمدي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي ۽ ڪهاڻي ٽن دورن ۾ ورهائي آهي.

• • •

- نہ ليلا نہ مجنو

همڙو لکڻ جو عمدو ۽ انوکو انداز اوهان کي ڪيرت وٽ ئي ملندو.

(1) مَن جي ترپتي، تَن جي ترپتيءَ کان ڪجهہ نرالي ڳالهہ آهي.

(2) عورت کي مرد جي مَن جي تهن اندر وڃڻ جي خوب شڪتي آهي.

(3) مرد ۽ عورت جو رشتو نہ جو جسم جو رشتو آهي ۽ زال - مڙس جو رشتو، پيار جي نرملتا مان پيدا ٿئي ٿو.

(4) مرد کي اگر عورت مان سندس جسم جي تسڪين نہ ملي تہ .... ''تون مون کي وڃائين وهندينءَ'' .... اِهو مرد جو سياويڪ ردعمل آهي.

''پيار جون ڪندون''، ڪهاڻيءَ ۾، ڪيرت هڪ منووگيانيءَ مثل، مرد ۽ عورت جي من جو ڇيد ڪيو آهي.

هاڻي سندس لکڻ جو ٻيو نمونو ڏسو :-

(1) منهنجيون اکيون پورجي ويئون - ائين، جيئن ٻوڏ جي پاڻيءَ مٿان، سُڪل پنن ۽ گاهہ جو تَهہ ڄمي وڃي.

(2) آنسون، جيئن هن آگ تي ڪريا ٿي، تہ ٻاڦ ۾ بدلجي ٻاڦ ٿي هليا ٿي ويا، ۽ آگ تهان ئي تيز ڀڙڪندي رهي. جيئن گرم تئي تي، پاڻيءَ جو ڦڙو وجهبو آهي تہ ''سُون سُون'' ڪري ٻاڦ بڻجي ويندو آهي ۽ پٺيان پنهنجي هستيءَ جي ميٽجڻ جو دونهون ڇڏي ويندو آهي.

- گود ڀريل، دل وئران.

(1) هيئنر نماشام ٿي رهي هئي، پاڇا لڙي ويا هئا. روشني بيمار جيان پيلي پئي رهي هئي، ۽ وايومنڊل، مُنهن اونداهي ڪري لڙائيل پاڻيءَ وانگر ميرانجهڙو پئي ڀاسيو.

(2) نرت تي نہ، سُرت تي هلي رهيو هو.

(3) اسين ڪمري ۾ ويهي ڪجهہ ڏکيا حساب ۽ ڪجهہ پريم جا حساب، سُلجهائي رهيا هئاسين.

(1) مان پنهنجي ڪهاڻي ڪونہ ٻڌائيندس. ٻہ ٻيون ڪهاڻيون ٻڌائيندس. هڪ اها ڪهاڻي، جا پڙهي رهيو آهيان ۽ ٻي ڪهاڻي، دري ۽ ڪان ڏسي رهيو آهيان.

- پيار جون ڪنبون.

(2) ائين ڇو آهي جو جنهن بہ مڪان ۾ اسين اچي رهندا آهيون، بيڊروم جي سامهون واري گهر ۾، هميشه ڪا سهڻي ڇوڪري اچي رهندي آهي؟

- پيار جون ڪنبون

(1) پريم ڪان ائين وانجهيل آهي، جئن يتيم ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جي سنيه ڪان.

(2) ميران هڪ ڪتابي ڪردار آهي، لڪشمي جيون جو ڪردار آهي.

(3) من جو ماڻ مرتبو، گهر ۾ ائين وڌنڙ آهي، جئن بازار ۾ اڇوڪي زماني ۾ شين جو اگهہ.

(4) سامهون گهر جي درين ۽ دروازي تي پڙدا لڳي ويا هئا. ڇڻ ڪنهن جي آتما کي، پڃري اندر بند ڪيو ويو هو.

(5) دل ڪاڄهہ اهڙي نموني ڪڙاهڻ لڳي، جئن ڪاڄهہ سوادي طعام کائيندي، ڇپ کي چڪ پئجي ويو هجي.

(6) مرد پنهنجي استريءَ کي نہ پر ڏاري استريءَ کي چاهيندو آهي.

(7) راوڻ، سيتا کي کڻي وڃي ويو هوندو ۽ هت تہ راوڻ، لڇمڻ جي ليڪي ۾ گهڙي ويو هو ۽ رام، حاضر هوندي بہ بيوس هو.

(8) هيٺ لهڻ سولو آهي. مٿي چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جيوَن ۾ بہ ائين آهي.

(9) ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ .... آنند اسان جي ڪٽنب جو پيو نالو هو. خوشي اسان لاءِ ڄڻ اباڻو ورثو هئي.

ماتا پتا جي پيار جو ڪوٽ ڪري پيو.

(10) پريم، جيوَن لاءِ نيون راهون گهڙيندو آهي.

11. "شاه لطيف جو شيدائي قلمڪار ڪيرت"

سنڌي زبان جو لاثاني ۽ لافاني، الهامي ۽ آفاقي ڪوي آهي، شاه عبدالطيف (1752 - 1689). هن مهاڪويءَ جو گهرو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ آنءُ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، تہ جنهن سنڌي ساهتڪار، هن لاثاني ڪويءَ کي نہ پڙهيو ۽ پاتو، تہ اُهو ساهتيڪار، عالي اديب نٿو ٿي سگهي. ڪيرتيءَ واري قلمڪار ڪيرت جي قلم واري ڪلا ۾، شاه جا بيت، موتن مثل مڙهيا ۽ گهڙيا پيا آهن. شاه تي مون بہ ٻہ ڪتاب (1) شاه عبدللطيف - هڪ فيلسوف (2) جديد دور ۾ شاه جي بيتن جي مُناسبت، لکيا آهن. هاڻي اچو تہ ڪيرت جي قلم ۾ شاه جا بيت جهونگاريون :

"(1) اجان رُڃ مان رَڙِ اچي ٿي،
متان ائين سمجهين، مُنا مورسارا!"

(2) "پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهين،
هنا اڳهين گَڏُ، ٻَڌَڻ ۾ ٻہ ٿيا."

(3) "ماندي ٿيءُ نہ مارئي، اَلاه يِي آهي،
سؤ سالن جا ڏُکڙا، هڪ لحضي ۾ لاهي!"

(4) "مرڻا اڳي جي مُئا، سي مَري ٿين نہ مات،
هونداسي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا."

قلمڪار ڪيرت جي خيال موجب پٽائي گهوٽ، شاه لطيف، سماجڪ حقيقت پرست هو. اَچو تہ سندس خيال پڙهون :-

"شاه، عام جيوت جي تصويرڪشي ڪئي آهي ۽ جيون جي ڪئنواس تي دلپزير ۽ حيرت ڀري نظر ڦري آهي. سُر سارنگ ۾، مينهن جي وسڻ سان خلق ۾ سُرهائي. سُر ڪاموڏ ۾، مُهاڻن جي جيون ۽ سمي سردار چام تماچيءَ جا مهاڻن سان وڙ. سُر سامونديءَ ۾، وڻجارن ۽ وڻجارين

(4) سندس سرير تہ سمنڊ پرسان پيل پٿر وانگر سوراخيل هو ئي، پر سندس نور بہ اُجهامي چڪو هو.

(5) اسٽول سرير باہ جي ناچ ٽڪرن ۾ ۽ پوءِ سوڪيم رَک ۾ بدلجي رهيو هو.

(6) شانتيءَ سان سمهڻ ۾ بہ راضي نہ آهيان - مون وٽ سوال آهي. جواب ڪونهي.

(7) چوندا آهن .... ”خون ۽ ڪستوري لڪندو نہ آهي.“ پر هاڻي اهو پهاڪو بدلائي لکاجي تہ .... ”پريم ۽ ڪستوري لڪندو نہ آهي.“

(8) مان اهڙي ماجرا ڪيئن سليان، جڏهن پاڻ بہ اُن ناٽڪ ۾ پاٽ ادا ڪري رهيو هوس؟

(9) اوچتو هڪ خيال منهنجي دماغ مان ائين شعاع ڪري ٻاهر نڪتو، جئن بادلن جي ٽڪرجڻ ڪري وڄ جو چمڪاٽ ٿيندو آهي.

چون ٿا غالب جي چوڻ جو انداز ئي اور هو.

آئون سوچيان پيو : ڪيرت جي لکڻ جو انداز ئي اور آهي!

•••

هيو ڏک پُنهل جو،
ٻيون ڏک ستين جو،
چوٿون ڏک وطن جو!
اي منهنجا ماروئڙا! اوهان چو نہ ٿا عُمر جا قهري ڪوٽ ڪيرايو. ’ڇا مان اوهان جي لڄ ناهيان؟ ڇا مان اوهان جي عزت نہ آهيان؟
(1) ”ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا!“
”محبتي ميڙي، ڳوٺ ڳڌجي هڪڙو،
تنهي جي ويڙهي، پاڻ هي ايندو پاتشاه.“
(2) ”پاندي پرين پنهوار کي چوان، ائين چئيج،
سندا سنگت ڏينهڙا، ورمَ ويساريج،
ڪوٺن ڪُٺي آهيان، سيگهہ سار لهاج.“
(3) ”پئي ڪٺي پَساه، پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.“
(4) ”صالم سڪي جينءَ، راڏان جي آواز کي،
مؤن تَن اندرتينءَ، اُڪنڍ، اَباڻن سين.“
(5) ”ٿورا ڪيئي ٿورا، مون تي ميهريار جا،
ٿر ۾ واري ٿوري، اُن کان گهڻيرا.“
(6) ”اڄ پڻ اکڙين، ساجڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سَندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي ناه لهي.“
شاه وانگر قلمڪار ڪيرت بہ حسن، حب، ۽ حدايت، جو ڪوڏيو آهي.

•••

جو احوال. سُر گهاتو ۾، مهاڻي مورڙي جي سوُرمائي. سُر ڪيڏارو ۾، ستمگيرن تي ڦٽ لعنت. سُر مارئيءَ ۾، ٿَرَ ڇائي غريب مارئيءَ جو سيل، ست، ۽ حب الوطني. سُر سورٺ ۾، موسيقي ماحول ۽ سُرَ تي سِرُ ڏيڻ جو قصو آهي."

"شاه جا سورما ۽ سورميون ساڌارڻ شخص آهن. شاه، استري ذات کي عظمت، انقلابي ويچار، محبت، موسيقي، ڌرمي ڀيد ڀاو کي نندڻ، سماجڪ سڄاڳي، سياسي حالتن تي چوٽ، سماجڪ ۽ آرٿڪ نظام، تي ڪڙي ٽيڪا ۽ آخر ۾ انساني برادري ۽ سڀ جو ڀلو .... جا گُڻ اسان کي سيکاريا آهن. شاه جي بيتن ۽ واين جو هِڪڪ جنم ڪان ئي، سادي، سوُدي، سنڌي عوام، سان گهرو لاڳاپو آهي، ۽ آهي عوام جي جيوَن، سندن غم، ۽ خوشيون، توڙي اُمنگ، ارمان، ۽ آشائون، .... انهن سيني جو اولڙو شاه جا سورما ۽ سورميون آهن."

شاه، سماجڪ حقيقت پرست هو اُن ڪري ئي، هن جي بيتن جي اوٽ وٺي، عظيم اياز، جي. ايم. سيد، ۽ ٻين شعور وارن شخصن، اڄ جي دور ۾ ڏاڍن کي ڏاري وڌو.

ڪابل مان غلام محمد لغاريءَ پنهنجي ڪيرت ڏانهن لکيل خط ۾ شاه کي جهونگاريو آهي:-

(1) "ڏُڪاريا ڏيه ۾، موزي سڀ مرندا،
پلر جي پالوٽ سان، گسن تي گاه ٿيندا،
سگهاريون سکيون ٿينديون،
ٻانهيون - ٻايون - سايون ۽ رايون،
ڏهي مکڻ جون ماٽيون ولوڙينديون،
(2) حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو"

ٻِريا، سنڌ مان هڪ محترما "مارئي" نالي واريءَ پنهنجي خط ۾، جو هن ڪيرت ڏانهن لکيو هو :-

"سَسئي آهيان، مسئي آهيان،
هڪ ڏُک ڀنيور جو،

”مٿان سمجھو تہ اسان جي پاسي واري ملڪ ۾، عوام مٿان ويل وهايا ويندا تہ پارت اکيون پوري لاچار بڻجي ڏسندو رهندو. پارت جي اها پرمپرا آهي تہ مظلومن جي حمايت ۾ اُٿي کڙو ٿيندو آهي.“

هيءُ ڪتاب پنهنجي وقت جو، سنڌيت تي هڪ دستاويز آهي.

جام ساقي لکي ٿو:-

”پاڪستاني تہ مان صرف ٽيهن سالن کان آهيان.

مسلمان بہ مان تيرهن سؤ سالن کان آهيان.

سنڌي تہ مان پنج هزار سالن کان آهيان.“

(هيءُ اُن وقت جي ڳالھ آهي جڏهن جام ساقيءَ کي ”راولپنڊي منصوبي واري ڪيس“ ۾ اٽڪايو ويو هو.)

•••

12. "سو سَڏسو پڙاڏو" - سنڌيت تي هڪ دستاويز

"سو سڏسو پڙاڏو" .... هن ڪتاب ۾ سوين خط آهن، جيڪي سنڌ جي سوُرويرن، ڪيرت کي لکيا ۽ سنڌيت جو سمورو احوال تاخليقار ڪيرت کي ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ هند ۾ رهندڙ، "سنڌيت جي ساڄڻن"، جهڙوڪ موهن ڱيهاڻي، ڪلا ۽ موتي پرڪاش، لڇمڻ ڪومل، نرناجن، چندر سانولاڻي، ڪمار تياجواڻي، هري همٿاڻي، رام پنجواڻي، ڱيتا راج (لنڊن مان) ڀڳوان اٽلاڻي، اُتم، ڪرشڻ کٽواڻي، حاسد، ڪيرت، مهرچنداڻيءَ به خط لکيا آهن.

سنڌ مان .... بيدل مسرور، ادل سومرو، انعام ڀٽي، همايون، سيال، قادربخش، غلام محمد لغاري، هن پستڪ ۾ ڪيترائي خط ڊبئيءَ مان به آيل آهن.

ڪن خطن جا، ڪيرت جا ڏنل جواب به آهن.

مطلب ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي تواريخ جو هڪ حصو آهي .... سنڌيت جي جدوجهد آهي. سنڌ ۾ سنڌين، سنڌيت، سنڌ، سنڌي ٻولي، ۽ ٻين حقن، حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمڙي جدوجهد ڪئي اُن جو احوال آهي.

هر شعور واري سنڌيءَ کي هي ڪتاب پڙهڻ کپي.

ڪراچيءَ مان ڪيرت کي موتي لال لکي ٿو :-

"پاڪستان ۾ حالتون ڪڏهن به ٺيڪ ٿيڻ واريون نه آهن."

اندرا گانڌيءَ جي ڏينهن ۾، سنڌ جا سنڌي، اِهو آسرو رکي ويٺا هئا، ته اندرا کين ناجات ڏياريندي.

اندرا فرمايو هو :-

(3) اي جي اُتم :-

''هو سنڌيت جي هلچل جو هڪ برجستو، هڏ ڏوڪي، ۽ اَٽڪ، ڪاريہ ڪرتا هو. ڪوبہ ڪم هٿ ۾ کڻندو تہ اُن کي اوس پورو ڪندو هو.

ڪو وقت هو جو، ''نئين دنيا''، رسالو ترقيپسند ادب ۽ سنڌيت جي هلچل لاءِ هڪ زبردست هٿيار هو. جڏهن ترقي پسند گروہ ۾ آپسي متڀيد وڌي ويا، تہ آخر هيءُ رسالو، اي جي اُتم کي سونپيو ويو، جنهن ڪافي سال انفرادي بنياد تي رسالو هلايو ۽ پوءِ بند ڪري ڇڏيو.

اٽڪل ويهارو سال، مالهي، اُتم، ۽ ڪيرت، واري تمورتيءَ جي مضبوط پُنيد، سنڌي هلچل لاءِ وردان بڻي .... پوءِ آهستي آهستي، اُتم جي ڪڙي سياءَ، خشڪ هلت، ۽ انتها پسند رخ، سبب اديب دوست، ويا ناراض ٿيندا، آخر ڪنهن وقت، اُتم، غلط پاونا ۽ غصي ۾ اچي، سيا ۽ هلچل کان الڳ ٿي ويو.''

(4) جي.ايم.سيد :- (1904-1995)

''جن، سنڌ ۾، سوماڻ ۽ غيرت جو جهنڊو بُلند ڪيو، جي.ايم.سيد، اُنهن ۾ اول قطار ۾ هو، هو ''جيئي سنڌ'' تحريڪ جو اَبو ڪري ٿو ليکيو وڃي، هن 30 سال جيلن ۾ گذاريا. هن سنڌ پريم تي اٽڪل 50 ڪتاب لکيا.

جيئي سنڌ کان متاثر ٿي، اسان هند ۾ ''سنڌي محاذ'' نالي پليٽفارم کڙو ڪيو.

''سنڌوءَ جي ساڃاہ''، ڪتاب، جي.ايم.سيد جي، محنت، اَپياس، ۽ مشن، جو نچوڙ آهي .... آتمڪ، پلمنسائي، ۽ ڪٽرتا کان نفرت، جهڙن گڻن جو سهٽو ۽ شفاف درشن ملي ٿو هن وٽ.

(ڪيرت، جي.ايم.سيد، جا چار ڪتاب، هند ۾ شايع ڪيا ۽ سنڌ جي سنڌي هلچل کي ترجيح ڏني)

بد - دماغ پاڪستاني اڳوانن کي جي.ايم.سيد جي تقريرن مان، بغاوت جي بوءِ آئي، هن کي 1992 ۾ گرفتار ڪيائون. 40 مهينا جيل ۾ هو. آخر 1995 ۾ راہ رباني ٿيو.''

13. ”شعور وارين شخصيتن تي ڪيرت جا تاثر“

(1) موهن پنجابي :-

ڪلمڪ ۽ يار ويس. ڪراچيءَ ۾ برپا ڪيل پبلشنگ هائوس ۾ ساٿس گڏ ڪم ڪندي ڪيس ڏاڍو ويجهو آيو هوس. ڪارٽر روڊ تي جئه هند ڪاليج جي شاگردن لاءِ هاسٽل طور رهائش لاءِ جيڪي ڪاچيون ٻئرڪون هيون، موهن پنجابي هالي اُتي رهندو هو. ٻهاري چاهڙيا ۽ موهن پنجابيءَ جي سنڌ ڪان وٺي پاڻ ۾ نه پوندي هئي. ٻهاري وڏيڪ بغضي ۽ رکو روح هوندو هو.

(ڪيرت جا پيا ساٿي جن سنڌيت جي سينڌ ۾ ستارا سجايا :- مالهي، اُتم، گوبند پنجابي، موهن ڪلپنا، موهن گيهاٽي، سندر اگناٽي، پوپٽي هيرانندااٽي وغيره)

(2) موهن ڪلپنا :-

1950 ڌاري ”سنڌي ساهت منڊل“ ۾ ترقي پسندن خلاف هڪ ٻي ڌُر پيدا ٿي، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لال پشپ جي. **1960** ۾ هري موٽواڻيءَ، ”ڪونج“، ماهوار مخزن ڪڍي ڪئي، هن ڪي موهن ڪلپنا جون لکٽيون وٽنديون هيون. اڳتي هلي موهن ڪلپنا ترقي پسندن خلاف رخ بدلايو. ٿڌو ٿيو ۽ ترقي پسندن کي صحيح معنيٰ ۾ سچاتائين ته هو سنڌي ادب جا حامي آهن. موهن ڪلپنا تي مارڪس جو ٻه اثر ٿيو ۽ هو ڪميونسٽن کي ٻه همدردي ۽ ويجهڙائيءَ جي نظر سان ڏسڻ لڳو.

موهن ڪلپنا، سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي جاتيءَ جو سچو شيدائي هو. هن وٽ شڪتي ۽ سوچ جو ڀنڊار هو ۽ جي اُن کي پورو ۽ صحيح دڳ ملي وڃي ها، ته اُن مان گهڻا ئي ڪارائتا نتيجا نڪري سگهن ها. هو سنڌونگر کي ايترو پيار ڪندو هو جيترو سنڌ کي.

14. ”ڪيرٽ جي ڪلا ۾ رومانس“

رومانس - پيار - محبت - عشق - هڪ اهو جذبو آهي جو ڪلاڪار ۽ قلمڪار کي اوناچائيءَ تي ٿو پهچائي.

”هيءُ بهشت جا قُبا
چترڪار جي ڏني
جن کي اجنتا جي غفائن ۾
پهريون دفعو
مليو هو پرواز
جن کي ڪاجوراهه ۽ ڪونرڪ ۾
ڦوهه جواني ملي
۽ منهنجي نظرن ۾
آهي ملي ڪين
ازل جي سونهن
۽ نه مٽجندڙ ترشنا.“

”ڪلاڪار ڪيرٽ لکي ٿو :- انساني شرير، قدرتي طرز تي هڪ زوردار ڪشش جو مرڪز آهي. الڳ جنس وارا شرير ته ڄڻ هڪٻئي طرف چقمقي طرح ڇڪجي ٿا وڃن، اَنت ۾ سنگم جي ترپتي ۾ پرڦلتا ٿا پائن.“

”سندس ڇاتيءَ جو نرتيه متمست ڪندڙ هو. سڄي سرشتيءَ ۾ استري، سندر ۾ سندر وَستو آهي. ۽ سندس اُهو انگ، وري سرڳ جي ميوي وانگر لپائيندڙ آهي، ويتو ڏسجي، ته ڪڏهن به دل نه ڍاپي. گوپي ۽ منهنجيون اکيون هڪ ٻئي کي سندر سنيها ڏيئي رهيون هيون.“

(5) سوڀو گيانچنداڻي :-

''شانتينڪيتن مان پنهنجو آخرين امتحان ڏئي، سوڀو اچي پنهنجي ماڳ ڪراچيءَ پيڙو ٿيو. وديارٿي هلچل ۾ وري چرپر شروع ٿي ويئي. وديارٿين ۾ ٻه ٽريون هيون، هڪ ڪانگريس پارٽيءَ طرف ته ٻي ڪميونسٽ پارٽيءَ طرف. پر وديارٿين جي حقن لاءِ ٻئي يڪمشت هئا.

سوڀو پنهنجي عمر کان وڏيڪ بزرگ، گنڀير ۽ ڏاهو، تي چڪو هو. سوڀو، سنڌ ۾ اڄ ٻه اُها اُتاهين شخصيت آهي، جنهن کي پاڪستان جو ننڍو وڏو نيتا، احترام سان ڏسي ٿو. شيخ اياز، سنڌ جي عظيم شاعر، سوڀي جي ٻيٽ، ''موهن جي دڙي جي عظمت''، سان ڪئي آهي. منهنجي جيون ۾ سوڀي جي ڪردار ۽ ويچار جو وڏو اثر پئي رهيو آهي.''

(6) حشو ڪيولراماڻي :-

''شعور واري شخصيت، جنهن شروعات ۾، دهليءَ ۾، اڳواڻي ڪئي، سا هئي حشو ڪيولراماڻي. سنڌي ٻولي ڪنوينشن جي وقت 1957 ۾، هو ''دهلي سنڌي سماج'' جو پرڌان هو.

هو، دهلي ڇڏي اچي ممبئيءَ ۾ وسيو. پر سندس ذهني ميزان ٺيڪ نه هو. اَهم جي احساس ۾ مبتلا هو. ايڏو عقل جو صاحب، جنهن کي مائٽن ڪليڪٽر بڻجڻ لاءِ انگلنڊ موڪليو هو، تنهن جي هِڙِي نڪمي زندگيءَ، اسان کي ڏڏڪو پهچايو. آخر لاوارثن وانگر ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي سمهي پوندو هو. آخرين ڏينهن ۾ اُلهاسنگر جي مسائن ۾ رهندو هو .... پوءِ اوچتو لاپتا ٿي ويو.

هڪ اعليٰ سنڌي ٻڌيمان جي پڇاڙي، هِڙِي تنگ دستي ۽ دردناڪ نموني ۾ ٿئي، سا نهايت پيڙادائڪ، ۽ اسان سڀني لاءِ حيف لائق آهي.''

•••

مون تي هرک هاري چڪي هئي. اُن وقت مان شادي شده هوس. چيومانس : ”شادي شده آهيان“ چيائين : ”ڄاڻ اٿم، نہ تہ هن ڪان اڳم توکي اُڏائي الائي ڪٿي ڪٿي وڃان ها.“ ڪجھہ ڏينهن رکي هڪ ڪوتا لکي موڪليائين، جنهن ۾ دل جي نازڪ ڀاوَنائن جو درياہ پلٽيل هو ۽ گَهرن اَحساسن جي ٻوڏ هئي، اَهڙي، ”پلئٽونڪ پريم“، ڪان منهنجو من ۽ ذهن لُڏي ويو. پر جلد ئي من تي قابو پائي ورتم.“

•••

”پيار، دل جي هڪ عجيب ڪيفيت آهي. هڪڙو اهڙو ياوَ آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر اُن جو بيان ڪرڻ يا اُن کي اظهارڻ، ڏاڍو ڏکيو آهي. لفظ ڪيترا نہ ڪمزور و اهڻ آهن!“

”استري پريم ۾ اجهل آهي، حساب ڪتاب ڪونہ رکندي آهي، - وهنوارڪ ڪانہ آهي.“

”جوڀن واري اوستا ۾ پريم - پتر انوکي مستيءَ جو احساس ڏيندا آهن، عجيب نشو تاري ٿي ويندو آهي.“

”مون توکي سچو پيار ڪيو آهي. مان صرف تنهنجي آهيان. تنهنجي لاءِ ترسنديس. تون منهنجي لاءِ ترساجانءِ!“

”.... ائين پيار جي مئر موٽ پائي، ۽ پيار جو سچو قول ڏيئي، مان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويس.“

هڪ ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي سونهن جو ڪهڙو نہ عمدو چٽرت چٽيو اٿس.

.... ميران جيڪا نازڪ آهي، سندر آهي، موهڻي آهي، چنچل آهي، سندس چهري کي ڪمل گُل سان، ڏندن کي موتيءَ جي داڻن سان، اکين کي نرگس گُل سان، زلفن کي واسينگ نانگ سان، قدَ کي سروَ جي وڻ سان، پيٽ ڏيئي سگهجي ٿي. مطلب تہ هن جي هڪ هڪ انگ کي سهڻي ۾ سهڻي تشبيه ڏيئي سگهجي ٿي. ڪويءَ جي ڪلپنا جون سڀ وصفون موجود آهن .... هن ۾ نهر جي مٺرتا آهي، ڪمل جي ڪوملتا آهي، چانڊنيءَ جي سيتلتا آهي، انڊلٺ جي رنگيني آهي، نرتيہ جي نزاڪت آهي، سنگيت جي لئہ آهي....

”پريم“ لفظ ۾ سندرتا، پوترتا، نبرتا، ڪوملتا، چنچلتا، محڪمتا، نازڪتا، مهانتا، ۽ ٻيون ڪيتريون تائون سمايل آهن.

- هڪ ڪهاڻي ۾ ڪردار.

قلمڪار ڪيرت لکي ٿو :-

”سنڌي ساهتڪ هلچل ۾ ڪم ڪندي پڻ هڪ سنڌي ليکڪا.

ڪهاڻي، ننڍي ڪهاڻي، مِني ڪهاڻي، بنان عنوان ڪهاڻي، جديد ڪهاڻي وغيره.

منهنجي خيال موجب، هڪ ڪهاڻيڪار کي جاڳائيندڙ عوام ۾ پيارو بڻائي ٿي اها آهي .... ”اُتسڪتا“، ”انتظار“.

”ڪهاڻي“ .... اکر ”ڪهڻ“ مان نڪتل آهي، جنهنجي معني آهي ”چوڻ يا ٻولڻ“.

ڪهاڻيڪار ڪيرت جون ڪهاڻيون .... ترقي پسند دور جون ڪهاڻيون ڪري ڏٺيون ملجيون وڃن. هن صاحب چار ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ڪيا آهن.

”سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد“ 1984 ڪتاب ۾ هن سرجڻهار لکيو آهي تہ .... ”جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر کي پنج ڌماڪا اچي ٿيا آهن. اُن جو ٻاج، تہ سنڌ ۾ ئي ورهاڱي کان ٿورو اڳ چٽيو ويو هو. پر اُها قلمي قولي، ورهاڱي کان پوءِ واري عرصي ۾ آهي.“

وڌيڪ هي صاحب لکي ٿو .... ”ڪلا ڪلا لاءِ نہ“ پر ڪلا زندگيءَ لاءِ آهي. زندگي پنهنجي ليکي موٽ ڪائيندڙ ڪانهي .... زندگيءَ ۾ هڪ وهڪ آهي جا گندگيءَ کي ٻهاري وڃڻ چاهيندي آهي. ورهاڱي کانپوءِ واري شروعاتي دور کي ”ترقي پسند ڌارا جو دور“، سڏيو ٿو وڃي.“

هن صاحب، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، آنند گولاڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪرشن کٽواڻي، اُتم، ڪرشن راهي، چيتنانند تاب، ٿَتن پرسواڻي، موتي پرڪاش، سڳن آهوجا، ڪلا پرڪاش، ڪشور پوهوجا، سڳن آهوجا، ايشور آنچل، نارائڻ ڀارتي، پوپٽي هيرانندڻي، ليکو تلسياڻي، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ، گوورڌن ڀارتي، ايس بالاڻي، هيمو ناگواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، سندر اگناڻي، آنند ٿهلراماڻي، سنتو چاندواڻي، لکمي کلاڻي، موهن ديپ، وشنو ڀاٽيا، آنند کيماڻي، شيام جيٺنگهاڻي، هريش واسواڻي، هريڪانت جيٺواڻي، .... وغيره ڪهاڻيڪارن جي مکيہ ڪهاڻين جو عمدو، عاليءَ فنائتو چيد ڪيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌي ڪهاڻيءَ کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي.

15. "ڪيرت هڪ ڪامل ڪهاڻيڪار"

ڪهاڻي هڪ ڪلا آهي جا هر ليکڪ جي وَسَ جي ڳالهه نه آهي. ڪهاڻي آهي زندگيءَ جي تصوير ۽ تنقيد ۽ نقطاچيني. ڪهاڻي ايترو پراچين آهي جيترو خود انسان. انسان خود به هڪ ڪهاڻي آهي. ڪابه ڪهاڻي نئين نه آهي پر ڪهاڻيڪار جي اندر جيڪا ڪلا لڪل آهي، اُها ڪهاڻيءَ کي نئون روپ بخشي ٿي. اُن ڪري اسان کي ڪهاڻي، نئين نظر اچي ٿي.

ڪلا جا ٽي ڪارج آهن .... "ڪلا ڪلا لاءِ"، "ڪلا زندگيءَ لاءِ"، ۽ "ڪلا اخلاق لاءِ".

شروعات ۾ ڪهاڻيءَ جو مکيه ڪارج هوندو هو "وندر ۽ ساکيا"، پر اڄ ڪهاڻي، ادب جي ٻين شاخن وانگر، سوچڻ لاءِ به مجبور ڪري ته اُها بهتر ڪهاڻي آهي، منهنجي خيال موجب.

ڄاڻن جو چوڻ آهي ته جديد مختصر ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914 ڌاري ٿي. هر ڪهاڻي، ماحول جي اثر جو اظهار آهي ۽ آهي اردگرد جي فضا جي پيداوار. ڪهاڻي فقط زندگيءَ جي هڪ جهلڪ آهي. جيستاءِ سماج آهي ڪهاڻيءَ جو وجود آهي.

اڄ ڪهاڻي ئي آهي جيڪا سڀني ادبي شاخن ۾ ڀرپور مال آهي ۽ اُها اڄوڪي يگ جي آتما ۽ مجاز سان ٺهڪي اچي ٿي.

ڪهاڻيءَ جا به قسم آهن : واقعي واري، ڪردار واري، ماحول واري، سيرت واري، ڀاونا واري وغيره. ڪهاڻيڪار کي دلچسپي، ڄاڻ، سڃاڻ، دوستي، وغيره هئڻ کپي وشيه سان. ڪن ڪهاڻيڪارن جو وري رايو آهي، ته ضروري نه آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ "ڪٿا" وارو انش هجي.

قلمڪارن، ڪهاڻيءَ کي نالا به بخشيا آهن :-

(1) ''هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ڪردار'' :-

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن نائڪائن .... ''ميرا''، جا سيٺي آهي ته شاهوڪار به آهي ۽، ''لڪشمي''، جا غريب آهي ۽ ٻهاري ٻاسڻ .... جو ڪم ڪندي آهي .... انهن جي پيٽ ڪيل آهي.

ميرا بهار آهي، ته لڪشمي سرءُ آهي. ميرا سندر آهي، ته لڪشمي سُڪل آهي. ميرا رسدار آهي، ته لڪشمي بي رس آهي. ميرا ڪلاڪار آهي، ته لڪشمي ڪامگار آهي. ميرا محل ۾ رهي ٿي ته لڪشمي چال ۾ رهي ٿي. ميرا هڪ دفعو ٻار ڄڻيندي آهي ته لڪشمي هر سال ٻار ڄڻيندي آهي. لڪشميءَ جو مڙس، اُن کي مردانگيءَ جو ثبوت سمجهندو آهي.

ٻن ڪردارن کي ڪٽي ڪيرت هڪ ڪومل ڪهاڻي اُٽي آهي .... شاهوڪاريءَ ۽ غريبيءَ تي!

(2) ''راڌا، اڃا موهن پرچائي نه سگهي.'' :-

سُڌير جي پاڙيسرڻ هئي راڌا ۽ اُن جو گهوٽ هو موهن. موهن ۽ سندس ڪنوار راڌا جي وچ ۾ پرچڻ ۽ رسڻ جو ناٽڪ پيو هلندو هو. جڏهن سُڌير راڌا جي بچاءَ لاءِ ٽنگ اڙائي ٿو ته راڌا جي مار کائي ٿو. مڙس، کهڙو به هجي، پارتي ناري، ٽياڪڙ جي دستندازي نٿي سهي سگهي.

(3) ''فيصلو'' :-

پيار ۾ دماغ کان وڌيڪ دل جو واسطو آهي. پريم، جيون لاءِ نيون راهون گهڙيندو آهي.

انيتا، ''مون''، نالي واري ڪردار کي پيار ڪريٿي، پر پنهنجي ماءُ ڏانهن جو ابدارين جي ڪري پيار جي موت نٿي ڏئي .... آخر محبت .... جيوَن جيئڻ جي راه گهڙي ٿي ۽ اَنيتا محبوب سان ملي ٿي.

(4) ''ڊپ'' :-

زندگي ۽ موت ڇا آهي؟ جيڪڏهن زندگي ابتدا آهي ته موت اَنت آهي! سڀ خيال آهي، صرف خيال آهي. ابتدا به خيال آهي ته انتها به خيال آهي. خيال خود به خيال آهي. خيال کان ٻاهر، ''ناه''، آهي .... ''ناه'' ..... خود به ته خيال آهي.

''ڪهاڻي'' معني ''ڪلا'' ۽ ڪلا معني ''رس''. هندي ۽ سنسڪرت ڀاشا ۾ تہ ڪلا جي پرک، رسن مان ئي ڪئي ويندي آهي. ڪُل ڏہ رَسَ آهن (1) شرنگار رَسُ (سونهن - پريم) (2) وير رَسُ (ويرتا) (3) ڀيتس رَسُ (ٻاڇان جو اظهار) (4) ردرس رَسُ (غصو) (5) اديت رَسُ (حيرت) (6) ڀيانڪ رَسُ (7) ڪروڻارس (درد) (8) هاسيہ رَسُ (کل خوشي) (9) شانت رَسُ (شانت جو احساس) (10) واتسليہ رَسُ (ممتا جو احساس)

هاڻي اچون قابل ڪهاڻيڪار ڪيرت جي ڪهاڻين تي، (هن صاحب، لوڪ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن .... سندس پستڪ آهي ''اپول راڻي'')

(1) نہ لئلا نہ مجنو :-

1987 ۾ ڪيرت جي ڪهاڻين جو مجموعو، ''نہ لئلا نہ مجنو'' - بيست سنڌي سيا شايع ڪيو. اُن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مون لکيو هو :- ''ڪهاڻيڪار ڪيرت پنهنجي ڏاتِ، ڏانوَ ۽ ڏاهَ سان جيوَن جي ڪنهن پهلوءَ، پرڇائيءَ، يا ڪنهن واقعي، ۽ ڪردار، وغيره کي ڪٽي، اسان جي دک ۽ سک، اُمنگ ۽ اُتساه، آشا ۽ نراشا ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو، ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ڏسُ پڻ ڏئي ٿو.

هن ڪتاب ۾ ڪل 10 ڪهاڻيون آهن :-

(1) هڪ ڪهاڻي ٻہ ڪردار

(2) راڌا، اچا موهن پرڇائي نہ سگهي

(3) فيصلو

(4) ڊپ

(5) پتني، پاڳل، ۽ پياري ٻلي

(6) حجامت

(7) واهياتپڻو

(8) نہ لئلا، نہ مجنوُ

(9) گود پريل، دل وئران

(10) پيار جوُن ڪنڊوُن،

چون ته ڪلپنا کان حقيقت وڌيڪ ٿيندي آهي. پر هن ڪهاڻي ۾ ڪلپنا وڌيڪ آهي. 20 صديءَ جي مهان وگياني آلبرٽ آئنسٽائين فرمايو هو :-

Imagination is more powerful than knowledge

يعني، "ڪلپنا، گيان کان وڌيڪ بلوان آهي".

لڳي ٿو هي ڪهاڻي ليکڪ جي سوٽ ۽ ماسات ڊولوءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو ذڪر هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪيو آهي.

پر هن جو سوٽ ڊولو .... نابين .... هڪ مسلم نازنين سان عشق ته ڪري ۽ اُن ۾ ڪامياب ڪونه ٿو ٿئي .... هي پويون اڌ ڪهاڻيءَ جو ڏيکاري ٿو ته ليکڪ جي ڪلپنا شڪتي، حقيقت کان وڌيڪ طاقتوَر آهي.

هن ڪهاڻين جي ٻُڌڪي جي، هيءَ بهترين ڪهاڻي آهي.

ليکڪ، پنهنجي سوٽ ڊولوءَ جي ڪائيءَ سان ويندي ويندي ڊولوءَ جي ماضيءَ ۾ کوهاڻي ٿو وڃي.

هن ڪهاڻيءَ کي قابل ڪهاڻيڪار ڪيرت، جنهن ڪلائيميڪس تي (چوٽيءَ تي) پهچايو آهي .... اُهو وڌيڪ عالي، ۽ عمدو آهي.

"ڪا اجنبي عورت هائيون چونڊي رهي هئي .... پر منهنجيون اکيون چمڪي اُٿيون، هيءَ به ته گنگا (رحيما) آهي .... وڌيڪ پويتر، وڌيڪ گهري، ۽ وڌيڪ زنده! مان هائيون هن کي ڏئي ڇڏيان ٿو ۽ صرف رک ڪٽان ٿو ....

(8) "حجامت" :-

هن ڪهاڻيءَ ۾، "هڪ ٻالهيندڙ لاش جي ٻاله". آهي .... هڪ بزرگ جي ڪهاڻي .... هو ڪلجڳ جو رام بڻجي ٿو، جنهن کي سچ ٻالهائڻ جو حق نه آهي.

هن بزرگ جا پنهنجا ئي آخر ۾ هن کي نٿا سڃاڻن. اهو هڪ دردناڪ مرثيه آهي.

ڪهاڻيڪار ڪيرت جون ڪهاڻيون صحيح معنيٰ ۾ جديد آهن ۽ آهن ترقي پسند.

هن ٻوڙهي مسئلي تي هڪ پروفيسر جي سوچ جو ساڳر آهي، هن ڪهاڻيءَ ۾.

آخر ۾ ليکڪ سوال اُڇليو آهي پاٺڪن لاءِ، تہ موت ڇا آهي ۽ زندگي ڇا آهي؟

منهنجي خيال موجب : هن سوال جو جواب هندو فلاسافيءَ وٽ آهي :-

(1) زندگي آهي ساچ، سنائي، ۽ سونهن جي تلاش.

(2) جو ڄمي ٿو سو مري ٿو، ۽ جو مري ٿو سو ڄمي ٿو.

آخر ۾ آنءُ عظيم اياز جو بيت دهرائيندس.

''اچي ٿو ميڪارُ، موت تہ سيني جي مٿان،
مُئي ناهي ميارَ، جي تون جيئين جَس سان!''

(5) ''ڳود پيريل دل وئران.'' :-

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ غلطفهميءَ ۽ ڳُمان جي ڪري، پيار واري شادي بہ سُرڳ نہ پر نرڪ ٿي سگهي ٿي. مکيہ نائڪا پنهنجي گهوٽ جي ڳُمان ڪري ڏاڍو پوڳي ٿي. پر پيار جا رنگ نرالا آهن .... هن جو گهوٽ هن کي ڌڪاري ٿو تہ وري وري پيار بہ ڪري ٿو. آنءُ سوچيان پيو تہ انسان کي سمجهڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي. هنن جو پيار سهڻي ميهار مثل آهي پر وري جڏهن گهوٽ جي مَنَ ۾ غلطفهمي اچي ٿي واس ڪري، تہ هو چٽڪ حيوان بڻجي ٿو وڃي. هوءَ سنڌ آهي پر ايشور جي رحم سان پٽ کي جنم ڏئي ٿي، تہ اُن کان اڳ، سندس گهوٽ هن فاني جهان مان لڏي وڃي ٿو.... ''ڳود پيريل پر دل وئران''.

(6) ''پيار جون ڪنڊون'' :-

هن ڪهاڻيءَ ۾ رام ۽ سيتا نالي ٻہ ڪردار آهن. مڙس جو مَن پٽڪندڙ آهي تہ زال جو مَنُ باغي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ ''مرد ۽ عورت''، هڪ پاسي ۽ ''زال - مڙس''، ٻئي پاسي .... اِنهن ٻنهي جي وچ ۾، جيڪو سنبنڌ آهي، اُن جو عمدو چيد ڪيل آهي - وارتالاپ وسيلي.

هيءَ ڪهاڻي وري پڙهڻ لائق آهي.

(7) ''نہ لئلا نہ مجنو'' :-

(1) ''حق حق - دم دم حق ئي ٻول،
ڪهاڻيڪار! ڪوڙ جي قلعي ڪول.''
(2) ''هر ترقيءَ جو ماڻ ڏک آهي،
هر ترقيءَ جي لاءِ سنئو ئي ويو.''
(3) ''هيءُ دنيا جهڙي ڀي آهي،
ٻوءِ به جاءِ جيئڻ جي آهي.''
(4) ''دل غمن کان نه آه ڪا آجي،
ڳاله ڪا راز جي اوس هوندي.''
(5) ''جيڏو موت جو سنائو،
ايڏو جيون جو پرلاءُ.''

ڪيرت پنهنجي ڪهاڻين ۾ عظيم شاعر شيام وانگر سوچي ٿو، فرمائي ٿو:-

''اڄ نه سهين پر هڪ ڏهاڙي، جڳ ڪي مَتبو، موقعو تاڙي.
آهي ڌرتي تي جهونو نظام، ٺهي رهيو هن يگ جو ڀاڳ.
پنهنجي همت ساڻ بدلائي، هينئر جهونو نظام شيام!
دنيا ۾ نئين دنيا وسائيندا هلو!
زَردار، ٿَرَن ڪيڏو نه مزور جو رت پيءِ، انسان جي اُلفت ۽ مروَت ڪي ٿيو ڇا؟
درد جنهن دل ۾ هاجي، اُن دل جي شل ٻڌاجان دوا!
هت ته ڏک لاٿو آهيم هزارن ڪي هلي،
ڀاڻ ئي راه مَتي، پير هٿايان ڪٿ مان؟

1947 ۾ ڪهاڻيڪار ڪيرت جي سنڌ ۾ پهرين ڪهاڻي هئي ''جليبن جو چور''. ۽ ٻي ڪهاڻي، هئي، ''هوءَ'' جي گوبند مالهيءَ نئي دنيا ۾ شايع ڪيون هيون.

ڪيرت جون لوڪ ڪهاڻيون .... ''اڀول راڻي'' .... جي نالي سان سنڌي ٽائيمس وارن ڇپايون.

هاڻي اڄو ته پڙهون ڪهاڻيڪار ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ٻئي دور جون ڪهاڻيون، جي 1962 تائين لکيل آهن. ۽ ''درد جو دل ۾ نه سمائجي سگهيو''، جي عنوان سان آهن. هيءُ 9 چونڊ ڪهاڻيون آهن :

(9) ”پتني، پاڳل، ۽ پياري ٻلي“ :-

هن ڪهاڻيءَ ۾ هن سرجڻهار ڏيکاريو آهي، ته مايا ميڙڻ لاءِ انسان کي ڇا نٿو ڪرڻو پوي؟ ....

هو پاڳل بڻجڻ لاءِ به تيار آهي .... ٻين کي پاڳل بڻائڻ ۾ به ڪيس آنند ٿو اچي. عورت، هن لاءِ چنڊ آهي، ته مايا چاندني! ڌنيءَ کي، چمڪو وڻندو آهي .... چنڊ جو، چاندنيءَ جو، نوٽن جو، هيرن جو، لسيءَ چمڙيءَ جو .... چمڪو ئي چمڪو.

هيءَ ڪهاڻي، اسان کي سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري، ته آخر انسان، ڌن پٺيان ايترو ڇو پاڳل آهي؟

شاهوڪار، ٻليءَ کي ڏاڍو پيار ڪري ٿو. ٻلي سوچي ٿي، .... شاهوڪار، پاڳل جي اداڪاري ڪندي، سچ پچ پاڳل بڻجي ويندو.

(10) ”واهياتپڻو“ :-

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار آهي، هڪ ٺيڪيدار جي دفتر ۾، مزورن جا نالا، مال، مقدر، ۽ ماپون، ڪندڙ هڪ ڪارڪون! آفيس جي دريءَ مان (1) ٻن ردن ۽ (2) جوان ڪاري مزورڻ ۽ ڪاري جوان مزور .... اُنهن جي حياتيءَ کي جاچي ٿو .... پنهنجي حياتيءَ تي به سوچي ٿو .... ڪيس سڀ ڪجهه هڪ ڪَلَ جيان مڪينيڪل ٿو لڳي ....

مزور جي شِڪل روئي ۽ چٽٽي، ردن جو ڪوس گهر طرف وڃڻ ۽ پنهنجي بي رس جيون، انهن ٽنهي جو تڪندو آهي.

جوان مزور ۽ مزورڻ، مئٽني شوُ ڏسڻ ٿا وڃن .... ڪارڪون (ڪلارڪ) به قطار ۾ ٽڪيٽ لاءِ اُبو آهي.

جوان ۽ جوانڙي پنهنجي پگهر جي پسيني جي سرهاڻ سنگهندي به خوش آهن ۽ مُشڪن ٿا .... جڏ ڪارڪون کي چئي رهيا آهن : ”واهياتپڻو اسان جي ڇهرن ۾ نه ڳول، تون پنهنجي ڪوپريءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڳول!“

گهڻي جون ڪهاڻيون، مون کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري رهيون، ۽ اُن ۾ ئي ڪهاڻين جي ڪرامت آهي.

آنءُ عظيم شاعر نارائڻ شيام وانگر سوچيان پيو :-

هيءَ هڪ آهي. اچو تہ اُها پڙهي ڏسون!

محمد رام نالي هڪ مست قلندر، جو سڀ جو پلو چاهي ٿو ۽ جيڪي مُکي ۽ مولوي، وڏا ۽ وڏيرا، چوڌري ۽ پاڻ کي چڱا سڏائيندڙ آهن. اُنهن جي بُرائن ۽ بد ڪرتوتن کي بي نقاب ڪري ٿو، ۽ هر ڳ هرجائوءَ ۽ غريب کي وِتَ آهر ٻين کان پنڻي بہ، مدد ڪريٿو.

اڄڪله ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪومل ۽ ڪروڻاميہ ڪردار، ٿورا ٿا ملن.

مالهيءَ وانگر مون کي بہ اها ڳالهہ نظر آئي تہ ڪهاڻيڪار ڪيرت جا ڪردار ڳالهائين گهڻِ ٿا، گفتگو گهڻِ ٿا ڪن پر ڪيرت وانگر، سونهري سپنا ٿا ڏسن .... سماج ۾، قوم ۾، ملڪ ۾، وڏو ڦيرو ۽ فرق آڻڻ لاءِ! مکيہ ڳالهہ جا مونکي وڻي تہ هن جا ڪردار اسان کي سوچڻ لاءِ آماده ٿا ڪن. ڪيرت هڪ آشاوادي ليکڪ آهي.

سپنا اُهي ڏسندا آهن، جيڪي آشاوادي هوندا آهن ۽ جن کي سُڄ بہ رَجَ لڳندي آهي .... پاڻي لڳندي آهي.

منهنجي خيال موجب ڪهاڻيڪار ڪيرت جون ڪهاڻيون آهن اسان جي ۽ ڪيرت جي زندگيءَ جي تصوير. تنقيدي، ۽ نڪتيچيني.

ڪيرت جا هيٺيا خيال مونکي وڻيا :-

(1) وقت کي نہ ابتدا آهي نہ انت. ڪائنات جي هرچيز پئي ڦري ۽ اسين چئون تہ وقت پيو ڦري.

(2) انساني چمڙي يا چهري جا بہ ٻہ روپ آهن .... هڪ رات وارو ۽ ٻيو ڏينهن وارو.

(3) فرض پڻ موه جي هڪ صورت آهي.

(4) هر نئين ناتي جوڙڻ وقت. ٻہ احساس طاري هوندا آهن. هڪڙو اُميد جو ۽ ٻيو انديشي جو!

ڪيرت جو هر ڪتاب سندس آتما جو آواز آهي ۽ سماج ۾ تبديل ۽ ترقي آڻڻ جو هڪ وسيلو!

دنيا جا جيڪي بہ مهان قلمڪار ٿي گذريا آهن. اُنهن پهريائين

(1) چنوُ ۽ مُنيِ (2) تناءُ ۽ تند (3) درد جو دل ۾ سمائجي نہ سگھيو (4) مان توکي پيار ڪريان ٿو! (5) ڪُليل طرز (6) محمدرام (7) چمڙا ۽ چھرا (8) خط - ملاقات ۽ ليک (9) ناخلف

سيٺ هريرام جي پُٽ چنوُءَ جي شادي، مُنيِءَ سان هن قلمڪار ڪيرت، هڪ ناٽڪي ڍنگ سان ڪرائي آهي. ''چنوُ ۽ مُنيِ'' ڪهاڻيءَ ۾. ڪهاڻيءَ جو مکيہ نائڪ آهي گيانچند، جو سيٺ جي گدام جي سنڀال ڪندو آهي. سيٺ هن کي پٽ جي شاديءَ جو نوُتو ڏنُي ٿو. گيان سوچي ٿو تہ مون غريب جي شادي ڪڏهن ٿيندي؟ آخر ۾ گيان ڏسي ٿو، تہ شاديءَ جي پارٽيءَ کان پوءِ شادي سيٺ جي پٽ جي پر سيٺ جي ننڍي پُٽ ديويندر جي گُڏيِ ۽ گُڏيِءَ جي شادي هئي!

سرجڻهار ڪيرت جو عقيدو آهي تہ فن آهي زندگيءَ لاءِ. هو ترقي پسند آهي ۽ هن جي ڪهاڻين ۾ ڪابہ ناريبازي مونکي نٿي نظر اچي. ڪو وقت هو جو سنڌ ۾، ناول سمراٽ، گوبند مالهيءَ، پنهنجي ڪامريڊ دوست ڪيرت کي چيو هو : ''تون بہ ڪهاڻي لکي وٺ!'' تنهن تي ڪيرت فرمايو هو : ''مولائي، وري اِها ڳالہ نہ ڪج!'' اڄ ڏسو ڪيرت ڪهاڻي نويسيءَ جي شاهراه تي ڪيترين نہ منزلون طيءِ ڪيون آهن!

هن ڪهاڻين جي ڪتاب جو مهاڳ، لکيو آهي سداحيات گوبند مالهيءَ، جو وري وري پڙهڻ لائق آهي. مالهي لکي ٿو .... ''لعل پشپ ممبئيءَ ۾ ليکڪن جي سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ۾ جتِ ڪِن ترقي پسند ليکڪن تي تکِي ۽ ڪَڙي جله ڪئي، تتِ ڪيرت جي ''چنو ۽ مُنيِ'' ڪهاڻيءَ لاءِ چيو، ''جيڪڏهن اهڙي فنائتي نموني ڪيرت، مارڪسواد ڏانهن پڙهندڙن کي مائل ڪرڻ ٿو چاهي، تہ ڪيس مباه آهي.''

مالهي پاڻ بہ هڪ ڪامل ڪهاڻيڪار آهي ۽ هن کي ڪيرت جي ڪهاڻي، ''محمدرام''، هن جي مڙيني ڪهاڻين ۾ بهترين لڳندي آهي .... آڳرين تي ڳڻڻ وارن ڪردانگاريءَ وارين سٺين ڪهاڻين مان

16. "ڪيرت جي ڪمائين ۾ ڪائنات"

ڪائنات يا قدرت جو چتر چٽڻ به هڪ ڪلا آهي.

هاڻي ڏسون هيءُ سرجڻهار، قدرت جو چٽ ڪيئن ٿو چترت ڪري:-

(1) منجهند جو اُس، سرائين چِٽ کي ڪوري جو روپ ڏيئي رهي هئي. ٻاهرين دنيا، چُپ چپات هئي. رڪي رڪي ڪنهن ڪانوَ جي ٽان ٽان جو آواز. ٻڙڇيءَ وانگر جيءَ ۾ چُڀي ٿي ويو.

(2) بادل اوچتو مڙي آيا هئا. برسات جا آثار هئا. ڪنهن ڇاياڊار وڻ هيٺ پاڻُ - پلڪ ويهي رهياسون. زوردار وسڪارو آيو. ٽڙ کي ٽيڪ ڏيئي پاڻ بچائڻ لڳاسون. پاڻي سوراخن مان پياڇرو ٿاهي، اسان مٿان ڪرڻ لڳو. اسين اجا به ويجهو ٿياسون. انيتا جا پڪڙيل وار، هوا ۾ منهنجي چهري تي اُڏامڻ لڳا.

(3) ٻنهي طرفن جوئر جو وڏو ۽ گهاٽو فصل بيٺو هو. پيلا پوپٽ ۽ رنگبرنگي پونيريون، جوئر جي سگن تي، لڪ چپ راند ڪري رهيون هيون. شام جي پيني پيني هير، ۾ مٽيءَ ۽ پڪل فصل جي گڏيل مسيل سگنڌ. سمايل هئي. جوئر جا سنگ، ائين لڙيل هئا. جڻڪ ڪانن تي اجا ننيڙا موتين جا جُهڳتا. ڪنهن ٻڌي ڇڏيا هجن!

(4) اُن وقت آسمان، نيلي تلاءَ مثل لڳي رهيو هو. جنهن تي ننڍيون ننڍيون سفيد ڪڪريون، ائين تري رهيون هيون. جڻ اجا ڪنوَل جا گُل هوائي پينگهي ۾ جهومندا هجن. ڪڏهن ڪونجن جا جُهنڊ، آسمان مان ائين اُڏامندا ٿي ويا. گويا، ننڍن سفيد سڙهن واريون ٻيڙيون، سمنڊ تان ترنديون هجن!

ڪلپنا جي پرن تي اُڏري ڪهاڻيون لکيون، نظم ۽ توڙي نثر ۾. پلي ڪامپيوٽر ڪيڏو به ڪمال ڪن، پر ڪتاب، مرڻ جا نہ آهن! ڪيرت نہ صرف اسان لاءِ پر ايندڙ نسل لاءِ بہ لکيو آهي.

وڪٽر هيوگيو فرمايو هو :-

'If a writer wrote merely for his time, I would have to break my pen, and throw it away'

Victor Hugho

(1) جنهن جي گنديءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا بہ سياڻا!

(2) پئسي واري جا سالا ڪوڙا!

• • •

17. ''ڪماٽيڪار ڪيرت ۽ بيسٽ سنڌي سيا''

ارسطو چيو هو : ''شاعري، تواريخ کان بہ متيرو ۽ وڌيڪ سبق آموز آهي.''

مان سوچيندو آهيان : ''ساهت، اتهاس کان بہ متيرو ۽ وڌيڪ سبق آموز آهي.''

قلمڪار ڪيرت جي ڪماٽين جو ڪتاب، ''نہ لئلا ۽ نہ مجنو'' شايع ڪري رهيا هئاسون، ''بيسٽ سنڌي سيا'' پاران، 1987 ۾.

ڪيرت پڇيو : ''پروف ڪير ڏسندو؟'' چيومانس : ''گيتا پريس جو مالڪ شري ماڌوداس اچڙا'' اُنهن ڏينهن ۾ ڪامپيوٽر هئا ڪونہ. ڪمپازيٽر ڏهاڙي اَٺ صفحا ڪمپوز ڪندا هئا، ۽ ڇپيندا هئا. اُلهاسنگر هر روز ڪير وڃي؟ ماڌوداس، سنڌ ۾، شڪارپور ۾، سنڌي پرائيمري اسڪول ۾، ماستر هو ۽ هئو سنڌيءَ ۾ ماهر. وڏن وڏن اديبن جي لکڻين مان بہ نقص ڪيندو هو .... تمام ذهين ۽ چرچائي.

ڪيرت کي وٺي ويومانس ماڌوداس وٽ. اُن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪيرت کان مون وري پڇيو : ''ڪور جي ڊرائين ڪير ٺاهيندو؟'' مون کي وٺي آيو سدا حيات چترڪار رام لعلچنداڻيءَ وٽ. اُن جي ڪم مان مون کي سنتوش مليو. آنءُ پهريون دفعو رام سان مليو هوس. هن جي چترڪاريءَ مون کي ايترو موهت ڪيو، جو اڄ سوڌو اسان جي ڪتاب جا ڪور رام جي ڪلا جو هڪ نمونو آهن.

هميشه مون کي مالهي ۽ ڪيرت، لکڻ لاءِ همٿائيندا هئا. مالهي تہ مون کي منهنجي لکڻين تي تاثر بہ ڏيندو هو. پروفيسر پوپٽيءَ بہ هميشه مون کي همٿايو ۽ هٿي ڏني.

مالهي ۽ ڪيرت، سندر اگناڻي ۽ گني سامتاڻيءَ جي ايامڪاريءَ ۾

(5) هڪ طرف هوندي هئي، تن، من تڙو ڪندڙ اَسر جي سڳنڌي هير، ۽ صبوح جي ماکَ سان ڌوتل ڪائنات جو سندر سائو سائو چهرو، ۽ ٻئي طرف بود ۾ آيل ڪُڪڙن جون سريليون ٻانگون، ڳائين ۽ مينهن جون وڇڙن لاءِ پيار ڀريون رنڀون، گهوڙن جون هڻڪارون، جهنگ ڏانهن ويندڙ چوپائي مال جي ڳچين ۾ پيل گهنڊڙين جون جهنڪارون.

قلمڪار ڪيرت فلاسافر Cicero وانگر سوچيندو آهي ته :

" If you have a garden and a library, you have every thing you need."

۽ ڪنفيوشس وانگر چوندو آهي ته:

" Every thing has beauty, but not every one sees it."

●●●

ڏيندا آهيون. ڪيرت جو ڪتاب 1987 ۾ ڇپائڻ وقت. ڪيس فورٽ ايريا جي ڪنهن هوٽل ۾ مون يوچ ڏنو هو.

”نارائڻ شيام“ ۽ ”شيخ اياز اوارڊ“، هڪ هزار سان چالو ڪيو سين ۽ اڄ ڏهه هزار ڏيون پيا.

سنڌي ساهت ۾ ممبئيءَ جا چار مهر تي .... ”ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ پريو وفا، سُندري اُتمچندداڻي ۽ ڊاڪٽر ارجن سڪايل.“

انهن بزرگ ليکڪن تي مون ليک لکيو. ٿاڻه جي شري ايشور داس ڪنواڻيءَ کي مون چيو : ”ڪڻ ڳاڏي تہ انهن ساهت جي مهرتين سان هلي ملي اچون، ۽ کين اِهو ليک بہ پڙهي ٻڌايون.“ چئني سندر ساهتيڪارن سان ملياسون، کين ليک بہ پڙهي ٻڌايو .... ڏاڍو خوش ٿيا. اوهين جيڪڏهن ڪنهن جي مُک تي مُرڪ آڻي سگهو، تہ اها بہ هڪ وڏي ڳالھ آهي .... اهو ليک هندواسيءَ ۾ بہ شايع ٿيو.

ايشورداس ڪنواڻي (83) اديب تہ ناهي، پر اديبن تي عاشق آهي. ڪو وقت هو، جو هن صاحب، پروفيسر پوپٽي هيرانندداڻي، عالي اديبا .... سان شادي ڪرڻ پئي چاهي.

سيا لاءِ آنءُ چوندس :

”اسين بنه نہ ٿا، منزل سندي ڪريون پرواه،
اسين تہ پاڻ ئي منزل ۽ ڪاروان آهيون!“

- لڪمياچند پريم

ڪرانتيڪاري ڪيرت .... عظيم شاعر نارائڻ شيام کان وڌيڪ ڪرانتيڪار عظيم شاعر شيخ اياز کي ويجهو آهي، اُن ڪري اسان، هن سال 2014 ۾ ”شيخ اياز اوارڊ“ قلمڪار ڪيرت کي ۽ ”نارائڻ شيام اوارڊ“. عظيم شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش کي، سيا پاران عطا ڪيو آهي.

گذريل 20 سالن کان ”نارائڻ شيام اوارڊ“ ڏيندا پيا اچون. پهريون اوارڊ ايشور آنچل کي ۽ هن سال اوارڊ ڊاڪٽر موتي پرڪاش کي سيا عطا ڪيو آهي.

• • •

”اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت، سڀا“. جا گهڻي ڀاڱي، مون سڀ سيمينار، اُنهن ۾ مون شرڪت ڪئي .... هڪ سيمينار ڀوپال ۾، هڪ سيمينار جئپور ۾، هڪ ممبئي ۾، ۽ ناگپور، جبلپور، بڙودا، اندور، پُشڪر (اجمير)، ۽ ڪاجورا ۽ ڪنڊالا وغيره.

سڄو هندستان، مون سرڪاري خرچ تي قلمڪارن سان سنگ گهميو.

ڪي ليکڪ، نون اديبن کي نه به سهندا هئا پر :-

”گُلن جي مُرڪ حاصل ٿئي،

ته ڪنڊن ۾ رهڻ سهڻو.“

گوبند مالهي، سنڌي ناولن ۾ ”سمراٽ“ ڪري سمجهيو ويندو هو. سڀا ڀاران، مالهيءَ جي ناولن تي، جي اٽڪل 25 هئا .... اُنهن تي مون ڪتاب پئي لکيو. ڪيرت سان صلاح ڪيم، ڪتاب جو عنوان ڇا رکون؟ چيائين : سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگاني دين.“

سڀا ڀاران اسان ڪيرت ۽ مالهي، ڪرشن راهي ۽ گوورڌن ڀارتي، پريو ۽ ڀوپٽي، سندر ۽ سڪايل، حاسد ۽ هوش، واسديو نرمل ۽ مايا راهي، هري دلگير ۽ هولارام هنس، ڊاڪٽر پريم پرڪاش ۽ موهن گيهاڻي، چندولعل جئسنگهاڻي ۽ تيرٿ سياڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي ۽ ٽاڻه ادبي ڪلاس جي ميمبرن وغيره جا ڪتاب شايع ڪيا آهن.

منهنجو فلسفو پئي رهيو آهي ته، ”جيڪڏهن اسان جو پاڻ ۾ ۽ ايشور ۾ وشواس آهي .... ته ايشور جيڪڏهن هڪ در بند ڪري ٿو ته به کولي ٿو، ۽ ڏِئي مٿان پر ڪنهن جي هٿان“ اشتهارن مان خرچ نڪري پيو ۽ سڀا هلي پئي .... 56 سالن کان. منهنجا پانڪ ۽ پرستار ڪتاب ڇپائڻ لاءِ پئسا به ڏيندا آهن.

ويجهو سنڌيءَ جي شهسوارن شاعرن، ”شاه ۽ شيخ ۽ شيام“، ”عظيم شاعر تاجل بيوس ۽ سندري اُتمچنداڻي“، ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“ ۽ ”ماهتاب محبوب“ ڪتاب اسان شايع ڪيا آهن. 2014 ۾ ڪرانتيڪار ۽ قلمڪار ڪيرت، تي ڪتاب شايع ڪري رهيا آهيون.

مون چاهيو پئي آهي ته جن ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪريون ٿا، اُنهن کي اُجورو به ڏجي .... پر اُهو نه ٿي سگهيو آهي. ليکڪ کي پارٽي

19. "ڪيرت ٻاٻاڻي جي قلم واري ڪلا، پنهنجي وقت جو اتهاس به"

ساهتيہ پنهنجي وقت جو اتهاس به آهي .... ساهتيہ مان، اُن وقت جي ڪيترن واقعن مان، اُن وقت جي حالتن جو پتو پوي ٿو :-

(1) اُن زماني ۾ ٻاجا جي ڪپڙن جا ٻُجڪا ڪلهن تي کڻي، گهٽين ۾ اچي، گهرن جي ٻاهران، ڏاڍي نزاڪت سان هوڪا ڏيندا هئا - مائي کير ريشمي، سوٽي ڪپڙو، قناويس، روهڙي مِل جو ڪپڙو، وغيره ....

(2) ڪافي عرصي کان منهنجو پيءُ، ڪمري جي وچ ۾ هڪ کٽ تي سڌو ٽيو سمهيو پيو هوندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن، ڪي ماڻهو ايندا به هئا، ۽ وري ويندا به هئا. ميوا مٺائي به هٿ ڪٿي ويندا هئا. اُهي ٽوٽي ڦيٽي وارا به ٿي سگهيا ٿي، وئديہ به ٿي سگهيا ٿي، ٻوپا به ٿي سگهيا ٿي. اُن سمي اِهو سڀ ممڪن به هو، بلڪ سياويڪ به هو. جو انسان جو علم ۽ عقل ڪڏ ۾ ڳتل هو.

(3) دُڪان سان لڳ اوطاق ۾ سمهندا هئاسين. رات جو ڪافي دير تائين ٻوٽ جي پئنچن جي چلم جي چوڌاري محفل لڳي پئي هوندي هئي، مان به چلم ڦيري ڏيڻ ۽ نڙ ڌوئي اچڻ جي شيوا ڪندو هوس.

(4) ٻوٽ جي وچ تي هندن جا گهر هئا ۽ مسلمانن جا گهرَ. چوڦير پڪڙيل، جڻ حفاظت جو قلعو ٻڌي بيٺا هئا. هندن - مسلمانن جو پاڙ ۾ ايڏو سنيه، جو سڏ ڏي، تہ ڪيترائي سَڏ جي موٽ ۾ اچي پهچن. ننڍا ننڍا ڇوڪرا وري ٻورن کي چارڻ لاءِ جهنگ وٺي ويندا هئا.

دائيءَ ڪي ڇڏي ٻوٽ ۾ مسلم عورتون، گهرن ۾ ڪم ڪرڻ نہ اينديون هيون.

18. ”ڪيرت مڪ منووِگياني“

هڪ من وديا جي چاٿوءَ وانگر قلمڪار ڪيرت لکي ٿو :-

(1) ”انسان، ڪيترين اُميدن، آشائن، تمنائن، ترشنائن، حرصن، هوسن، موهن، لوڀن، لالچن، طمعن، ۽ ٻين ڪيترين مَن وَرتين جو مجموعو آهي. جيڪي دنيا جي ٻاهرين پدارٿن توڙي انساني رشتن جي ٽڪرن مان پيدا ٿين ٿيون، ۽ سندس وهنوارڪ جيوَن تي اثر وجهن ٿيون، سندس شخصيت کي جوڙين ٿيون - ٻئي طرف انسان جون ٻه بنيادي گهرجون آهن، اُهي وشو وياپي آهن .... اُنهن کي تمثيلي طور تي انسان جون ٻه اٽٽر بکون سڏيو ويو آهي .... هڪڙي آهي پيٽ جي بک، ٻي آهي جنس جي بک. هنن بکن کي ورلي ڪو روڪي سگهيو آهي.“

”منهنجي خيال موجب انسان کي ٽئين بُک به آهي ۽ اُها بُک آهي نالي جي بُک!“

(2) انساني زندگيءَ ۾ دکدائڪ گهٽنائون گهٽجن ٿيون، پر زندگي بيهي نٿي .... روڪجي نٿي .... وهڪرو هلندو ٿو هلي. انسان ۾ دک سهڻ ۽ سهسائڻ جي وڏي شڪتي آهي. جڏهن هڪ ساڌارڻ پکي وڻ ڪرڻ ڪري يا سڙي وڃڻ ڪري، پنهنجو آکيرو ٻئي وڻ تي اڏي ٿو، ساڳيءَ طرح انسان به، هڪ هنڌان آکيرو ٽٽي وڃڻ تي، ٻئي هنڌ جوڙي ٿو.“

قلمڪار ڪيرت هڪ چترڪار مثل من جي مهما چترت ڪري ٿو. پنهنجن لفظن جي چترن ۾ ۽ ڪهاڻين ۾ ۽ قلم واري ڪلا ۾.

جڳپرسڌ چتڪار **Leonardo De Vinci** دنيا جي چترڪارن کي صلاح ڏني هئي :

‘Pay particular attention to the motions of mind!’’

من جي اُٿل پُٿل کي، وهڪري کي، پورو پورو توج ڏيو!

قلمڪار ڪيرت اِها به ڳالهه ڪئي آهي.

•••

ياد رهي تہ ديش ڀڳت ڪيرت تي آزاديءَ لاءِ لڙڻ جو جنون هميشه هن جي سِرَ تي سوار هو.

سوڀي ۽ ڪانگريس نيتائن جي وچ ۾، سياويڪ طور سياسي بحث ڇڙندا هئا .... ڦرندي گهرندي اچي، ''گانڌيواد ۽ سماجواد''، جي بنيادي مَتن تي ٽڪر ٿيندو هو.

جيرامداس دولترام جيڪو مهاتما گانڌيءَ جي تمام نزديڪ رهيو هو. اُن جو مهاتما گانڌيءَ ۾ پورن وشواس هو.

مهاتما گانڌيءَ جو امانتداري - ''ٽرسٽي شپ'' - واري اصول تي پڻ، سوڀي ۽ ڪانگريس نيتائن جي وچ ۾ وڏي ڇڪري لڳندي هئي.

(1) 1942 ۾، ''ڪئٽ انڊيا''، مخالفت.

(2) جنگ جي طرفداري.

(3) سباش چندر بوس جهڙي مهان ديش ڀڳت کي غدار ڪوٺڻ.

ڪامريڊ ڪيرت جي خيال موجب ڪميونسٽ پارٽيءَ جون مٿيون ٽي ڀُلون هيون. اِنهن جي ڪري، ڪميونسٽ پارٽي اڄ سوڌو ڀوڳي پئي.

الاه بخش سومرو، جو ڪانگريس جي پٺڀرائيءَ سان سنڌ جو وڏو وزير ٿيو هو .... اهو الاه بخش سومرو مسلم فرقيپرستيءَ جو شڪار ٿيو ۽ شهيد بڻيو. هن سوروير سنڌ جي مسلمانن کي ليگ جي زهري اثر کان بچائڻ لاءِ ڪراچيءَ مان روزاني، ''آزاد''، اخبار بہ شروع ڪئي هئي.

''الوحيد''، اخبار، مسلم ليگ جو مائوٽ پيس هئي.

(9) ڪيرت، مالهي، ۽ سوڀو، .... سنڌ ۾ وديارٿي هلچل ۾ اڳتي ۽ اڳرا هئا.

(10) سنڌ ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ اگر ڪنهن هندوءَ جو هٽ هوندو هو، تہ اُهو سڄي ڳوٺ جي آرٿڪ ووسٿا جو مرڪز هوندو هو.

14 آگسٽ 1947 تي، مسلم ليگ، ''جشن آزادي''، ملهائي. ڪميونسٽ پارٽيءَ مسلم ليگ جي پٺڀرائي ڪئي. ڪومل ڪيرت جي خيال موجب .... ''مسلم ليگ کي مسلمانن جي قومي جماعت قرار ڏيڻ، اِها ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي ناسمجهي هئي.''

اُن زماني ۾ جيڪي بہ ماڻهو شاخصي شيوائون ڏيندا هئا، سي نوڪر ڪري ڪونہ ليکڪا ويندا هئا. ڪم ڪندڙن کي دڪان تان، اوڌر ملڻ جي بہ سهوليت هوندي هئي. ڪين اُجورو يا محنتاڻو بہ گهٽو ڪري، پئسي ۾ نہ، جنس ۾، ڏنو ويندو هو.

ڳوٺ جي پهريدارن جو آواز، ”خبردار رهو“، ڪڏهن ڪٿان، ڪڏهن ڪٿان اُڀرندو هو.

(5) صبوح مرداني .... هڪڙي کي ڪيڪار ڪري چوندا هئا .... پيارا رام رام، پائو راڌي شيام، ادا اسلام عليڪم. پوءِ تہ چهرا ٽڙي پوندا، دليون ٺري پونديون، قدم، سُر تال واري رفتار ۾، ڪاهڻندا ويندا.

(6) هندن کي خاص داد فرياد ملندو هو. سون چانديءَ جو ۽ وياج وٺي جو ڪم، هندن وٽ هو ۽ اُنهن مان ڪي زميندا بہ هئا.

(7) وڏيري جي حويليءَ ۾ اَهنج - دور دربار لڳندي هئي، ۽ اها وندرگاه بہ هئي .... ڪاچهريءَ جا ڪوڏيا وقت بہ وقت اوطاق تي ايندا هئا.

(8) اسڪول ۾ پرائمريءَ جا چار درجا هوندا هئا. پنجين درجي کان انگريزي وشيہ طور پڙهائي ويندي هئي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا.

ڪي ديوان تہ ڪي پائيبند هئا.

شاگردن ۾ قوميت جو ٻاجُ هو. ڪاڌي پائڻ - پريات ڦيري ڪيڻ .... يارت ماتا ڪي جئہ .... انقلاب زنده آباد .... جي ڌوم متل هئي.

1935 واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تحت، جيڪي چونڊون يارت ۾ 1937 ۾ ٿيون، تن ۾ مکيہ ستن پرڳڻن ۾ ڪانگريس پارٽي، وڏي گهٽائيءَ ۾ کٽي آئي. 1939 ۾ هي مهاياري جنگ جو بيوگُل وڳو.

مهاتما گانڌيءَ جو انگريزي سرڪار جي شرافت مان وشواس ٽٽي چڪو هو.

9 آگسٽ 1942 تي گُواليا ٽئنڪ، ممبئي تي آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ، ”ڪئٽ انڊيا“، جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

جي قليلي .... مائي ڏائي جو ڍوڍو ۽ چنٽي .... ميرن جا ڊٺل قلعا .... مياڻيءَ جو ميدان، جتي شيردل بلوچ، انگريزي گولين جو مهاڏو ڪندي زمين تي ڪريا هئا. ڪوٽڙيءَ پرسان پَلن جو پتڻ، شڪارپور - باغي شاعر عظيم اَياز جو جنم آستان، هاٿي در، لکي در .... يارن جا ٽولا، حسينن جون چانگون، سنڌ واهه! جن جي ڪهر ۾ ”سنڌ واهه“ وهي، سي گنگا وڃن نہ گودڙيا! سنڌ واهه تي شيل. سکر جو معصوم شاهہ جو مُنارو! سکر براج .... سنڌوءَ جي ڇاتيءَ تي اِنسان جي فتح جو ڪمرپٽو! بکر، زنده روهڙي شريف - ساڌ ٻيلو، ڪراچي - ڊي.جي.سنڌ ڪاليج، ميٺارام هاسٽل جو روم نمبر 29، ڪياماڙي، لڪشميءَ جو مندر، عربي سمنڊ جون ڇوليون، آرٽلري ميدان، عيدگاه ميدان .... جتي 1946 ۾ بهادر ساموندي خلاصين، انگريزي سامراجين جي بي عزتيءَ ۽ اَپمان جو جواب، رائفلون سڌيون ڪري، بغاوت ڪندي ڏنو. چؤطرف ساوا ۽ ترنگا جهنڊا، اُنهن شهيدن جي اِتهاس جو ورق ....

وغيره وغيره ڏنا آهن.

ائين پيو لڳي ڄڻڪ سنڌ جو اِتهاس پيو پڙهان!

• • •

(11) ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ مٿان پوليس جو حملو ٿيو. سيني ڪامريڊن سان گڏ ڪيرت به جيل ۾ ويو .... اُتي هو پاڻ ڪي جي. ايم. سيد جو ماٺهو سڏيندو هو.

ورهاڱي کان پوءِ ڪي ڪٽر مسلمان ڪامريڊ ڪيرت کي ”ڪافر ڪميونسٽ“. ڪري ڪوٺيندا هئا.

ورهاڱي جي ڪري تاريخ سنڌين سان وڏو ڏوهه ۽ مخول ڪئي هئي.

(12) ڪانگريس نيتائن پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڏيکاري.

ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌونگر کي ”سنڌين جو تيرٿ آستان“. ٿو سڏي.

(13) سوويٽ يونين جو وجود، اوله جي سرمايداري ملڪن لاءِ چاتيءَ ۾ ڪنبي برابر هو.

اتهاس اسان کي سيکاري ٿو ته، اسان کان اڳ جيڪي مهان انسان هئا اُنهن ڪيئن نه، آتم وشواس جي وسيلي، پاڻ کي نيتا ثابت ڪيو. ۽ اسان جي راهه روشن ڪئي.

سوامي وويڪانند فرمايو هو :-

'The history of the world is full of men, who rose to leadership, by sheer force of self confidence'

اچو ته اسين به قلمڪار ڪيرت وانگر، وقت جي واريءَ تي پنهنجي پيرن جا نشان ڇڏي وڃون!

. ڪيرت جو ساهت سنڌ جو اِتهاس به آهي. ”تون ٻاڇين ٿو، مان ڇو اُداس آهيان؟“ هِن ڪهاڻيءَ ۾ ڪيرت، نوابشاهه ۽ حيدرآباد، ڪوٽڙيءَ ۽ شڪارپور، سکر ۽ بکر، ڪراچي ۽ ڪياماڙي .... کي ياد ڪندي ڪندي اُتان جي هِسٽري جاگرافي، تهذيب ۽ تمدن، اِسڪول ۽ آزاديءَ جي لڙائي، اِنقلاب زنده‌باد! ڀارت ماتا ڪي جئه! ۽ هِندو مسلم ڀائي ڀائي!

ولس هاءِ اِسڪول، ڇيتني جو گهر، محمد بخش ڪاسائي هئو ته برابر ڪاسائي، پر دل ڪنوَل جي گُل مِثل نرم هنس. ڪوٽڙيءَ جا پلا، ٿارُو شاهه جون نارنگيون، سکرنڊ جا پيڙ ۽ محرابپور جا پيڙا .... حيدرآباد

ڪيرت وٽ ڏسو ڪيڏا نہ سالدار ۽ موزون محاورا، پهاڪا، چوٽيون، ۽ چوڻ جو نرالو ڍنگ آهي. جنهن جي ڪري، هن جا ترجما، ترجما نہ پر اصلي چيز پيا لڳن!

(1) چاچي منوءَ کي ايترو ماريندي هئي، جيترو پنهنجن مَرُ ڇَڙهيل ڪپڙن کي ڌوئڻ وقت سٽيندي هئي.

(2) سرڪاري وستر ۾ گاڏيءَ واري کي عرض ڪرڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي سمجهڻ لڳو.

(3) جيڪو انگريزي ٻولي سکندو، اُهو بابوءَ جي پَدَ تي پهچي سگهندو.

(4) پاڻ کي هلڪو ڪرڻ لڳو.

(5) جهنگلي پرندي کي پالتو بڻائڻ ذرا ڏکيو آهي.

(6) زنده رهڻ جي تمنا، هڪ طاقتور جذبو آهي.

(7) هو قسمت جي شطرنج جي تختي تي، هڪ پيادي مثل هو.

(8) هو صاحب جي پٺيان رڌ و انگر هلڻ لڳو.

(9) دنيا ۾ ٻن قسمن جا شاخص آهن هڪڙا غريب ۽ ٻيا امير. دنيا ۾ پئسي وارا ئي خوش آهن.

(10) مار کاڌل ڪتو ڪنڌ ڪڙڇ ٻُوليندو آهي ۽ مار کاڌل انسان پاڇي وجهڻ چاهيندو آهي.

(11) زندگيءَ جي وڏي سفر ۽ سخت پورهئي ڪري، اُنهن جي اکين جي جوت جهڪي هئي. چيلهيون ڪُبيون هئن، ۽ اُنهن جي چهري تي، ٻڍاپي جا گهنج وري آيا هئا.

ترجمي ڪرڻ لاءِ صرف ٻن ٻولين تي عبور نہ کپي پر ترجمان جو وسيع مطالعو ۽ مشاهدو بہ تيل هئڻ کپي. ترجمو ڪرڻ، هر ليکڪ جي وَسَ جي ڳالہ نہ آهي. اُن لاءِ ڏات سان گڏ ڏانوَ ۽ ڏاهُ بہ کپي. هڪ قلمڪار کي مون کي ڪهاڻيون سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنيون. هن صاحب منِي ڪهاڻيءَ کي، مُنِي ڪهاڻي. سمجهي ترجمو ڪيو. ''تري فورٽ اِسٽوري ....''

قلمڪار ڪيرت. سنڌي ۽ غير سنڌي ادب جو وسيع مطالعو ۽

20. ”قلمڪار ڪيرت جا تاثير وارا ترجما“

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري ڪري، اڄ سنسار هڪ انترراشٽريه ڳوٺڙو بڻجي ويو آهي. اُن ڪري اهو ضروري آهي ته هڪ ٻوليءَ جو ساهت، ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اُلٿو ٿئي ته جيئن الڳ الڳ سڀيتائن ۽ سنسڪرتن کي پڙهي، پرکي، ۽ پائي، سگهجي.

چاڻن جو چوڻ آهي ته، ”ترجمو اُن عورت مثل آهي، جا جيڪڏهن سُهڻي آهي ته وفادار نه آهي، پر جيڪڏهن وفادار آهي ته سُهڻي نه آهي“ .... پر فنڪار ڪيرت سان ائين نه آهي.

هن صاحب جو ترجمو ڪيل ناول، ”ڪولي“، ليکڪ ملڪ راج آنند، ويڄهو پڙهيم. هيءُ ڪتاب دنيا جي مکيه، انڪل ويهارو کن ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي.

قلمڪار ملڪراج آنند، انگريزي ٻوليءَ ۾ لکندو آهي ۽ هو هندستان کان وڌيڪ يورپ ۾ مشهور آهي.

سرجڻهار ڪيرت کي نه صرف سنڌي پر انگريزيءَ تي به عبور آهي.

ڪيرت وٽ ڏسو ڪيڏو نه شبدن جو ڀنڊار آهي!

رقيب، اثر، اهميت، اناج، کپه، صحرو، نعفو، ڌوتي، ڪاڇ، پائخانو، ڇسو، پورچيخانو، پاڪي، نائي، ڪمتري، گاريون، پاراتا، پونڊا، نغر، گاڏي، ڪولي، منشي، ممتا، اوپٽو، حوض، پيپ، کورا، چيٽو، ٺڦڻ، آچار، عرق، سينڊ، گُلقند، مُربو، سارجنٽ، ڪيڪراٽ، اناج جي منڊي، ڳوٺيون، مسڪين، اُماڻ، مالڪياڻي، رقيب، تنخواه، ڏنگ، ميٽر، پهاڙي، ڏاڪدر، ريلا، نياڳو، حضور، پونگڙا، ذائقو، ڪيچڙ، ڏڪڻي، پيلبان، قلعا، ڪرونڊڙا، مستري، چوسول، چونڪ، پتلو، نائي، ڪرماچي، ٽوڪڻ، سونٺ، دلال، شيد ....

ميمبر ٿيڻ کري هنجو ساٿي رتن نوڪري وڃائي ٿو.

مزدورن جي حقن لاءِ هڙتال ٿئي ٿي. منو آخر نوڪري ڪندي ڪنهن ميم صاحب سان ڳنڍجي سملي ٿو پهچي. ڪيس سله ٿي ٿئي پوي. هو نوڪري به ڪندو هو ته رڪشا به هلائيندو هو. آخر موت ديوتا جو بک ٿو بڻجي.

مطلب ٿيو ته غريب جي قسمت به غريب!

مان نندو هوس ڏاڏي چوندي هئي :- ”جڏهن رت ڪٽورو ڏجي ٿو، تڏهن پٽ ڪٽورو ملي ٿو“. اَڄ اُهُ اُن جو مفهوم ۽ معني سمجهان ٿو.

1955 ۾ هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ترجمان ڪيرت لکي ٿو ....

انگريزيءَ تان ترجمو ڪرڻ ۾، ٻه دقتون درپيش ايندي ون آهن، جي اڪثر ٻين هندستاني ٻولين ۾ گهٽو ڪري محسوس نه ڪبيون آهن. هڪڙي آهي جملن جي بناوت ۽ ٻيو آهي ڏاريءَ ٻوليءَ جا لفظ.

منهنجي خيال موجب، اِنهن ٻنهي دقتن کي، قابل قلمڪار ڪيرت، دور ڪري سگهيو آهي.

هر ڀاشا کي پنهنجا محاورا، پهاڪا، ۽ چوٽيون، به ٿينديون آهن .... اُنهن کي موضون مفهوم ڏيڻ، هر ڪنهن جي وَس جي ڳاله نه آهي. هن دقت ۾ به ڪلاڪار ڪيرت، ڪامياب ويو آهي .... ۽ سنڌيءَ جا مشهور ۽ موضون محاورا ڪتب آندا آهن.

قلمڪار ڪيرت جي هن ترجمي ۾ ٻولي عام فهم واري، سٺي ۽ سهڻي سنڌي آهي.

• • •

مشاهد وڪيو آهي ۽ ڪيو آهي قيمتي ڪتابن ۽ انساني زندگيءَ جو گهرو اڀياس. لِن يوتانگ فرمايو آهي :-

"The wise man reads both, books and life it self."

- Lin yutang

ڪيرت جي هٿ ۾ ڪونہ ڪو ڪتاب هوندو آهي. اُن لاءِ وري هڪ چيني محاورو آهي :

"A book is like a garden, carried in the pocket"

قلمڪار، ڪهاڻيڪار، ۽ ڪوي، ڪيرت جي آتم ڪٿا مان، مون سکيو :-

"There are worse crimes than burning books. One of them is not reading them"

-Joseph Brodsky

ڪارل مارڪس جي هٿ ۾ جيئن، ''ڪتاب''، هميشه ضرور هوندو هو. تيئن قلمڪار ڪيرت جي هٿ ۾ بہ، ڪاليج واري حياتيءَ ۾، ... ''ڪتاب''، ضرور هوندو هو.

''منوُ''، نالي وارو هڪ غريب گهرَ جو ٻالڪ، ڳوٺ مان شهر ۾ ٿو اچي، ڪنهن جي گهر ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ. چاچي سان گڏجي، جتي نوڪري ڪري ٿو، مالڪياڻيءَ جا ظلم سهي ٿو. آخر شامپور کان دولتپور ٿو پهچي ڪنهن گاڏيءَ ۾ چڙهي. اُتي بہ سندس سيٺ ۽ اُن جو پٽ ئيو ار پاڻ ۾ وڙهن ٿا. هر هنڌ هن کي ذلت جو سامنو ڪرڻو ٿو پوي.

منوُ، محسوس ٿو ڪري تہ دنيا ۾ پئسي وارا ئي خوش آهن. دنيا ۾ ٻن قسمن جا شخص آهن هڪڙا غريب ۽ ٻيا شاهوڪار. هوُ ممبئيءَ جي هاڪ ۽ ڏاک ٻڌي ٿو، جتي ڪنهن لاءِ بہ ڪم جي کوٽ نہ آهي. آخر هڪ سرڪس جي پيلبان جي معرفت، ممبئيءَ ٿو پهچي. ممبئيءَ جهڙو شاهي شهر ڏسي، هيءُ چوڏهن سالن جو ٻالڪ دنگ رهجي ٿو وڃي .... ڏسي ٿو تہ هت بہ غريب جي حالت غريب ئي آهي. سر جارج وائيٽ کاٽن مِلس ۾ ڪوليءَ جو ڪم ڪريٿو. فورم مٿن ۽ پٺاڻ جو هت بول بالا آهي، جيڪي غريب مزورن سان بي انساني ٿا ڪن ۽ اُنهن جو حق ٿا کائن.

منوءَ جي واقفيت هڪ ''رتن''، نالي واري ڪسرتي ڪوليءَ سان ٿئي ٿي. منوُ، ورڪرس يونين جو ميمبر بڻجي ٿو. يونين جو

سوڀي گياناچنداڻيءَ. هن سرجڻهار جي حياتيءَ جي آدرش کي هڪ نئين دِشا ڏني. ڪومل ڪيرت سوچ ۾ پئجي ويو .... ڇا انسان ايڏو نردئي ٿي سگهي ٿو جو پنهنجي نفعي لاءِ ڪن ٻين انسانن کي بکيو ماري يا قدرت جي سٺين شين کان محروم ڪري؟ ڪومل ڪيرت نہ صرف ''سماجواد''، پر، ''گانڌيواد'' ۽، ''موڙيواد''، جو بہ گهرو ابياس ڪيو. ''سماجواد'' - کي سماجهڙ ۾ هن جو چاه وڌيڪ ۽ وڌيڪ وڌيو. ''موڙيواد''، جو نردئي پهلو، هن جي تصور جي حدن اندر اچڻ لڳو.

ڪيرت محسوس ڪيو تہ ٻي مهاڀاري لڙائي (1939-45) ٻن لٽيري طاقتن جو، دنيا جي ورهاست لاءِ ٽڪر هو .... هڪ طرف سرمايداري هئي تہ ٻئي طرف فئسزم.

مهاتما گانڌيءَ جو وري چوڻ هو :-

All wars and conflicts are the result of the clash of egoes- just as the second world war was due to the clash of egoes of Hitler, Stalin and Roosevelt.

ڪيرت جا ٻيا ڪامريڊ دوست هئا :- اي.ڪي.هنگل، گُلاب ڀڳو اناڻي، پوهومل، عينشي وديارٿي، بُخاري، گوبند مالهي، حسن ناصر، جاويد، بشير، سوامي انگديو، گوبند پنجابي، ويد يوڄراج پرسواڻي وغيره.

ورهاڱي کانپوءِ، سنڌ ۾، ڪامريڊ ڪيرت .... پنجويهن سالن جو هڪ هندو نوجوان، پاڪستان اندر ڪراچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي واڳ جهلي ويٺو هو!

1940 ۾ جڏهن ڪيرت ڪاليج ۾ هو .... سنڌ ۾ ترقي پسندن جو ڪتاب گهر هو، ''نئين دنيا''. سوڀي جي رهنمائيءَ هيٺ ادبي ڪلاس بہ چالو ڪيو ويو هو. مارڪسواد ويچارن جا اديب، هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجيون اصلوڪيون رچنائون پڙهندا هئا. شيخ اياز، گوبند مالهي، نارائڻ شيام، آنند گولاڻي، سڳن آهوجا، گوبند پنجابي، ڪرشڻ کٽواڻي، لڇمڻ راجپال، رام امرلعل پنجواڻي، ۽ ٻيا شعور وارا شاعر ۽ عالي اديب هن نئي محفلن جي منہ ماڻي چڪا هئا.

ڪو وقت هو جو ڪامريڊ ڪيرت جي مَن ۾ بہ چٽائي هئي .... گ انڌيواد ۽ ڪانگريس مان هنجو وشواس ٽٽي چڪو هو .... سوشلسٽ پارٽيءَ مان بہ هنجو موه ڀنگ ٿي چڪو هو.

21. ''ڪيرت هڪ ڪامريڊ''

هن حياتيءَ جي عالمي ڊرامي ۾، اسين ائڪٽر آهيون ته درشڪ به آهيون. چين جي فلاسافر ڪنفيوشس جو چوڻ هو ته .... ''جيڪي ڪاجهه منهنجي لاءِ بهتر آهي، اُهو ضروري ناهي ته منهنجي پاڙيسريءَ لاءِ به بهتر هجي .... ۽ اِتان ڏاهپ چالو ٿئي ٿي.'' بادشاه پنهنجي مُلڪن تي راڄ پيا ڪن، پر ڏاها، بادشاهن تي راڄ ڪندا آهن. هر انسان کي آزادي آهي، ته جيڪا آئيڊيالاجي، کيس وڻي ٿي، اُها اَپنائي. پر منهنجي خيال موجب اُها آئيڊيالاجي، انسان جي ڀلي لاءِ هجي! ڪارل مارڪس به هڪ فلاسافر هو. ايڪانامڪس جو فيلسوف. اسان جي قلمڪار ڪيرت کي، ڪارل مارڪس جي فلاسافي وڻي، ۽ هُنَ، اُها اَپنائي.

''سماجواد'' جو لفظ به پهريون دفعو ڪيرت، ڪامريڊ، سوڀي ڳ يانچنداڻيءَ کان ٻڌو. ''ائن انٽروڊڪشن ٽو سوشلزم''، ڪتاب، سوڀي هن کي پڙهڻ لاءِ ڏنو.

ڪهاڻيڪار ڪيرت جوانيءَ ۾ ئي سماجواد جو گهرو اڀياس ڪرڻ ڪانپوءِ محسوس ڪيو ته ....

''سماجواد''، انساني برابريءَ جي فلاسافي آهي، ۽ اُن، ڪانٽ، هيگل، اينگلس، ۽ ڪارل مارڪس، جهڙا پيغمبر پيدا ڪيا، جن هزارن سالن جي انساني سماج جي اوسر جي تاريخ جو چيد ڪري، طبقائي لوٽ کسوٽ جي تهه ۾ وڃي، سماج جي صحيح تصوير جو درشن ڪرايو، ۽ اهو به ڏسيو ته نئين برابريءَ واري انساني سماج جو نرماڻ ڪيئن ٿيندو!

اُن وقت ديش ڀڳت ڪلاڪار ڪيرت، سياست ۾ ته هو ئي، هو چار دفعا راڄنيتي قيديءَ جي حيثيت به ماڻي چڪو هو. هن محسوس ڪيو ته، ''سماجواد'' جي رستي ئي، سڀني کي حق ۽ انصاف پلئه پوندو، ۽ دنيا ۾ سک ۽ شانتيءَ جو راڄ قائم ٿيندو. جنهن لاءِ ايامن کان دکي ۽ هراسيل انسانن، پنهنجي ڪلپنا ڪئي آهي.

هن اهو به ڀليءَ ڀت ڄاتو ۽ سڃاتو ته، ''سرمايدار سرشتو''، نفعي ڪمائڻ جي بنياد تي ٻڌل آهي.

22. ”قلمڪار ڪيرت مڪ ناٽڪ نويس“

آنءُ سوچيندو آهيان اسان جي جيون روپي اِسڪرپٽ، ايشور اڳم ئي لکي رکي آهي.

شاهاڻي شيڪسپيئر فرمايو هو :-

”هيءَ دنيا هڪ اسٽيج آهي ۽ اسين آهيون ڪردار، پاتر، ائڪٽر، ۽ ڪئريڪٽر!“ ادب جي صنفن ۾ ڏکئي صنف آهي ”مضمون“، پر منهنجي خيال موجب ڏکئي ۾ ڏکيو آهي ناٽڪ/ڊرامو لکڻ. چاڪاڻ جو اُن لاءِ ٻن ڪلائن جي ضرورت آهي .... ناٽڪ سان گڏ اسٽيج - رنگ منچ جي، ٻه چاڻ - گيان، هنڌ ڪپي. قلمڪار ڪيرت ڪيترائي ايڪانڪي، ريڊيو روپڪ، ٽيلي پلي، ڪيا آهن پر هنجو مشهور تہ - فيصلو ناٽڪ آهي .... ”ڌرتيءَ جو سَڏُ“ .... جنهن ۾ ڪلاونت ڪيرت ڏيکاريو آهي تہ، ”ڪڇ جو علائقو“. اسان سنڌين لاءِ موزون جڳه - گهرُ - يومي، ٿيندي. اُتي هلي، وسڻ ۽ بسڻ سان، اسان سنڌي، ڌرتيءَ ڌڪاٽا نہ سڏباسون.

پر افسوس! اسان جي اُها اُميد پوري نہ ٿي. اُن لاءِ اسين پاڻ جو ابدار آهيون.

فنڪار ڪيرت آشاوادي آهي. لکي ٿو :-

”جلد ئي اهڙيون حالتون اچي ٿيون، جو اسان جي خواهش ڪي پَرَ لڳي نہ سگهيا .... پر متان اُها چڻنگ شعلي ۾ بدلجي وڃي! ....

متان ڪو مون جهڙو ٻيو سِرَ ڦِريو، هن ناٽڪ کي پڙهي منچ تي آڻڻ جو حوصلو ڪري، پنهنجي متيءَ جي پُڪار جو ٻيوڪُلُ وڄائي!!“

هن تہ - فصلي ناٽڪ ۾ 9 ڪردار آهن. (1) ڪمل (35) يومي ٻيڪت (2) چنچل (45) زنده دل نوڪر (3) شاردا (30) آزاد خيال ۽ گَٽيير اِستري (4) رميش (35) شؤنقين سنتوَرڪي (5) ڪويتا (20) چنچل سياڻ ناري (6) نرمل (58) ساٿي ۽ من موجي شاعر (7) بودارام

سندن ويچارڌارا ماف ستري ڪونہ هئي .... هن جو انتمڪرڻ ٻولي رهيو هو ....

"تون ڪميونسٽن کي ويجهو آهين .... هنن جي سماجواد ۽ پارٽي جنتا سان ڪمٽمينٽ بلڪل سچائي ۽ صداقت تي ٻڌل آهي."

اُن کان پوءِ هنجو، مارڪس جي فلسفي ۾ عقيدو مضبوط ٿي ويو.

وديارٿي ملچل ۾ هن ڪميونسٽ جي لڳل ليبل ڪري ڪافي سٺو پڙ.

آخر هن جي دل چيو :-

"ڪميونسٽ آهين تہ، ڏونڪو هٽي چئہ تہ ڪميونسٽ آهيان .... ڪَ هٽو وقت ٻڇي ٻڇي ۽ ڦوڪي ڦوڪي هلندين؟"

آخر من تان هنجو شاهي بوجو هٽي ويو.

چون ٿا، پڪا ڪامريڊ، هنساوادي ۽ ناستڪ هوندا آهن. پر هيءُ ڪامريڊ مون کي ائين نٿو لڳي.

ممبئيءَ ۾ جڏهن انڊو سوويٽ ڪلچرل سوسائٽي ٺهي تہ آر.ڪي.ڪرنجيا سان گڏ، ڪيرت بہ اُن جو هڪ مکيہ ڪارڪون هو.

ڪيرت (1) "اَمن جي اُفق ڏانهن" ۽ (2) "لينن، دنيا جي عظيم انقلابي شخصيت"، نالي بہ ڪتاب لکيا. هن کي، "سوويٽ لئنڊ نهرو اوارڊ"، مليو. هيءُ صاحب بہ دفعا سوويٽ يونين جو ۽ هڪ دفعو يوگ وسلوويڪا جو دورو ڪري آيو.

1983 ۾ دنيا جي اَمن پسندن جي اسيمبليءَ ۾ هن قلمڪار "اَمن ۽ ليکڪ" اُن وشيہ تي ڳالهايو. ڪيرت ٻڌايو تہ .... "ليکڪ هميشه شانتيءَ جو دوت آهي."

هند ۾، جي.ايم.سيد جي، "جيئي سنڌ"، تحريڪ هلائڻ ڪري، سرجڻهار ڪيرت، پاڪستان جي حاڪمن جي نظر ۾ ڪٽر دشمن آهي، ۽ آهي بلئڪ لسٽ تي.

وقت بہ وقت ڪيرت جي کن سنڌ جي مسلمان سڄڻن بنا ويزا جي سنڌ ۾ اچڻ جي هن لاءِ ڪوشش ڪئي آهي، پر اخلاقي طور ڪيرت لڪچوريءَ ڪنهن ٻي ملڪ ۾ وڃڻ نٿو چاهي.

هن ڪومل ڪامريڊ، هميشه ڪوشش ڪئي تہ، سنڌين کي هند ۾، "خاص ٽورائيءَ واري جاتي" ڪري تسليم ڪيو وڃي.

•••

صاحب هڪ ٻاله چوان، غصو ته نه ڪندا؟
''پارٽي ڪمل صاحب جي ۽ گھرُ اوهان جو''....!
رميش :- ساڄو وقت توبري جيڏو وات کليو ئي پيو اٿئي.
هاڻي پاڄ هتان، نه ته گھرڙي هندوسانءِ منهن ۾.
ڪمل، بودارام کي ٿو چوي :-
''توهان جي ديش ڀڳتي، سرڪاري دلاليءَ کان وڌيڪ پيو ڪاڇهه به نه آهي.''
شاردا فرمائي ٿي :-
''جڏهن اسين لکپت بندر جي ڦِٽل ڊَٺل قلعي تي چڙهي وڃي بيٺاسون، ته رات جي وقت، اسان کي ڪياماڙي بندر جي لائيٽ هائوس جو شعاع به ڏسڻ ۾ پئي آيو.
هيءُ کهوڙا جو ننيو ڳوٺ آهي. هت اسان کي سنڌي ياءُ، نوجوان يوچو اٺي، ڳوٺ جو پوسٽ ماسٽر مليو. ساڄي گيه مان ٺهيل ميسو پاڪ جو پڙو ڏنائين.
ڪاڇي مسلمان، سؤ ٽڪا سنڌي آهن. ڪنڊالا بندر جي پرسان ساڌو بيلي جهڙو هڪ پويتر آستان به آهي .... ٿورو پرسان سمنڊ جي اندر هيٺاريءَ وانگر ٽڪرو آهي .... هوبهو سکر ساڌ بيلو، جتي مور ۽ ڊيلون به ناچنديون، لال اُڏيري جون جوتيون به ٻرنديون.''
قلمڪار ڪيرت جي، ''هند ۾ هڪ سنڌ''، جي ٺلهي ڪلپنا نه آهي پر .... پنهنجن پرسڌ اديبن جي هڪ جاچ ڪاميٽيءَ جي هڪ تفصيلي ۽ تحقيقاتي رپورٽ به آهي.
ڪيرت، اسان سنڌين کي هڪ سپنو ڏنو، جو اسان ساڪار نه ڪيو .... اهو سپنو صرف ڪيرت جو نه پر مهاتما گانڌيءَ ۽ پائي پرتاپ ڏئيلداس جو به هو.
ڪو وقت هو جو ''ڪڇ''، وشال سنڌ جو ڀاڱو هو، جيڪڏهن سنڌي زبان اسان جي ماءُ آهي، ته ڪاڇي ڀاشا اسان جي ماسي آهي.
1947 ۾ اسين سنڌي، ٽرٽيءَ ٽڪاٽا هئاسون ۽ اڄ به ٽرٽيءَ ٽڪاٽا آهيون.

•••

(70) شڪي، ڏنگو اَخبار نويس (8) اِنسپيڪٽر ۽ (9) پوليس وارو.
يومي پڳت ''ڪمل'' جو دوست آهي ''رميش''، شؤنقين سنتورڪي، ۽ اُن سنتورڪيءَ وٽ زنده دل نوڪر آهي ''چنچل''، ''نرمل'' آهي ساٿي ۽ من موجي شاعر. چنچل سياڻي واري ناريءَ ''ڪويتا'' کي رميش چاهيندو هو. پر هوءَ وري ڪمل کي ٿي چاهي.
آزاد خيالن واري گنڀير استري، ''شارڌا''، چاهي ٿي تہ سنڌي هلي هند ۾، ''اچوتي زمين ڪڇ''، کي پنهنجي يومي بڻائن .... اُتي هلي ڪارخانا لڳائن. شڪي ۽ ڏنگي اخبار نويس، ''بودارام''، جو خيال آهي تہ اسان سنڌين کي ٻين جاتين ۾ جذب ٿي وڃڻ گُهرجي ۽ سنڌ جي هر ڳالہ کي وساري ڇڏڻ گُهرجي. هو پوليس ۾ وڃي هنن خلاف درخواست وجهي ٿو تہ هو پاڪستان جي مدد سان، ڪڇ علائقي ۾ بغاوت جي باہ دُکائڻ ٿا چاهن.
يومي پڳت، ''ڪمل''، کي ''ڪڇ'' جو دورو ڪندي هر هنڌ، ''سنڌو (سنڌيت)'' نظر آئي .... جنهن سان هو لائون لهڻ ٿو چاهي ۽ ڪويتا کي ڇڏڻ ٿو چاهي. ڪويتا ڪمل کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي.
شارڌا، ڪويتا سان همدردي ڪندي چوي ٿي : ''تنهنجو چنيسر توکان رسي وڃي رهيو آهي. اُٿ! هل تون بہ اسان سان گڏجي هل .... هڪ نئينءَ ڌرتيءَ جي سيني تي هلي نئين جيون جا پوٽا لڳايون! ....
قلمڪار ڪيرت، هن ناٽڪ کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ موقعو ڏنو ايس. پي. مينگهاڻيءَ کي ۽ هو هن عمر ۾ ههڙو جس حاصل ڪرڻ جو آنند محسوس ٿو ڪري. هن جي خيال موجب ناٽڪ جي رٿا، ڪاميڊي سٽيوئيشن، ڪردارنگاري، ۽ ڪلائيميڪس، وغيره جا گراف، بلڪل صاف چٽا ٿا نظر اچن.
منهنجي خيال موجب ناٽڪ آهي وارتالاپ وسيلي ڪماٽي ڪَهڻُ (ڪهڻ معني چوڻ) ۽ فنائتي نموني ڪهڻ. ڪتب آندل ٻولي، هر ڪردار جي حيثيت موجب آهي ۽ آهي موزون ۽ مائيدار
چنچل :- ڀڳوان قسم، مون جهڙو جلقٽاڪو نوڪر، هن جنم ۾ تہ ڇا، ٻئي جنم ۾ بہ نہ ملندوَ.

پر ڪڏهن تہ صرف ڪپڙن جا دامن،
هڪ ٻئي کي ڇُهي وٺن ٿا.
پوءِ بہ اُن ۾ - اُن ڇهاءَ جي اَحساس ۾
هڪ لطف ٿو محسوس ڪاجي،
ڪا ڪلپنا ٿي لُيائي،
ڪو اَٽاڪيو آنند ٿو اڇي،
جڏهن ڪا سندرتا پر ۾ آهي.''
(3) ''عشق انڌو هو،
پر هاڻي -
ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ جو
فائدو وٺي،
هڪ اک جو آپريشن ڪرائي،
ٽيڏيءَ اک سان،
هر ڳالهہ کي جاچي جوچي،
پوءِ ئي ٿو پيلچ اَڙائي.''
(4) ''پيٽ خالي تہ ڇا؟
انگ اگهاڙو تہ ڪهڙي ڪارڻ؟
آزادي تہ اسان وٽ آهي -
ڪنهن بہ وڏ وڏيري کي،
گار ڏيئي،
آنند ماڻي سگهون ٿا،
۽ ووٽ جو حق هلائي،
ڪنهن بہ ''ڳڏه'' کي،
پنهنجي مٿان سوار ڪري سگهون ٿا.''
(5) زندگي چئن ڏينهن جو سفر،
ڪيڏو نہ لنبو!
چئن ڏينهن جي خوشي،
ڪيڏي نہ ٿوري!''
(6) ''اسان جو قانون ڏوهارين سان

23. ''قلمڪار ڪيرت مڪ ڪوي''

ڪوي اکر ''ڪلپنا''، مان نڪتل آهي ۽ شاعر اکر ''شعور''، مان نڪتل آهي. ڪلپنا معني اُڏام. جڏهن خيالن جي اُڏام موسيقيءَ ۾ پيش ڪئي ٿي وڃي، تڏهن اُن کي ڪوتا يا شعر ٿا ڪوٺن. ڪوي ڪيرت، ''مُڪت ڪوتائون'' پيش ڪيون آهن. مُڪت ڪوتا معني، آزاد نظم، نئين ڪوتا، فري ورس، نثري نظم، وغيره. سنڌي زبان ۾، هند ۾، نئين ڪوتا جا باني آهن، هريش ۽ هريڪانت، ۽ سنڌ ۾ عظيم شاعر شيخ اياز. عظيم شاعر نارائڻ شيام جو چوڻ هو تہ، ''نئين ڪوتا ۾ بحر ۽ وزن جي ڪسرت واري ڪٺنائيءَ کان مُڪتي ملي ٿي وڃي، ۽ اُن ڪري اُن آزاد فارم ۾، شعر لکڻ آسان ٿيو پوي.''

مطلب تہ ڪوتا آهي اَنيوَ جي سچائي ۽ اُن جو مختصر اِظهار. ڪن جو وري خيال آهي تہ، ''نئين ڪوتا اڄ جي بدليل قدرن کي سچائيءَ سان پيش ڪري ٿي.''

هاڻي اچو تہ ڪومل ڪيرت جي مُڪت ڪوتا ماڻيون :-

لِکيو لِياڪا پائين :-

(1) ''سامهون هڪ معصوم سندرتا
هڪ جوان جي پير ۾ ويٺي آهي،
نہ - متاجندڙ مُشڪ سندس چپن تي
ائين کيلي رهي آهي،
گويا صبح جي هير تي ڪَلي کِڙي پيئي آهي.''

(2) ''احساس ئي اهڙيءَ تمنا کي جنم ٿو ڏئي -
ڪڏهن کُلها چهن ٿا،
ڪڏهن گوڏا ٽڪرجن ٿا،
ڪڏهن ٺونٺين جون نوڪون ملن ٿيون،

24. "سنڌي ادب ۾ تِمورتيون"

هندو ڏند ڪٿائن جي دين ۽ پرمپرا پٽاندڙ برهما، وشنو، ۽ مهيش، جي تِمورتي آهي، جا هندو ڌرم ۽ فلسفي جو هڪ بنيادي ستاءُ آهي. اها پرمپرا اسان جي جيون سان به جڙيل ۽ جٽيل آهي. ورهاڱي کانپوءِ ۽ هند ۾ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ليکڪن، ڪيرت، مالهي، ۽ اُتم، جي تِمورتي مشهور معروف آهي. هن تِمورتيءَ جا پيا ساٿي به سنڌي ساهت جا عالي ليکڪ آهن جهڙوڪ :-

ڪرشڻ راهي، ڪرشڻ کٽواڻي، موهن گيهاڻي، پوپٽي هيرانندڻي، موهن ڪلپنا، ۽ ڊاڪٽر ارجن سڪايل وغيره.

اِڳتي هلي ٻيون تِمورتيون به برپا ٿيون .... جهڙوڪ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، ۽ لعل پشپ، جي تِه مورتي .... جي ترقي پسندن جي خلاف ٿيا. جيتوڻيڪ اِڳتي هلي موهن ڪلپنا وري ترقي پسندن جي تِه مورتيءَ جي ويڇهو آيو.

سنڌيت جي هلچل ۾ 1950 واري ڏهاڪي کان ترقي پسند تِمورتيءَ جو زور ۽ اثر نمايان هو.

موهن، گني، ۽ پشپ، جي تِمورتي سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ويچارڌارا کان هٽي نئين جديد ڌارا جو آغاز ڪيو.

هري موٽوانيءَ جڏهن، ”ڪونج“، ماهوار مخزن ڪيڻ جو ويچار ڪيو، تہ هن، مکيہ سمپادڪ برک شاعر سڳن آهوجا کي بڻايو ۽ سمپادڪي منڊل تي موهن ڪلپنا، گُني سامتاڻيءَ، ۽ راجن چاولا، کي کنيو. ”ڪونج“ پڌرائي ڪني تہ سنڌي ادب ۾ نوَن اديبن کي بہ وجهہ ڏيندا ۽ هڪ هٽيءَ کي ٽوڙيندا.

آهي ڏاڍو مھربان!
سونھري ڇاريءَ مان
مانگرمڇ نڪريو وڃن،
پر نِنڊيون مڇيون
ڦٿڪيو ڦٿڪيو ساھ ڏين!''

منھنجي خيال موجب، ''ڪوتا'' ھجي يا ''مُڪت ڪوتا'' ھجي .... جيڪا ماڻي سگھجي، اُھا شاعري آھي. جيتوڻيڪ ڪيترن عالمن ۽ اديبن ''مُڪت ڪوتا'' کي شاعري مڃڻ کان انڪار ڪيو آھي. نامياري نقاد ڪارلائيل جو چوڻ ھو تہ، ''جيڪڏھن اوھان جي ڪوتا ڀڳائي نٿي سگھجي، تہ اُن کي ڪوتا ئي نہ ڪوٺيو!''

ڪيرت جي ڪوتا ۾ ڏسو ڪيڏي نہ اُڏام آھي!

ھن جي ڪوتا اسان کي آنند بخشي ٿي تہ ڪٿي سوچڻ لاءِ مجبور بہ ڪري ٿي.

ڪيرت جھڙو باشعور رچناڪار، وقت، سماج، اِتھاس، .... مطلب تہ ھر پَلَ جي ڌڙڪن جي شناس رکي ٿو.

آنءُ سوچيندو آھيان، نئين ڪوتا، مونکي ماڻٽي آھي، ۽ نثري نظم، جھونگارڻو آھي .... علم عروض سان، منھنجو ڪھڙو واسطو!

ھند ۾ مُڪت ڪوتا کي، اسين ''نئين ڪوتا'' ٿا ڪوٺيون، ۽ سنڌ ۾ ھنکي، ''نثري نظم'' ٿا سڏِن. ھند ۾ نئين ڪوتا جي وياکيا ۽ واکاڻ وڌ ۾ وڌ، ڊاڪٽر پريم پرڪاش ڪَئي آھي. ھن صاحب جو، ''پڳت''، نالي نئين ڪوتائن جو ھڪ ڳٽڪو، اسان ''بيست سنڌي سيا'' پاران شايع ڪيو ھو، جنھن تي ھن قلمڪار کي ساھتيہ اڪادمي اوارڊ بہ عطا ٿيو ھو.

چاڻن جو چوڻ آھي :- شاعريءَ ۾ بنيادي ڳالھ احساس جي آھي. شڪل يا فارم بعد جو مسئلو آھي. ڪي مسئلا ۽ موضوع اھڙا بہ آھن، جيڪي نئين ڪويتا ۾ وڌيڪ واضح نموني سمائي سگھجن ٿا.

●●●

ڪرانتيڪاري سوڀي گيانچنداڻيءَ (1920) کي، اَمان اَلله شيخ ”سنڌ جو پروميٿيوس“ ڪوٺيو آهي ۽ ڪوٺيو آهي ”موهن جي دڙي کان به وڌيڪ اَڏول انسان“ جو اَدبي ۽ سياسي ميدان ۾ اڙٻنگ ۽ اَرڏو شهسوار آهي ۽ آهي اِنقلابي / ڪميونسٽ / اَديب / ڏاهو /سنڌي شيوڪ / ۽ اِنسانيت جو خيرخواه .... جنهن سڄي ڄمار، رنگ، نسل، ڌرم ۽ ڪٽرپڻي خلاف جدوجهد ۾ گذاري آهي.

جڏهن اَديب گوبند مالهي سنڌي ڇڏي هند، اچي رهيو هو، ته هوءُ پنهنجي ساٿيءَ سوڀي کان موڪلائڻ ويو هو. سوڀي هن کي چيو هو ”هتان جيڪي وٺئي سو کڻي وڃ. شاهه جو رسالو سنڌ جي اَمانت آهي. اُن کي سنڌ ۾ رهڻ ڏي.“

سوڀو اڄ به سنڌ ۾ آهي!

سدا حيات پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو چوڻ آهي ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ به هڪ ٽه مورتي هئي. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، لعلچند اَمرڏنومل جڳتياڻي ۽ ڄيٺمل پرسرام گُلراجاڻيءَ جي. هي ٽئي جهونا ليکڪ، پارکو ۽ قدرشناسي هئا. لعلچند رُکو هو، اِنڪري هن کي ”لعلچند ڏِکر“ به ڪري ڪوٺيندا هئا. هي ٽيئي عالم، سنڌيءِ جا پروفيسر هئا ۽ هِنن ٽنهي جو ديهانت هِند ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٿيو. اُن وقت وري راڄنيتي ٽمورتي هئي : جئرام، گهنشيام ۽ چوئٿرام.

ڇاڻن جو چوڻ آهي ته :

”هِن جهونيءَ ڀيرومل لعلچند ۽ ڄيٺمل واري ٽمورتيءَ جي لاڏاڻي سان، سنڌي نثر جو ڪلاسيڪل دؤر ختم ٿيو.“

•••

ساهتڪ ڪيتر ۾ هڪ ئي جبري ٽمورتي به ميدان ۾ آئي ....
سلامتراءِ پرسو اڻي، موهن ڪلپنا، ۽ ارجن سڪايل. هنن ٽن يارن گڏجي اڪل يارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جي چوڏهين سميلن جو خاڪو تيار ڪيو.

اُلهاسنگر ۾ اُن وقت ٻين مکيه هستين به زوردار حصو ورتو چوڏهين سميلن لاءِ. اُهي هئا .... پرسرام ڪالاڻي، نوتنداس خوباچنداڻي، ۽ دُنياچند ڪالاڻي ....

ٻيا مکيه مهرتي هئا : ڪشن دلواڻي، ۽ نوجوان اديبن مان ڪشور ڀوجا ۽ ٽيڪاچند مست.

اُلهاسنگر ۾ **14** سميلن سڏائڻ جي رٿا موهن ڪلپنا جي هئي، جنهن فرمايو هو : ”ايندڙ سميلن اسين سنڌي، سنڌين جي تيرٿ آستان سنڌونگر ۾ ڪنداسين.“ موهن کي سنڌونگر ايترو پيارو هو جيترو، ”سنڌ“. شري ڪيرت، موهن ڪلپنا کي پورو ساٿ ڏنو سميلن لاءِ پر اُتم ڪاوڙجي ويو. هن جو چوڻ هو ته، ڪيرت، سڀا جي اصولن سان سماجهوتيبازي ڪئي آهي.

ڪيرت ته ڊچ فلاسافر اسپينوز (**1632-1677**) وانگر سوچيندو هو : ”انسانن جا ڪرم ڏسي، آءٌ ڪوشش ڪندو آهيان، ته نه اُنهن تي کلان، نه رئان، ۽ نه وري، اُنهن سان نفرت ڪريان، پر اُنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان.“

قلمڪار سندر اگناڻي، ڪامريڊ اُتم لاءِ لکي ٿو :-

اُتم بابت ڪجهه به لکڻ معنيٰ ماکيءَ جي مُناري ۾ هٿ وجهڻ ....
اُتم جي خط جو جواب ڏيڻ معنيٰ پاڻ اَڙائڻ .... اُتم لاءِ **cause** سيني کان مٿي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جو اِتهاس، اُتم بنان اڻپورو لکيو ويندو. مان هِن کي پنهنجو گرو ڪري ليکيندو آهيان. ڪميونزم جو نه پر سنڌيت جي جنون ۽ جذبي جو جيڪو به انگ اَتم، اُهو اُتم جي بدولت ئي آهي.

اُتم وانگر ڪيرت ۾ به مون اڪثر گهٽي قدر اِهو گڻ ڏٺو آهي ته هوُ ڪم کي دنيا جي سيني رشتن کان مٿي ليکيندا آهن.

ٻنهي جو آزاد نظم، شاعريءَ جي رنگ، نغمي، ۽ نور، جو هڪ طلسم آهي. هنن جو ساهت، سرسبز ۽ چانوَ وارو وڻ آهي .... پر ڪرانتيڪار هجي يا وڻ، اسين اُنهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جا عادي نہ آهيون. هنن جي جيتري ساراه ٿي آهي، اوتري مخالفت بہ ٿي آهي.

هنن جي قلم واري ڪلا جو مقدار ۽ معيار گَجگوڙ ڪري وهندڙ درياه مثل آهي. هنن جي ڪرانتيڪاري، مخالفتن جي ڪوزي ۾، سميٽجي اچڻ بدران، مخالفتن کي بہ پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃي ٿي. سنڌين تي، هنن جو ساهت، ٻَڙَ جي وَڻَ مثل ڇانيل آهي. هنن جو ساهت روپي سمنڊ ۽ ڪرانتيڪاري پسي، اسين حيران ٿي وڃون ٿا.

هنن فنڪارن جي اڳيان هي دنيا، هر هر آليءَ مٽيءَ مثل اچي ٿي، ۽ هيءُ هڪ ماهر فن ڪوزه گَرَ وانگر، اُن کي، هو چَڪَ تي رکي چاڙهي ڇڏن ٿا. هي ٻئي پنهنجي ساهت جي راه تي، اُن پوپٽ مثل آهن، جنهن کي اُڏڻ ۽ ساهي کڻڻ لاءِ، ڪنهن گُل يا گُلن جي مالهيءَ کان آڳيا وٺڻي نہ پوندي آهي .... جيتوڻيڪ شيخ جي پيٽ ۾ ڪيرت لکيو گهٽ آهي .... ڪيرت ٿورو لکيو آهي پر سٺو لکيو آهي. شاه لطيف وانگر هيءُ ٻئي شهسوار شعور وارا اديب، طلب جي تنوار کان پري آهن.

هنن ٻنهي ذات ڏٺين .... نہ فقط جيئن دنيا آهي، پر جئن دنيا ٿيڻ گهرجي، اُن جو بہ چِٽر چِٽيو آهي.

هنن ٻنهي ڪلاڪارن کي جيڪڏهن عورت ۽ شراب مان هڪ کي چونڊڻو پوي، تہ هي جيڪر شراب کي چونڊن، ۽ جيڪڏهن شراب ۽ ڪتاب مان، هڪ چونڊڻو پوي، تہ هي جيڪر ڪتاب کي چونڊن.

هنن ٻنهي فيلسوفن لاءِ، هيءُ سارو جيوَن ڀلائي ۽ بُرائي جي ڀُڏ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُنهيءَ ڀُڏ ۾ ڀلائي، اڪيلي آهي، بلڪل اڪيلي. هيءُ ٻئي فنڪار ڌرمي ڀيد ڀاوَ ۽ جاتيواد کان مٿي آهن.

هنن ٻنهي ساهتيڪارن جي سماجي ذميواري اها آهي تہ هنن جا خواب ۽ خيال هڪ ڏينهن لاءِ بہ نڪما نہ رهن. هنن لاءِ رنگارنگي ڪائنات جو ڪوئي انت نہ آهي، ۽ نہ اُن جي حسن ۾ ڪمي ايندي، نہ حيرت

25. "ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ شيخ اياز"

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي اتهاس ۾ جن ٻن ساهتيڪارن، سنڌيت جي سڏ تي، سِرُ ڏيڻ لاءِ بہ تيار هئا، اُهي آهن عظيم اياز ۽ ڪرانتيڪاري ڪيرت .... سنڌ ۾ اياز، هند ۾ ڪيرت! هنن ٻنهي سرجڻهارن تي سنڌي زبان جي لافاني ۽ لاثاني شاعر شاہ لطيف جو اثر آهي. هنن، اُن جي صدا سُڻي، ۽ هنن جي صدا، صدين تائين رهندي. هنن ٻنهي سرجڻهارن جي گهري مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي..... سنڌيت، آزادي، اَمن ۽ پيار - جيستائين سنڌي آهن لطيف سان گڏ، اياز ۽ ڪيرت بہ زنده رهندا.

اياز جي، "ساهيوال جيل جي ڊائري"، ۽ ڪيرت جا، "ڪاڄهہ لڪايم ڪاڄهہ ٻڌايم" .... پڙهڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ ايمرسن جا اُلفاظ اُڀري ٿا اچن جنهن چيو هو : "اهڙو ساهت، درجي بہ درجي دلپزير ڊائريون ٿيندو ويندو .... بشرطيڪ ڪوئي پنهنجي محسوسات مان اُهي احساس چونڊي سگهي، جي واقعي هِن جا هُجن ۽ هو سچ سچائيءَ سان لکي سگهي."

هي ٻئي شعور وارا شاعر، ڪرانتيڪار آهن تہ ڪلاڪار بہ آهن، ڪلاونت آهن تہ ڪماٽيڪار بہ آهن. .... هنن سنڌيت ۽ سنڌين جي، هر اُمنگ ۽ رنگ، ڏاہ ۽ ڏنگ، جذبي ۽ جذبات، اَنگ ۽ اُتساہ، تهذيب ۽ تمدن .... تي لکيو ۽ لوچيو، سوچيو ۽ سمجهيو، پاتو ۽ پرايو، لڌو ۽ لهرايو، آهي. هنن پنهنجي ساري عمر سنڌيت جي سينڌ ڪي سنوارڻ ۾ گذاري ڇڏي آهي!

چوٽ تي رسايو آهي. جڏهن جڏهن سنڌي زبان، سنڌيت، ۽ سنڌ، تي وار ٿيو آهي، تہ هنن قلم روپي تلوار کڻين آهي.

هنن فنڪارن جي اها روايت آهي تہ .... پورهيت کي سنڌس پورهئي جو اُجورو، کيس سنڌس پگهر سُڪڻ کان اڳ ڏئي ڇڏجي.

هي هئي ڪلاڪار، موهن جي دڙي جا ماڻهو آهن.

هنن جي ايڏي وڏي دين ۽ يوگدان کي، سنڌ ۽ سنڌي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا.

جن کي سنڌيت کي سماجهڻو هجي، اُهي شاه ۽ شيام، شيخ، ۽ ڪيرت، کي پڙهن ۽ پڙهن جي. ايم. سيد، کي.

• • •

افزائيءَ ۾!

هنن ٻنهي فنڪارن جي قوميت .... ”انسانيت“، آهي.

هنن جو فلسفو آهي :-

”ٻڌ ٻئي جي ڳاله اياز

ٻنهنجو پيغمبر تي گھار!“

- شيخ اياز

ڪيرت جو وري چوڻ آهي :-

”منهنجو خود مارڪسواد ذاتهن رخ عقلي آهي ۽ وگيانڪ آهي، شرڌا تي ٻڌل نہ آهي. مون ڪنهن بہ چيز، ماڻهو، ويچار يا رشتي ۾، موھ نہ رکيو آهي .... مان پنهنجي ويچارن، اصولن، ۽ آدرشن، تي بلڪل پڪو ۽ سخت آهيان. مان شخصي وير وروڌ يا نفرت جو جذبو رکان ئي ڪونہ.

هر شخص کي مان، سُٺو سمجھندو آهيان. ڪاريہ منهنجي پوڄا آهي، منهنجو ڀڳوان آهي. ماٺ ڪري ويهڻ مون کي موت جي برابر لڳندو آهي. مون ڪڏهن بہ شخصي مطلب يا لاڀ جو اونو نہ رکيو آهي. سرحد جي ٻنهي پاسي وَسيل سنڌين جي سلامتي ۽ سؤمان، واداري ۽ وڏائيءَ، سان مان وَچنَ - بَڌ آهيان.“

ڏات، هنن ٻنهي ڏات ڏٺين لاءِ عظيم قوّت آهي. عظيم اياز، موتي پويا آهن تہ ڪومل ۽ ڪرانتيڪاري ڪيرت، موتي پکيڙيا آهن. سنڌيت، هنن ٻنهي کي اجيت بڻايو آهي. هي ٻئي سنڌ جي ماضيءَ ۾ ٿيون هٿي، اُن جي مستقبل ڏانهن اُڏاٽا آهن. هنن ڪرانتيءَ روپي شعلي کي مشعل مان جهٽي اَبدي بڻايو آهي. هنن جي قوميت جو تصور چندن جي ٻاڙ جهڙو آهي، جنهن جي چوڌاري ڪاريهر ڦڪاري رهيا آهن.

هنن، دنيا جي سيني عظيم انسانن جو ڳوڙهو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو آهي، ۽ آهي کين پرکيو ۽ پاتو. هنن پنهنجي فن ۽ فڪر، ڏات ۽ ڏانوَ، سان سنڌيت جي جذبي کي ۽ سنڌي ادب ۽ ساهتيہ کي، سوڌي ۽ سنواري،

'جيئي سنڌ ...... سدا جيئي''، ''پاڻ ڏسڻ آيو''، سليم ۽ ڪليم وغيره
ڪهاڻيون ۾.

ڪهاڻي ڪلا آهي. ڪهاڻي زندگيءَ جي ترجمان آهي. ڪهاڻي
گهڙيءَ ۾ گهڙيال آهي. ڪهاڻي پنهنجي وقت جو اِتهاس بہ آهي ......
پر هاڻي مون جاچيو آهي تہ ڪهاڻي ڪهاڻيڪار جي جيون جو هڪ
عڪس، آئينو ۽ آرسي بہ آهي. جيئن ...... ڪيرت جون ڪهاڻيون.
''منهنجو يار ٿهل'' ۽ ''پيٽ ۾ وَڪڙ'' ...... وغيره.

ڪرانتيڪاري ڪهاڻيڪار ڪيرت، هند ۾ اچي سنڌين کي
''جيئي سنڌ ...... جيئي هند'' جو بيت پڙهايو آهي، جيئن پروفيسر رام
پنجواڻيءَ اسان کي ''جهوليلعل، اشٽ ديوَ'' جو پيغام پڙهايو آهي. ڪيرت
ڀيمو آهي تہ هوشو بہ آهي. حيدر آهي تہ جي ايم سيد بہ آهي.

هند ۾ سنڌي ڀاشا بچائڻ ۽ سنڌيت جي هلچل جو هوُ پيشم پتامه بہ
آهي. ڪٿاڪار مُنشي پريمچند فرمايو هو :- ''ساهتيہ اُن بغاوت جو نالو
آهي، جا اَتياچار ۽ اَهنڪار جي خلاف، انسان جي دل ۾ پيڙڪي اُٿي ٿي،
...... ليڪڪ اُن بغاوت کي ظاهر ڪريٿو.'' جي ايم سيد وانگر ڪيرت،
سنڌ سان ائين پيار ڪندو آهي، جئن ڪوئي پار ڪنهن جيئريءَ ڪوسي
ڪُک سان ڪندو آهي! مهاڪوي ڪرشڻ راهيءَ فرمايو :-

(1) ''وطن لاءِ جان بہ گهوري، پوءِ بہ توري،
سنڌين جان نہ گهوري، وطن گهوري آيا.''

(2) ''ڌارين وانگر جڏهن، سنڌ وچي ڏسندا،
ماڻهو ائين چوندا، تہ سنڌي آيا سِنڌُ ڏسڻ!''

ڪيرت جون ڪهاڻيون. اُها ڪلا آهن، جن ۾ سنڌين جي حياتيءَ
جي دل جو ڌڙڪنون آهن. هن ڪهاڻيڪار جي ضميو اري پنهنجي ضمير
تي انهن آهي ...... اُن ضمير جو درشن جنهن کي ڪرڻو هجي سو، هُنَ جون
ڪهاڻيون پڙهي.

حيدر بخش جتوئيءَ وانگر ڪيرت، ''باباڻي سنڌ'' آهي. 1949

26. "سنڌي تهذيب جو اڏيندڙ ڪهاڻيڪار ڪيرت"

"Whoever tells the best story،shapes the Culture"

- ER MC Manus

ڪيرت جي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب آهي ..... "اوهين سڀ ننگا آهيو! 1993 ۾ هن قلمڪار هيءُ ڪتاب، "منڊڙي امڙ سنڌي ڌرتيءَ جي نالي". ڪيو آهي ۽ هن ۾ 14 ڪهاڻيون آهن (1) منهنجو يارُ ٿهل (2) جيئي سنڌ ..... سدا جيئي! (3) ڄام شوري جي پُل (4) پيٽ ۾ وَڪڙَ (5) سنت جي سريت (6) پاڻ ڏسڻ آيو (7) سليم ۽ ڪليم (8) نپٽو (9) ڀڳوان الائي ڪيس ..... (10) مون واعدو نہ پاڙيو (11) ..... ۽ ٻوٽ ڳُم ٿي ويو! (12) اڪيون (13) لينن گراڊ جي هڪ شام ۽ (14) اوهين سڀ ننگا آهيو!

جيون هڪ شاهي ومڪرو آهي، جنهن ۾ اَنيڪ اُٿلون ۽ اُپار اَچن ٿا، جن مان ويچار جا انيڪ سُر ۽ لهرون وجود پائين ٿيون، ۽ ذهن جو وسيلو مانداڻ منڊ جي ٿو. اِهو ذهن جو وسيلو مانداڻ آهي، تخليق! جنهن جيون جي مول فلاسافي آهي، سچ جي کوج، تيئن ڪهاڻي سرجڻ بہ آهي، سچ جي کوج. اها ڪلا داخلي آهي تہ خارجي بہ آهي.

ڪلا فقط ڪلاڪار جي شخصي ريچڪ جو اظهار نہ آهي، پر آهي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ بہ ..... ٻين ڪلائن وانگر "ڪهاڻي ڪلا" بہ اسان کي جمالياتي حسن ۽ جمالياتي آنند بخشي ٿي. ڪهاڻيڪار پنهنجي بهترين ڪهاڻين سان تهذيب ۽ تمدن کي بہ گهڙي ٿو. ..... اِهو ڪارج ڪومل ڪهاڻيڪار ڪيرت بہ نڀايو آهي ..... "ڄامشوري جي پُل".

ڌرتيءَ جي مانگ تي سنڌور ڇٽيو ويو هو.

(3) ''مون واعدو نہ پاڙيو'' :- هيءَ ڪهاڻي ڪيرت جي ڪراچيءَ جي ساروڻن تي ٻڌل آهي. 11 مهينا جيل ۾ رهڻ ڪان پوءِ جڏهن ٻاهر آيو تہ ديش آزاد ٿي چڪو هو. هن جا مائٽ هند وڃي چڪا هئا. 24 ڪلاڪن جي اندر هن کي، ڪراچي ڇڏڻي هئي، پر هن اُهي 24 ڪلاڪ ڪراچيءَ جي گود ۾ ماڻيا ۽ برنس گارڊن، رام باغ، ڊي جي سنڌ ڪاليج، ميٺارام هاسٽل، بندر روڊ تي پورٽ ٽرسٽ يونين جي آفيس، نيٽي جيٽي، ..... ڏسڻ ڪان پوءِ ڪراچي ڇڏي ۽ واعدو ڪيو تہ جلد موٽندس پر وري نہ موٽيو ۽ واعدو نہ پاڙيو.

هاڻي ڪيرت جو انوکو انداز پسو :-

''برنس گارڊن جي باغائيءَ جي چهري تي اِهڙي پياري مُرڪ هئي، جو اُن جو مونالزا جي مُشڪ سان مشابهت ڪندي، مان ڪوبہ اخلاقي يافني ڏوھ ڪونہ ٿو ڪريان.''

''زندگيءَ جون سونهري گهڙيون، مون ڪراچيءَ ۾ گذاريون هيون. مون ڪراچيءَ سان اُهي ناتا جوڙيا هئا، جيڪي منهنجي جيون جا نہ وسندڙ باب هئا.'' .....

(4) ''ٻوٽ گم ٿي ويو!'' :- ٻوٽ لاڪاڻ، فوجي حرامخورن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀندو هو جو هتان جا سرويچ، فوجي آمريت خلاف اڳرا هئا ..... آخر پنجابي فوجين اهو الزام لڳايو تہ ٻوٽ جي رهواسين ٻوٽ تي آزاد سنڌو ديش جو جهنڊو جهولايو آهي ..... اُن تاحمت هيٺ فوجين ٻوٽ جي نارين، نينگرين، ۽ نوورٽين کي ننگو ڪري گولين جي برسات ڪئي ۽ ٻوٽ تي بمبازي ڪري ٻوٽ کي ڌرتيءَ تان گم ڪيو ويو.

(5) ''لينن گراڊ جي هڪ شام'' :- ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت نازين پنج لک ابوجهہ ماڻهن کي ماري، پوري ڇڏيو هو. ليننگراڊ ۾. ڪيرت صاحب، اُن يادگار، شهيدن جي شهادت تي شرڌا جا گل چاڙهيا آهن، هن

۾ سنڌ ۾ چئي آيو. ”بابا، اِجهو ٿو موٽي اچان!“ هو هت آيو تہ ڪيس
وري وڃڻ جي ويزا نہ ملي. جنهن لاءِ هو پاڻ کي حيف جي لائق ٿو سمجهي
شاه لطيف جو چوندڙ شعر :-

(1) ”سوري سَڏُ ڪري، اُيي عاشقن کي،
جي اَٿئي سَڌَ سڪڻ، جي تہ ڪرمَ پير پري،
سسي ڏار ڏري، پُڇاڄ پوءِ پريتڻون!“

(2) ”گهوڙن ءُ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏه منجهہ ڪوٽن، ڪڏه راهي رَڻَ جا!“

اُن مان وچن ائين وڻندو آهي جڻن تہ ڪي شرڌالو، گرو گرنٿ ڪي
وچ مان ڪولي، وچن وڻندا آهن.

(1) ”ڄامشوري جي پُل“ ..... ڪهاڻيءَ ۾ ڪيرت 4 مارچ
1967 تي سنڌ ۾ سنڌين تي ڪربلا جي قهر ءُ مياڻيءَ جي جنگ مثل ٿيل
حادثي جو ذڪر ڪيو آهي.

(2) ”سليم ءُ ڪليم“ ..... ڪهاڻيءَ ۾ ٻن سنڌ جي دلير ڀائرن
جي همٿ ءُ حوصلي جو سنڌ جي حقن لاءِ لڙڻ وارو ذڪر ڪيو آهي.

(3) ”جيئي سنڌ ..... سدا جيئي!“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪيرت، شهيد
عبدالرزاق سومري جي شهادت جي ڪهاڻي ڪوٽ ڪئي آهي.

هاڻي ڪامل ڪهاڻيڪار ڪيرت جي ڪهاڻين مان سندس لکڻ
جو انوکو انداز ماڻيون :-

(1) سنڌي ماءُ ڪوٽ ۾ بند آهي. بربريت سندن ريٽو رت وهايو
آهي. ڏاڪڙا مڙسن لاءِ سياڄون آهن. مُلن جي بلئڪ لسٽ تي اولن ۾ ٽنگيو
پيو آهيان. اوهان امڙي بارود جي وچ ۾ هڪڙو خوبصورت گُل ڪيئن
سانڍيو آهي؟ ..... چئبو تہ سنڌ ڌرتيءَ تي شهيد مائي بختاور جون
پوٽيون ءُ ڏوهٽيون، ماڇي ميدان ۾ آيون آهن.

(2) سنڌ ماءُ جي سپوتن جو ريٿورت، هن ڌرتيءَ ۾ ملي ويو هو.

نتو ملجي، هن لاءِ پاپ ۽ پاڇ جو سوال ڏاڍو ساڌارڻ ۽ سولو آهي ..... ''انساني وهنوار ۾ ڪنهن کي به ڇاٽي واٽي دک پهچائڻ ني پاپ آهي.'' .....

هيءَ ڪهاڻي وري پڙهڻ کان پوءِ آنءُ پايان پيو ته، ڪهاڻيڪارُ، گيتاجي، ''ڪرم ۽ اُن جي ڦَلَ ۾'' وشواس رکيتو جڏهن هو چويتو :-

..... ''انساني وهنوار ۾ ڪنهن کي به ڇاٽي واٽي دک پهچائڻ پاپ آهي'' .....

هنِ ڪهاڻين جي ڪتاب جون گهڻيون ڪهاڻيون، سنڌ ۾ هليل هلچل : سنڌي زبان جي بچاءَ لاءِ، سنڌيت کي سنڌ ۾ سلامت رکڻ لاءِ، ۽ سنڌ ديس کي آزاد ۽ آباد ڏسڻ جي جدوجهد تي ٻڌل آهي. عظيم اياز وانگر ۽ جي ايم سيد وانگر، هيءُ ڪرانتيڪاري ڪهاڻيڪار ڪيرتُ، به شاه لطيف جي بيتن جي اوٽ وٺي، سنڌ جي ڏاڍن کي ڏارڻ ٿو چاهي.

هيءُ ڪهاڻيون پڙهڻ کانپوءِ آنءُ سوچيان ويٺو .....

شاه لطيف، سنڌي زبان جي لاثاني ۽ لافاني عظيم شاعر، جي ڏينهن ۾ (1752-1989)، سنڌي زبان کي فارسي/ پارسيءَ مان خطرو هو. شياخ اياز جي دور ۾ (1923-1997)، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ کي، اُرُدوءَ مان خطرو هو، ۽ اڄ ڪامريڊ ڪهاڻيڪار ڪيرت جي دور ۾، سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي تهذيب کي هند ۾، ورهاڱي مان خطرو آهي. ورهاڱي واري ويرِ ۾، اسان جا سنڌي اسڪول وهي ويا آهن ..... سنڌي ڀاشا ۽ سنڌيت ختم ٿي رهي آهي. 1950 کان پوءِ لڳاتار پنجاه سالن لاءِ، سنڌي زبان جي شاعرن، عالمن، اديبن، ۽ شعور وارن سنڌين، سنڌيت جي هلچل هلائي، سنڌي ڀاشا کي تسليم ڪرايو ۽ اُن سنڌيت جي هلچل جو پيشم پتامه آهي ڪهاڻيڪار، ڪرانتيڪار، ڪيرت، آنءُ سوچيندو آهيان :-

''هند ۾، سنڌين کي، اڄ هني روٽيءَ جي ٻُڪ ۽ هاٿي آهي نالي جي ٻُڪ، ڪوبه ڪنهن کي ليڊر ڪري مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. انُ ڪري اسين، حق حاصل ڪري نه سگهيا آهيون.''

◆ ◆ ◆

ڪهاڻيءَ ۾. ڪهاڻيڪار ڪيرت سان لاڳو آهي:-

"I read, I travel, I become."

Dwalcott

(6) "اوهين سڀ ننگا آهيو" :- هيءَ ڪهاڻي ..... مرد ذات جي وحشت، جا، هُن. ناري ذات سان ڪئي آهي، اُن جي دکدائڪ ڪهاڻي آهي. سُتم سهندڙ ناري چويتي :- "مان ننگي نہ آهيان، هيءُ اوهان جو اصلي روپ آهي ..... اوهين سڀ ننگا آهيو!

ناريءَ آدجگاد کان نَرَ جي هٿان سَتوئي پئي آهي!

(7) "سنت جي سريت" :- هيءَ ڪهاڻي آهي پائي ڏرمداس جي سامڙيءَ جي، جا 20 سال اڳ لکيل آهي، پر اڄ اهڙا قصا اخبارن ۾ گهڻائي پڙهون پيا.

(8) "منهنجو يار ٿهل" :- پروفيسر ٿهل اڳتي هلي ڏنڌو ڪري ٿو ۽ ڏنڌي ۾ گهاٽو پائي، دک ۽ پيڙا واري زندگي ٿو ڀوڳي ..... پنهنجي پيڙا لاءِ هوُ، سوچي ٿو تہ، هي سڀ هُن جي گُناهن جي سزا آهي. پنهنجي محبوبا ماٺي ۽ انجام ڪري ٻہ، هو اُن سان شادي نٿو ڪري ..... اِها ٻاله، هن کي وويڪ جا وَڍَ، گناه جي پيڙا ڏئي ٿي. اڻ هوند ڪري، هن جي زال ۽ ٻار ٻہ، هنکي عزت نٿا ڏين ۽ اُن پيڙا هيٺ ڀوڳي ڀوڳي هن جو ديهانت ٿو ٿئي.

هيءَ ڪهاڻي (1) پاپ ۽ پڃ ۽ (2) ڪرم ۽ اُن جو ڦل، تي ٻڌل آهي.

منهنجي خيال موجب اِنهن وشين تي هيءُ وارتالاپ، ڪيرت ۽ ٿهل جي وچ ۾ نہ، پر ليکڪ ۽ هن جي مَن جي وچ ۾ گفتگو آهي.

ڪهاڻيڪار جي خيال موجب :- "پيڙا، قسمت جي ڪانَ ڪري نہ آهي پر اسان جي ديٺ ۽ خود غرض سرشتي جي ڪري آهي. گناه ۽ اُن جي ڀوگنا جو، هن پيڙا ۾ ڪو هٿ نہ آهي."

ڪهاڻيڪار ڪيرتُ، اڳين جنمن جي ڪرمن واري ٿيئريءَ کي ٻہ

جو رسالو پڙهيو. اِن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي ياشا ڪيترو نہ وشال
هي!

سنڌي ياشا جون 6 اُپ ياشائون آهن :- وچولي ۽ لاڙي، سرائڪي ۽
ريلي، لاسي ۽ ڪڇي.

خليفو گُل محمد گُل، سنڌي ياشا جو پهريون شاعر هو، جنهن 19
صديءَ ۾ پنهنجو ديوان الف - بي وار لکيو.

سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي ڌيءُ نہ پر ڀيڻ ڪري ٿي مڃي وڃي.

سنڌ جي هڪ محقق يعني ڪوجنيڪ سراج جو رايو آهي تہ
سنسڪرت کان بہ پراچين ٻولي، سنڌي آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ :-

1947 ۾ ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ هندو سنڌي سنڌ مان لڏي هند ۾
يا آهن. ''هند'' تي نالو ''سنڌ''، مان پيو آهي. مهرشي ويد وياس چئن
ويدن جي رچنا، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ڪئي هئي.

هند ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڪن سنڌي عالمن جو رايو بيٺو، تہ سنڌي ياشا
جي لپي، عربيءَ مان ڦيرائي ديوناگريءَ ۾ ڪئي وڃي. اِنهن عالمن جي
سَجهاءَ تي، هند سرڪار 1950 ۾، سنڌي ياشا جي لپي، عربيءَ مان
ڦيرائي ديوناگري ڪئي.

پر سنڌي لپي يعني عربي لپيءَ جي فائدي ۾ گهڻي ياڱي سڀ سنڌي
اديب ۽ عالم اُٿي کڙا ٿيا. 1951 ۾ سرڪار چيو تہ سنڌي ياشا ٻنهي
لپين ۾ سکي سگهجي ٿي.

اُن وقت تائين، اجا سنڌي ٻولي، هندستان جي وڌان جي اٺين شيڊيول
۾ ڪونہ هئي.

آخر سنڌيت جي شيدائن جي 16 سالن جي جدوجهد کان پوءِ، سنڌي
ياشا 10 اپريل 1967 ۾ وڌان جي اٺين شيڊيول ۾ آندي وئي.

هاڻي هند جي ٻين سيني ٻولين سريکو، سنڌي ياشا کي بہ هڪ
جهڙا حق آهن. پر جيئن تہ سنڌين کي هند ۾ پنهنجي پرانت نہ آهي اُن
ڪري ''راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد'' NCPSL جو نرماڻ ڪيو
ويو آهي. هن اداري معرفت سنڌي ياشا ۾ جيڪي ڪتاب ۽ مخزن وغيره
ڇپجن ٿا، اُنهن جي خريدي. سنڌي لئبررن لاءِ ڪئي ويندي آهي. سنڌي

27. ''سنڌي ٻاشا جي وشالتا''

(ڪيرت جي جيوني پڙهڻ کان پوءِ ئي مان هي مقالو لکي سگهيس.)

پنهنجن جذبن، اُمنگن، آشائن ۽ آدرشن کي اِظهارڻ جو ذريعو آهي ٻولي. هر انسان کي لوليءَ وقت ئي ٻولي تي ماءُ وٽان ملي، جنهن کي اسين ماتر ٻاشا يا مَدرِ ٽنگ ٿا ڪوٺيون. انسان جو وڏي ۾ وڏو هٿيار آهي ٻولي، لفظ ۽ انهن مان جڙيل جملن جي رچنا آهي ٻولي. هرهڪ لفظ ۾ جان آهي، اُن جو اتهاس بہ آهي ۽ لفظ جي تُزُ استعمال کي ئي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو فن ٿا ڪوٺن. جيڪي دنيا ۾ پنج لطيف فن آهن .... اُن مان ساهت هڪ وڏو فن ڪري ٿو ليکيو وڃي. ساهت جو اظهار بہ ٻولي ئي آهي. چاڻن جو چوڻ آهي تہ ساهت ڪلا جو درجو سيني ڪلائن ۾ اوچو آهي، ڇاڪاڻ جو هيءَ ڪلا، انسان جي جذبات جي مڪمل ترجماني ٿي ڪري ۽ روحاني سرور بہ حاصل ٿي ڪرائي. هڪ ڏاهي چيو آهي :-

'Language exerts hidden power like moon on the tides'

هاڻي اچون سنڌي ٻاشا تي ۽ سنڌي ٻاشا جي وشالتائي :-

1843 ۾ سنڌ ۾ فارمل سنڌي تعليم جو سلسلو، انگريزن برپا ڪيو. ڊاڪٽر ايلس 52 حرفن واري عربي سنڌي صورت خطي ٺاهي تيار ڪئي هئي. سنڌ ۾ هندو توڙي مسلمان، هن عربي لپيءَ ذريعي، سنڌي ٻاشا ۾. تعليم وٺندا هئا ۽ سيني جي ماتر ٻاشا سنڌي هئي.

1886 ۾ سنڌ آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ کي، انگريزن، ممبئي يونيورسٽيءَ سان لاڳو ڪيو. شاه لطيف، سنڌ جي مهاڪويءَ، جي سنڌي ٻاشا جي وشالتا، ۽ هُنَ جي بيتن ۽ وائن جي معني، مفهوم ۽ موسيقيءَ تي عاشق ٿي ايڇ ٽي سورلي صاحب 1928 ۾ لنڊن ۾، ''شاه لطيف'' تي ڊاڪٽوريٽ ڪئي. سورلي ۽ ٽرمپ، ٻئي يورپيءَ عالم، سنڌي سکي شاه

سنڌي زبان جي آفاقي ۽ العامي، لاثاني ۽ لافاني، مهاڪوي شاه لطيف باخشي آهي، ”شاه جو رسالو“، لکي.

(2) مهاڪوي مِلٽن، پنهنجي ساهتيه ۾ اٺ هزار لفظ، شاهاڻي شيڪسپيئر سورهان هزار لفظ ڪتب آندا آهن، پر مهاڪوي شاه لطيف، ويه هزار لفظ ڪم آندا آهن.

(3) اسان جي سنڌي ڀاشا ايترو ته شاهوڪار ۽ ڀري ڀاڳي آهي جو سنڌي لپيءَ ۾ 52 اکر آهن .... دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ڀاشا ۾ ايترا اکر مشڪل سان هوندا.

(4) پنڊت جواهرلعل نهروءَ سنڌي ڀاشا جي وڏائي ۽ وشالتا سڃاڻي، سنڌي ٻوليءَ کي ساهتيه اڪادميءَ جي ڪاريه ڪرم ۾ جوڳي جاءِ ڏني هئي.

(5) شريمتي اندرا گانڌيءَ سنڌي ڀاشا جي آن، شان ۽ اهميت کي محسوس ڪري، هن زبان کي، ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جاءِ ڏني.

(6) سنڌي ڀاشا ۾ 52 اکر هئڻ ڪري اسين سنڌي، دنيا جي ڪابه ڀاشا، سولائيءَ سان سکي سگهون ٿا.

(7) سنڌي ڀاشا، سڀني ٻولين جي ماءُ سنسڪرت کي، سڀني ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ويجهي آهي.

(8) مرهٽي ڀاشا ۾ سنڌيءَ جا پنج هزار اکر آهن.

(9) سنڌي ڀاشا جيڪڏهن اسان جي ماءُ آهي، ته ڀارت جون ٻيون ڀاشائون، اسان جون ماسيون آهن.

(10) ملڪ جي ورهاڱي وقت ڪن سنڌي عالمن جو رايو هو ته هند ۾ سنڌي ڀاشا فقط پنجاه سال هلي سگهندي. اڄ ورهاڱي کي 67 سال ٿي ويا آهن، تڏهن به سنڌي ڀاشا، پنهنجي وشالتا جي ڪري اڳي کان اڳري آهي.

(11) NCPSL پاران اڄ مون وٽ جيڪي اٽڪل 50 يا 60 ڪتاب پهتل آهن. اُنهن ۾ ڪيترا ڪتاب، ديوناگريءَ ۾ آهن، جي اسان جا ٻار به پڙهي سگهن ٿا. انهيءَ جو مطلب ٿيو، ته سنڌي ساهتيه جو سرجڻ، نه فقط عربي پر ديوناگريءَ ۾ به، ٿي رهيو آهي.

(12) منهنجو وشواس آهي، ته سنڌي ڀاشا مرڻ جي نه آهي. اسان

ليڪڪن ڪي انعام ڏنا ويندا آهن ۽ هندستان جي الڳ الڳ شهرن ۾ سنڌي
ٻولي ۽ ساهت تي سيمينار ڪيا ويندا آهن ۽ ڪلاس هلايا ويندا آهن. هن
ڪان اڳ ۾ هن ڏس ۾ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، اڳي ڪان اڳري هئي
جنهن جا پيل پاوا آهن، مالهي، اُتم، ۽ ڪيرت، وغيره

21 صديءَ جي اچڻ سان سنڌي اسڪول بند ٿي رهيا آهن. اُن ڪري
هاڻي وري سنڌي ڀاشا سکڻ لاءِ هر شهر ۾ وئڪيشن ۾، سنڌي اسڪول
چالو ٿي رهيا آهن. هن ڏس ۾ ممبئيءَ ۾ سنڌي سيڪارڻ ۾ عظيم شاعر
نرمل واسديو جو وڏويوڳدان آهي جنهن لکيو آهي :-

(1) ”پنهنجي ٻوليءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ،
سنڌي گهر گهر وڃي پڙهايون پيا.“

(2) ”ڪير پڙهندو غزل هيءُ نرمل جا،
هاءِ سنڌي لکڻ پڙهڻ نہ سکو.“

(3) ”نرمل سهڻي سنڌي ٻولي،
ڪيس ڏنو آ ڪنهن پاراتو.“

(4) ”نرمل! گهڻيون ئي سهڻيون ٻوليون، جهان ۾ آهن،
ڪجهہ اور آهہ، ليڪن، سنڌي زبان، سهڻا!“

هڪ شاعر لکيو آهي :-
”سنڌي ٻولي، سوا لک شاعرن واري ٻولي!“
ٻئي شاعر وري فرمايو آهي :-
سنڌي ڀاشا جي لپيءَ ڪي عربي نہ، سنڌي لپي، چوڻ ڪپي. چاڪاڻ جو :-
”هيءَ سنڌي لپي آهي، عربي ڪيئن ٿي؟
هيءَ پنهنجي لپي آهي، ڏاري ڪيئن ٿي؟
عربيءَ ۾ اکر صرف اٺاويه آهن!
پوءِ ٻاون اکري، هيءَ عربي ڪيئن ٿي؟“
منهنجي خيال موجب اسين عربيءَ ۾ لکون يا ديوناگريءَ ۾ لکون يا
رومن ۾ لکون .... اچو تہ لکون! ۽ لکون ....
سنڌي ڀاشا جي وشالتا :-
هاڻي اچون سنڌي ڀاشا جي وشالتا تي :-
(1) سنڌي ڀاشا ڪي وڏ ۾ وڏ وشالتا ۽ وڏائي، عظمت ۽ اوچائي،

28. ''قلمڪار ڪيرت جي انسان ۽ انسانيت سان محبت''

ڪهاڻيڪار ڪيرت. ڪهاڻين جا چار ڪتاب شايع ڪيا آهن (1)هوءَ (2) اوهين سڀ ننگا آهيو (3) درد جو دل ۾ سمائڻجي نہ سگهيو ۽ (4) نہ ليلا نہ مجنو.

اڄ آءٌ ماڻڻ چاهيندس ڪيرت جو پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب، ''هوءَ'' (1956). هن ڪتاب ۾ 12 ڪهاڻيون آهن. ''هوءَ''، ۽ ''جليبي چور''. ... هي بہ ڪهاڻيون سنڌ ۾ 1947 ۾ هِن جون لکيل آهن.

ساهت اڪادميءَ 1980 ۾، ''چونڊ سنڌي ڪهاڻيون''، ڇپايون هيون. جن جو سمپادڪ منڊل هو : ڪرشن کٽواڻي، گنو سامتاڻي، ۽ هريش واسواڻي. هن ڪِتڪي ۾ ڪيرت جي هڪ ڪهاڻي، ''چُنو ۽ مُنيِ''. ڏنل آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ لاءِ سمپادڪ لکن ٿا :- ''ترقي پسند نظرئي وارو شهرت يافتہ مضمون نويس. نقاد. ۽ ڪهاڻيڪار. ڪي شاعراڻيون رچنائون بہ. سنڌو ڌارا جو سمپادن. سنڌيت جي هلچل کي ڏسا ڏيندڙ.''

''هوءَ'' ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ ڪهاڻيون آهن :- (1)هوءَ (2) جليبي چور (3) اڳتي قدم (4) شرڌا جا گل (5) منهنجي امان (6) نئين جڳ جو ڪلاڪار (7) پندرهين آگسٽ (8) لُچيِ (9) سانوري ڪنوار (10) معمولي واقعو (11) بمبئي آمچي ۽ (12) تون ٻاڇين ٿو، مان ڇو اُداس آهيان؟ ....

هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيرت لکي ٿو :-

''نوجوان ترقي پسند اديبن جي لکتين لاءِ خاص طور ائين چيو يا ڦهلايو ويندو آهي. تہ اِهي سياست ۽ ڪميونواد جا سبق آهن. ۽ اُنهن

جا ٻار جيڪي سنڌي نہ ڄاڻن، اُهي ئي وقت اڇڻ سان، سنڌي ڀاشا کي اُپاريندا ۽ اُساريندا ۽ وري نئين سر جيئاريندا. هندستان ۾ اڇڻ وقت جيئڻ، اسان، هندي ڀاشا کي، سنڌين ۾ ڦهلايو هو.

آخر ۾ :-

ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ فونڪس پڪيءَ کي پنج سؤ سالن کانپوءِ ٻاهه وڪوڙي ويندي آهي، ۽ خاڪ مان ڪيس نئون جنم ملندو آهي. اسان جي سنڌي ڀاشا سان بہ ائين ٿيڻو آهي.

اڄ پنجابي ۽ بنگالي ڀاشا وانگر، گهڻا سنڌي ڳالهائيندڙ، سنڌ ۾ آهن. منهنجي خيال موجب ساهتيہ کي فقط مادري زبان ۾ ئي مُنطقي نتيجي تي ئي پهچائي سگهبو. اُن ڪري اسان کي سنڌي ڀاشا کي ناهي ڇڏڻو، اسين پلي گجرات ۾ گجراتي سکون يا مهاراشٽريہ ۾ مرهٽي سکون. مهاراشٽريہ ۾ سنڌيءَ جو پُٽُ پلي مرهٽياڻيءَ سان، گجرات ۾ پلي گجراتڻ سان، شادي ڪري، پر سنڌيءَ جو پُٽُ سنڌي ئي سڏبو!

سنڌي ڀاشا جو وڏي ۾ وڏو ڪوي آهي شاه لطيف. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾، فارسي ڀاشا جو زور هو. چوندا هئا، ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ پر شاه لطيف، دنيا جو پهريون شاعر هو. جنهن عوامي ٻولي يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڪويتا لکي ۽ چيو ”فارسي سکي، گولو تون غلام!“ اسان کي بہ ائين ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي ڀاشا جي مهانتا ۽ وشالتا کي ناهي وسارڻو.

هاڻي آئون سنڌي زبان جي هڪ مهاڪويءَ شيخ اياز جو بيت گُنگُنائيندس :-

جيڪي سنڌيءَ ۾، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي انگريزي، اُڙدوءَ، هنديءَ ۾، تون آهين ڇڻ ”اوپرو“ ۽ بس.

(بشڪريہ NCPSL ۽ جئہ هند ڪاليج پمپري-پوڻہ. هي مقالو مون اُتي سيمينار ۾ جنوري 2014 ۾ پڙهيو.)

◆ ◆ ◆

وينا نالي واري هڪ سنڌي نازنين، آفيس ۾ هڪ سنڌي نوجوان کي پرتي ٿي آيل ڏسي، خوش ٿئي ٿي. اُن سان هنجو سنيه جو ناتو به ٿئي ٿو ۽ ٻئي شادي ڪرڻ چاهن ٿا، ته اوچتو آرڊر اچي ٿو ته هڪ سال کان گهٽ نوڪريءَ وارن ملازمن کي ڇانٽي ڪيو ويندو. ۽ هنن ٻنهي جي نوڪري هڪ سال کان گهٽ هئي.

انهن حالتن هيٺ به هو، اٽل اِرادو ڪن ٿا ته اڄ جي حالتن کي بدلائينداسين .... يعني ٻي هنڌ نوڪري ضرور ملندي.

''هيءَ دنيا جهڙي به آهي پوءِ به جاءِ جيئڻ جي آهي.''

- نارائڻ شيام

ڀاڱي ۾ وشواس جي هڪ عمدي آکاڻي!

(4) شرڌا جا گُل :-

هڪ نرمل ناريءَ جي، هڪ ڪرانتيڪاريءَ سان محبت جو قصو آهي .... پيار، انسان جي دل جو هڪ گهرو ۽ نازڪ جذبو آهي.

شانتيءَ جو آواز بلند ڪندي، اُها ناري شهيد ٿي ٿئي .... ليکڪ اُن تي شرڌا جا گُول چاڙهيا آهن.

(5) منهنجي اَمان :-

1951 ۾ جڏهن هر سنڌي بزرگ سوچي پيو، ته هڪ ڏينهن، اسين سنڌي شرڻارٿي، پنهنجي ملڪ سنڌ ڏانهن واپس ورنداسين. انهن حالتن هيٺ سنڌ کي ياد ڪندي ليکڪ هيءَ ڪهاڻي رچي آهي. پنهنجي ٻيڙي امڙ کي چوي ٿو :-

هڪ ڏينهن اسان جا دوست قاسم ۽ خدا داد، موسو ۽ قادر، ۽ خاتون، اسان کي واپس سنڌ ورڻ لاءِ، وٺڻ ايندا!

آنءُ، اوهان کي 12 ڪهاڻيون ته ڪونه ٻڌائيندس پر مان چاهيندس ته اوهين اِهي پڙهي، رس، جس، ۽ چس، ماڻيو.

سدا حيات هريش واسوڻيءَ، ''ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻيءَ'' جي مهاڳ ۾ 1980 ۾ لکيو آهي :-

''سنڌي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي جداگانه هستي آهي. ڪهاڻيءَ

۾ ڪلا جو جزو ڳڻ آهي. پَلُ ساهتيہ پريمي، هِنِ ڪهاڻين کي پڙهي، پاڻ امين بڻاجن.“ ....

هن ڪتاب جون پهريون ٻہ ڪهاڻيون ورهاڱي کان اڳ ۽ باقي 10 ڪهاڻيون 1950 ۽ 1956 جي وچ ۾ لکيل آهن.

منهنجي خيال موجب هنن ڪهاڻين ۾ مارڪسواد جي قهلاءَ جي ڪابہ ڳالھ ڪانهي. هي ڪهاڻيون آهن .... انسان ۽ انسانيت سان محبت جي جذبي تي ٻڌل.

"His story telling reveals meaning without committing the error of defining it"

- Hannah Arendt

(1) هوءَ :-

فرقيوار فسادن جي ڪري هڪ نرمل ناري گهرَ کان ٻي گهرُ ٽئي تي ۽ پنهنجي وَرَ کان بہ وڇڙجي ٿي. هيءُ خوددار عورت پنڻ نٿي چاهي ۽ پنهنجي نہ چاول ہار ڪي بہ، فقير بڻائڻ نٿي چاهي.

(2) جليبيءَ جو چور :-

هڪ ابهم پينو فقير .... ايڪ آنہ دوٗ .... ايڪ آنہ دو .... ڪندو ڪراچيءَ جي گهٽين مان گذري رهيو آهي. هن تي ڪنهن کي ڪهل نٿي اچي. اُهو ٻالڪ جڏهن هڪ مٺائيءَ واري دڪان تي جليبيون ڏسي ٿو تہ سندس مَنُ، جليبين طرف لالچ ۾ اچي جليبيون، چورائي ٿو ۽ سزا پائي ٿو.

اڄ اسي سالن جي ڄمار ۾ بہ مان اڃان من تي پورڻ جيت نہ پائي سگهيو آهيان! عظيم شاعر شيام فرمايو آهي :-

”من مفهون ڏنو اُن کي
من ئي دنيا ڪاڻ مري!“

هيءَ ڪهاڻي پڙهي هرشعور وارو پاٺڪ چاهيندو، تہ سماج ۾ تبديل اَچڻ کپي.

(3) اڳتي قدم :-

29. ”قلمڪار ڪيرت هڪ تاريخ نويس“

ڪيرت مونکي هڪ تاريخ نويس ٿو نظر اچي. ڏات کي ڏاهه چمڪائي ٿو .... مطالعي کي مشاهدو چمڪائي ٿو .... هڪ عمر ڪپي دوست، سخن دان ۽ تاريخ دان ٿيڻ لاءِ! شاه لطيف ٽي سال سئر سفر ڪيا، ڏٺو، پسيو، جاچيو، پوڄيو ۽ ماڻيو .... تڏهن تہ هو سنڌ بڻيو، ۽ سنڌ، شاه بڻي .... مطلب تہ اَنيوَ جي سچائي ۽ اُن جو اظهار آهي ساهت. جڏهن قلمڪار، وسيلي سئر ۽ سفر ڪري ٿو، تڏهن ئي هو پنهنجي قلم واري ڪلا سان دنيا روپي ساگر کي گهاگهر ۾ سمائي ٿو. قلمڪار ڪيرت، روس جو سئر سفر ڪيو، تڏهن ئي هو چاڻي سگهيو تہ روس ڌرتيءَ تي هڪ سرڳ سمان آهي .... جتي هر نگرواسيءَ جي سنڀال، ڄمڻ کان مرڻ تائين، سرڪار جي ذميواري آهي .... هت 98% نگرواسي، ووٽ جو حق استعمال ڪن ٿا! مطلب تہ سماجوادي سماج هڪ نئوس ۽ سندر حقيقت آهي هت!

(1) ”جيڪي ڏٺو هو مون“ .... هن ڪتاب ۾ ڪيرت 1981 ۾، 15 ڏينهن جو جيڪو هن سهانو سفر ڪيو روس جو، اُن جو بيان هڪ قابل سفير مثل، هن قلمبند ڪيو آهي. هن کي سوويٽ لئنڊ نهرو انعام مليو هو ۽ اُن جي تحت هِن، پندرهن ڏينهن جو گشت ڪيو. اتان جو احوال هِن هڪ اتهاسڪار مثل ڏنو آهي.

هِن ڏات ڏٺيءَ .... ماسڪو .... ريگا لٽويا .... لينن‌گراڊ .... تاشقند .... البروني .... (شاعر فردوسي البروني جي زماني جو هو) سمرقند .... ليوٽالسٽاءِ جو يادگار وغيره ڏٺا.

ياد رهي تہ ٽالسٽاءِ هڪ عظيم اديب هو. فوجي هو. امير هو. پر دنيا جي ڊُرنگي چال پسي، فقير بڻيو .... هاري بڻيو ۽ آخر هارڪو ڪم بہ ڪرڻ لڳو.

جو جنم نہ پر وڪاس ٿيو آهي ۽ اُهو اڃا جاري آهي. ورهاڱي جو درد، سنڌي جاتيءَ وڏ ۾ وڏ ستو پر ڪا شاهڪار ڪهاڻي، اُن درد تي سرجي نہ سگهيا. اُن ڪانپوءِ ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسندي آئي تہ جديديت بہ آئي. شاخص جي ٻُولها بہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آئي. جتي ڪهاڻي ''سرس سنڌي''، رهي آهي اُتي وڏيڪ ڪهاڻي نہ رهي آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اڃا بہ نئين دور جي هن وقت درڪار آهي.''

آخر ۾ آنءُ ڪيرت جي ڪهاڻين بابت ائين ئي چوندس تہ هن جون ڪهاڻيون ترقي پسند آهن تہ جديد بہ آهن .... سنڌيت تي ٻڌل آهن تہ انسانيت تي بہ ٻڌل آهن. مڪيہ ڳاله تہ هو سوچڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون.

''When a story is totally complete, then it gives no scope for immagination.''

◆ ◆ ◆

(1) شانتي آندولن جو وِستار

(2) ٻي طرفيءَ جي هلچل

(3) فاسزم .... (اَمن جو دشمن فلسفو)

اکل ڀارت شانتي ۽ سنگهٽن سنستا بمبئي، جي پرڌان، شري ٽي- گوديوالا .... هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي، جنهن جو چوڻ آهي تہ ''هيءُ ڪتاب گهڻي جفاڪشيءَ جو نتيجو آهي، جيڪو شانتيءَ جي اُپاسڪن کي خوب پسند پوندو ۽ سنڌين ۾ شانتي آندولن لاءِ چاه پيدا ڪندو.''

ڪيرت جو چوڻ آهي تہ ''دنيا ۾ جيڪي بہ فاسسٽ ويچار جو پرچار ڪري رهيا آهن، تنکي بي نقاب ڪيو وڃي.''

عظيم شاعر شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي :-

''اُهي مُلڪ جتي مارڪسواد جو راڄ هو، ۽ اُن وقت جيڪو ساهتيہ رچيو ويو هو، .... اُن جو مله، اڄ ڪله اُتي ڪونہ آهي.''

پر .... ڪيرت جو هيءُ ڪتاب اڄ بہ ناياب ۽ امر آهي ۽ وقت جي وير ۾ وهي وڃڻ وارو نہ آهي.

شعور وارن پاٺڪن کي، هي ڪتاب ضرور پڙهڻ کپي. ڪيرت جي هيءَ تخليق، تواريخ مثل آهي، جا پنئي پراڻو ٿيڻ جي نہ آهي!

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو وشوشانتيءَ جي ڏس ۾ ''اَمن جي اُفق ڏانهن'' .... هڪ اتهاسڪ دستاويز آهي جنهن لاءِ آنءُ جيڪر چوان :-

''The history may not regret the actions of bad men, as much as the silence of good men.''

هر سچيار ۽ سجاڳ، سُٺي ۽ سمجهو، انسان کي گُهرجي، تہ ٻي انصافيءَ تي بَس ڪري نہ ويهي. آخر ۾ مان ڪيرت لاءِ ونسٽ چرچل جي اُلفاظن ۾ لکندس :-

''History will be kind to me for I intend write it''

• • •

ٽالسٽاءِ آخر صوفي درويش روميءَ جي لفظن ۾ محسوس ڪيو تہ :-

''Yesterday I was clever, so I wanted to change the world.Today I am wise, so I am changing myself''

-Rumi

قلمڪار ڪيرتَ روس ۾ ترقي - محبت - شانتي ۽ انتظام پسيو.

هتان جي نارين جا نالا آهن .... محبت، گُل چهرا ۽ گُل بهار، وغيره. هت دنيا جي سيني بهترين ٻولين جي ساهت جا ترجما، روسي ڀاشا ۾ آهن. ڪن پرانتن ۾ سؤ سيڪڙو باشندا پڙهيل آهن. هت عورت کي ماتا جو درجو ڏنو ويو آهي. هت ترجمان، سندن ساهت آهي زندگيءَ جو ترجمان. هت چرچ آهي تہ مساجدون بہ آهن.

عالمگير دلچسپي ۽ زندگيءَ جي تنقيد، تصوير، ۽ نقطيہ چيني، اتهاس، رَسُ، .... گيان .... سکيا .... سونهن .... سچ .... ڪوزي ۾ سمنڊ سمائڻ .... عمر خيام مثل .... ''زندگيءَ جي هن بيڪار سرشٽي کي ڇيهون ڇيهون ڪري، نئين رڪاب ۾ وجهي زياده دلچسپ بڻائڻ'' وغيره هن قلمڪار جي سئرن ۽ سفرن جو سار آهن.

ڪيرت هن ڪتاب ۾ روس جي اتهاس کي محفوظ رکيو آهي. هونءَ جيڪر اِنهن ڳالهين ۽ حادثن تي، وقت جي دز چڙهي، ڪين لَٽي ڇڏي ها! تنوير عباسيءَ فرمايو آهي :-

''سيڪو سپنا ماٽي، ساپيا ماٽي ڪو ڪو!''

ڪيرت هِت ساپيا ماٽي آهي!

مهاتما گانڌيءَ وانگر قلمڪار ڪيرت جو وشواس آهي تہ خدا انسان کي خليقو تہ پيٽ لاءِ پورهيو ڪري، ۽ جي شخص، بنان پورهئي پيٽ ڀرن ٿا سي چور آهن!

(2) وِشوَ شانتيءَ تي قلمڪار ڪيرت جو ڪتاب ''اَمن جي اُفق ڏانهن'' (1978) پڙهي مان دنگ رهجي ويس. ڪرانتيڪاري ڪيرت کي ڪيڏو نہ دنيا جي مسئلن ۽ اُنهن جا حل .... جي ڄاڻ ۽ گيان، ڀڏي، ۽ سوجهي، آهي! هن ڪتاب کي قلمڪار ٽن حصن ۾ ورهايو آهي :-

(3) عقل ۽ اڪابر

(4) راڪاس ۽ برڙ باڪاس

(5) سياڻو ٻالڪ

(6) چار ٽولا

(7) وَرُ ۽ وَنِي

(8) اَڀول راڻي.

لوڪ ڪهاڻين تي ٻيو ڪتاب آهي ''سنڌي لوڪ ڪهاڻيون''، جي ساهت اڪادميءَ ڇپايون هيون، 1990ع ۾. ۽ سمپادڪ آهي ڪيرت ٻاٻاڻي. هن ڪتاب ۾ 36 لوڪ ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ٽي ڪهاڻيون ڪيرت جون به آهن.

هاڻي اَچو ته، ''اڀول راڻي''. ڪتاب مان لوڪ ڪهاڻيون پڙهون

(1) سور، تپ، موت، ۽ فيلسوف.

اَڳاڻي زماني ۾ هڪ فيلسوف کي شوق جاڳيو ته دنيا جو سئر سفر ڪجي. پاڻ سان هڪ گھوڙي ۽ ڏنبو کڻي الاه توهار ڪيائين. رستي تي هڪ شاخص گڏيس. جنهن جو نالو هو، ''سور'' ته ته ٻارنهن جو سوچي، اُن کي به پاڻ سان ڪنيائين. هلندي هلندي رستي تي ٻه ٻيا شاخص گڏيس هڪ جو نالو هو ''تپ''. ته ٻئي جو، ''موت''. اُنهن به چاهيو ٻئي ته پيرمرد فيلسوف سان گڏجي سئر سفر ڪجي. آخر هنن جي، ٻه ته ٻارنهن مان تياري ۽ آخر چوياري ٿي وئي.

شام جو هڪ ڳهاڻي وڻ جي ڇانوَ ۾ اچي پهتا ۽ ڪين پيٽ بکئي کي پور تڪر به ڏيٺو هون. پريان هڪ ٻڪرار ڏٺائون. هنن سوچيو ته ٻڪرار کان هڪ ڇيلو چڏايون ۽ ٻوڙ پلاءَ جي مجلس ڪريون.

30. ”جيڪو ليکڪ، پنهنجي لوڪ ساهت کان اڻڄاڻ آهي، اُهو سٺو ليکڪ مشڪل بڻجي سگهندو!“

لوڪ ادب ۾ لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ گيت وغيره اچي وڃن ٿا. هن ادب جو مکيہ ڪارج آهي سکيا ۽ وندر. هيءُ ادب، پيڙهي در پيڙهي، ٻڌل ۽ ڪنڻ ڪيل ڪهاڻين ۽ ڪٿائن، حڪايتن، ۽ لوڪ گيتن، وغيره تي ٻڌل آهي. هيءُ ادب آد جڳاد کان انسان جي آس ۽ نراس، ڏُک ۽ سُک، آشائن ۽ اُميدن، همت، سچائي، اورچائي، ۽ حيلمائي، وغيره تي بيٺل آهي، اُن ڪري هن ۾ جنتا جو لڪل روح آهي ۽ اُن سبب/ ڪارڻ هو، ”لوڪ ساهت“. ٿو سڏجي! ڪن جو چوڻ هو تہ هيءُ ”اڻ پڙهيلن جو ساهت“ هو .... پر ائين ناهي .... انساني جذبا تہ سڀني اِنسانن ۾ ساڳيا آهن. چون ٿا قلمڪار پُشڪن، نوڪرن کان لوڪ ڪهاڻيون ٻڌندو هو. نهروءَ، لوڪ ساهت کي ”شاعراڻي ڪلپنا“ ڪوٺيو آهي. مطلب تہ هيءُ انسان جو هڪ وڻندڙ ورثو آهي ۽ آهي عمدو اِتهاس! لوڪ ادب ٻڌائيندڙن، وقت بہ وقت اُن ۾ نواڻ پڻ پيري آهي، جا دلچسپيءَ جو ڪارڻ آهي. ڀارت، لوڪ ادب جو وڏو ڀندار آهي. ”پنچتنتر“ جو نالو اوهان ضرور ٻڌو هوندو.

اِهو ڀنڊار، قلمڪار ڪيرت، ”اَڀول راڻي“ پستڪ وسيلي اسان اڳيان پيش ڪيو آهي. فنائتي ۽ فهميدي نموني. هن ڪتاب ۾ 8 ڪهاڻيون آهن. هيءُ ڪتاب 1982 ۾ ڇپيو آهي.

(1) سوُر - تپ - موت ۽ فيلسوف.

(2) ڍڪڻ جي ڏاهپ

ساگر'' ۽ ''هتوپديش'' وغيره ۾.

سنڌي زبان ۾، هند کان وڌيڪ سنڌ ۾، ''لوڪ ادب'' ڇپيو آهي.

''سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'' .... ڪتاب، جيڪو ''ساهت اڪاڊميءَ'' **1990** ۾، قلمڪار ڪيرت جي سمپادن هيٺ شايع ڪيو آهي، اُن ۾ ڪيرت جو لکيل ''مهاڳ''، سنڌي لوڪ ادب تي هڪ دستاويز آهي.

ورهاڱي بعد، هند ۾، ''لوڪ ادب''، گڏ ڪرڻ جو ساحرو ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ تي آهي. هيءُ صاحب ڪيرت لاءِ لکي ٿو :-

''جيتوڻيڪ ڪيرت ٻاٻاڻي، لوڪ ساهتيہ سهيڙيندڙ ڪونہ آهي، تڏهن بہ ''اڀول راڻي'' (سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) لکي، هو جس جو ڀاڳي بڻيو آهي.''

♦ ♦ ♦

پھريائين ٻڪرار وٽ، ”سور“، ويو .... پوءِ، ”تپ“ ويو. آخر ”موت“ بہ ويو، پر ٻڪرار چيو : ”آنءُ هت سداورت ٺوروئي کولي ويٺو آهيان.“

آخر سفيد ڏاڙهيءَ وارو بزرگ فيلسوف اُٿيو.

فيلسوف ٻڪرار کي چيو : ”ابا! تنهنجا ري ڏٺا ۽ ري ڪوئيا مهمان آهيون.“ مهمان اکر ٻڌي، ٻڪرار خوش ٿيو.

ٻڪرار مڪڙو ٿلهو متارو ڇيلو، ڪُهي فيلسوف کي ڏنو.

چارئي ڪائي خوش ٿيا ۽ ٻڪرار کي دعائون ڪندا سفر تي اڳتي اُسهيا.

چاڻن جو چوڻ آهي تہ لوڪ ساهت، نظم توڙي نثر، اُن جو بنياد تڏهن پيو، جڏهن انسان، اجا قدرت جي گود ۾ هو .... ڪائنات جي ڪُکَ ۾ هو! لوڪ ادب جوڙيندڙ بہ لوڪ ئي آهن ۽ لوڪن جو اهو گڏيل ورثو آهي.

مئڪسم گورڪيءَ فرمايو هو :-

”جنتا وٽ صرف دنيوي وَستو پيدا ڪرڻ جي شڪتي نہ آهي، پر وٽن روحاني برڪتن پيدا ڪرڻ جي بہ قوّت آهي. جنتا هڪ اُها ماءُ آهي، جنهن جي گود ۾، ڪڏهن بہ خاليپڻو نہ آيو آهي. هوءَ سنسار جي اوائلي فيلسوف آهي، ۽ هوءَ ئي آڳاٽو ڪوي آهي. دنيا جي بهترين ۽ سندر ۾ سندر ڪوتا، انساني سڀيتا جي سرجڻهار بہ، جنتا ئي آهي.“

قديمي سماج جي مڪمل تصوير لوڪ ادب مان ڪيناچي سگهجي ٿي ۽ اڄ هي ادب بلند مقام تي آهي.

لوڪ ادب ۾ وندر آهي تہ دلچسپي بہ آهي ۽ آهي حيرت پڻ!

مطلب تہ لوڪن جي رچنا شڪتي اپار آهي! انهيءَ شڪتيءَ اظهار پاتو هو .... ”پنچتنتر“ ۽ ”ڪليه ودمنه“ ۾، ”ڪٿا سريت

تہ اڄ هر ٻاله هند ۾، سياست جي دائري ۾ ٿي هلي، هن ديش ڀڳت ۽ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي سرمور جو رايو آهي، تہ سنڌين جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ، نوجوان سنڌين کي، سياست ۾ گهڙڻ کپي. نوجوانن کي پاڻ ۾ جوش، شعور، ۽ جيئڻ سنڌي جاتي زنده رهي، اُن لاءِ سوچ جو مادو وڌائڻو آهي!

آخر ۾ هن بزرگ سنڌي نيتا جي اِها تمنا آهي تہ، ''بنگلا ديش''، وانگر، ''سنڌ''، بہ آزاد ٿئي، تہ جيئڻ سنڌي، آزاديءَ سان اُتي وڃي سگهن ۽ اَچي سگهن. ... باقي هاڻي سنڌين جو سنڌ ڏانهن موٽي وڃڻ، ممڪن نہ آهي.

مددي ڪتاب

(1) ''سنڌي سرويچ''. ليکڪ :- رام جوُهراڻي

Cell - 9820211633

قلمڪار ڪيرت جي فرزند ڪوي ارون ٻاٻاڻيءَ جون 70 ڪويتائون، سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾، پڙهڻ ڪانپوءِ منهنجي ذهن ۾ سنسڪرت ادب جي ڪهاوت ... ''ماتا اُها جا گهوٽ کي ڄڻي'' (پٽ جي روپ ۾) ۽ انگريزي ادب جو محاورو ... ''پُٽ، اُهو، جو پيءُ کان اڳتي ۽ اڳرو ثابت ٿئي''. ڪويتا آهي ماڻڻ جي چيز ۽ نہ پڙهڻ جي چيز! اچو تہ ڪوي ارون ٻاٻاڻيءَ جون ڪويتائون ماڻيون :-

(1) ''لائيف / ڪروڙين ڪهاڻيون هِنجو / هر ڪهاڻيءَ کان مٿي / لائيف / اکون کان اڳتي / پرارٿنائن کان پري / دُعائن کان دور / پنهنجي رمز ۾ / هلندي رهي ... لائيف''

(2) ''سچ ڪٿي لڪل آهي / دڪانن ۾، بزارن ۾ / هردوار جي گهاٽن ۾ / سچ ڪٿي آهي / سچ ڪٿي لڪل آهي ... / سچ / بدماند ۾ ناهي / هن برهماند ۾ / اَڪيلو ٿي پيو آهي!''

(3) ''جو اِنسان پريم کان وانجهيل آهي،
هو اَڪثر، پئسي جو شيدائي آهي،
جنهن پريم جو آنند پاتو آهي،
سو پئسي ۾ گهٽو اُلجهيل ناهي!''

(4) ''ڇا سِنڌ هڪ سچائي آ؟ / يا ڪنهن جي گهڙيل ڪهاڻي

31."انتم باب"

Kirat has a different vision of leadership , leadership that brings people together.

عظيم اياز وانگر منهنجو بہ اهو وشواس پئي رهيو آهي تہ وقت، ڏات ۽ ڏاهپ جي وڏي ڪسوٽي آهي ۽ عظيم انسان، پنهنجي دؤر کان اڳڀرو پئدا ٿيندا آهن! قلم ڪار ۽ ڪرانتيڪار ڪيرت (1922) سنڌ تي سِرُ ڏيڻ وارو راءِ ڏياچ آهي. هن جو نارو آهي، "جيئي سنڌ ... جيئي هند!" اسباب ۽ ادب جي وچ ۾ جيڪڏهن هن کي چونڊ ڪرڻي هاجي، تہ هيءُ فنڪار اَدب کي اوج عطا ڪندو. هن جي، سيرت ۽ ساهت جي صدا، سدا رهندي!

هن سرجهڻار جي جيون جو سفر مورو لاکو کان صابو راءُ، صابو راءُ کان نوابشاه، نوابشاه کان ڪراچي، ڪراچيءَ کان ڪلياڻ ڪئمپ، ۽ ڪلياڻ ڪئمپ کان ممبئيءَ، تائين ڦهليل آهي. هيءُ ڪامريڊ، انگريزن جي خلاف آهي تہ سرمايدارن جي بہ خلاف آهي. اهنسا کان هنسا تائين پهتو. سڏ ڏنائين، "جو کيڙي سو کائي" ... آخر ڪميونزم کي الوداع ڪري، سنڌيت جي هلچل تي حامي ٿيو. هيءُ مالهيءَ جو جوڙيدار، ساهتيڪارن ۾ شهسوار، ڀاونجاه اکري ٻولي سنڌيءَ جي بچاءَ لاءِ، ڀاونجاه اديبن سان گڏ پارليامينٽ جي سامهون بک هڙتال ڪندڙ سنڌي سورمو آهي.

پنهنجي آتما ڪٿا ... "ڪُجهہ ٻڌايم، ڪجهہ لِڪايم"، ۾ حقيقت ۾ هن ڏات ڏٺيءَ، ڪجهہ بہ نہ لڪايو آهي! هن جي ڪهاڻين ۾ ڪو نہ ڪو مقصد آهي ۽ مضمونن ۾ ترقي پسند نظريو آهي. جنن

هڪ قبر جي چادر اَندر،
مونکي پين ڪان پاسيرو ڪري،
لڪائي،
سُکيو ستابو آسودو ڪري،
آهستي آهستي،
ماري ڇڏن ٿيون.''

هن سرجهڻار جون ٽنهي ٻولين ۾ ڪويتائون، آءٌ اوهان کي نه پڙائيندس ... پاڻ پڙهي ماڻيو.

Arun Babani, Cell - 9323144995

Response:- arunbabani @yahoo.com

مددي ڪتاب :- ڪويتائون ليکڪ ارون ٻاٻاڻي.

(شوپا ۽ آنند لعلچنداڻيءَ، هنن ٻنهي ڪتابن کي سنواريو آهي.)

ٽيون ڪتاب جو مون، ''سنڌيت جي سڏ تي''، ماڻيو ۽ جنهن ۾ قلمڪار ڪيرت، مايه ناز اديب مالهيءَ ۽ اڏول اديب اُتم، جو به بيان آهي ... اهو آهي ... ''ويٽي ورق ورايم!'' ليکڪ راج ڏاسواڻي.

راج کي، ڪرانتيڪاري ڪيرت لاءِ وڏي عزت آهي، ۽ هو هُنکي، ''دادا ڪيرت''، ڪري ٿو ڪوٺي. نه مورتيءَ بابت لکي ٿو :- ''اُتم ڪٽر ڪميونسٽ، ڪيرت کي قدر واجبي، ۽ مالهي نرم تر وانگر.'' ليکڪ، مالهيءَ لاءِ لکي ٿو :-

''گوبند مالهي شطرنج ۾ افلاطون هو، تڏهن به هو پارٽ جي راڄنيتيءَ ۾ ٻهرو نه وٺي سگهيو.''

اُن وقت جي ادبي ڪلاس لاءِ، قلمڪار راج ڏاسواڻي لکي ٿو :-

''مالهي ڏائي هٿ سان پنهنجي سينڌ سنواريندي، ۽ ساڄي هٿ سان بيڙيءَ مان سوٽو هڻندي، ٻٺري کي هر ايندڙ لاءِ چانه جو آرڊر ڏيندو هو، پوءِ هڪ ڪوپ کي ٻن اڌن ۾ ورهائي، چشڪا وٺي پيئندا هئا.''

اڄ هند ۾ سنڌين جي حالت جو بيان، راج ڏاسواڻيءَ جي اُلفاظن ۾ :-

''پير پٿون هر پانڌيئڙي جا، منزل جو ڪو اير نه پير!''

♦ ♦ ♦

آ؟ / سخي سياڳا سنت هئا / درويش جي اَننت هئا / سنڌو ندي وهندي هئي / اَلهڙ گهر ۾ مستي هئي / روڻي روزي سستي هئي / رنگين فِضا ۾ چُستي هئي / پنهنجن پراين ۾ ڀيد نہ هو / ڪنهن جو ڪنهن سان وروڌ نہ هو / وير بہ نہ هو، انڌير بہ نہ هو / پريم هو، متڀيد نہ هو / ٻڌو ٿم مِڪڙي سنڌي هئي/.''

قلمڪار ارون ڀاڀاٽيءَ جون ڪويتائون، آزاد نظم ۾ آهن، جنهن ۾ علم عروض جون اٽڪلون نہ هونديون آهن. موسيقيءَ کان وڌيڪ خيال جي اُڏر ۽ اُڏام کي مله هوندو آهي، پر ڪٿي ڪٿي مون کي، لئہ، تال، ۽ سنگيت، بہ نظر اچي ٿو. هن ڪويءَ وٽ تاخيل آهي تہ تاخليق بہ آهي، احسان آهن تہ آزمودو بہ آهي، مشاهدو آهي تہ پوڳنا بہ آهي! هن وٽ فَنُ آهي، تہ فِڪر بہ آهي، هن وٽ فلاسافي آهي، تہ نيتي شاستر بہ آهي! هيءُ سهڻو سرجڻهار، فلاسافيءَ جي پنڌ جو پانڌيئڙو آهي. ڪوي آهي، تہ جرنلسٽ بہ آهي، ... هن کي، نظم توڙي نثر تي عبور آهي ... هن، موتي پويا آهن، تہ موتي پکيڙيا بہ آهن! حياتيءَ روپي پکيئڙي تي، هن، ذات - ذٽيءَ ڪافي سوچيو ۽ لوچيو، لڌو ۽ پاتو آهي.

هيءُ ڪويتائن جو ڪتاب، مال توڙي رومال (يعني فن، توڙي ڇپائيءَ، گيٽ اَپ، ڪوُر، پنو، ڪوُر پينٽنگ وغيره، جي لحاظ کان عمدو آهي) جي خيال کان سهڻو ۽ سانڍڻ لائق چيز آهي.

هر شعور واري سنڌيءَ کي، هن جون ڪويتائون ماڻڻ کپن!

پڇاڙيءَ ۾ آنءُ وري هڪ ڪويتا، هن ڪويءَ جي گنگنائڻ چاهيندس.

''منهنجي اِرد گِرد،
ديو ارون آهن،
ڪُجهہ ورثي ۾ مليل،
ڪُجهہ پنهنجيون گهڙيل،
هَٺ جي سِرُن سان،
ٺهيل هي ديو ارون،
سيتا جي سيمينٽ سان،
ڀَڏل هي ديو ارون،

"مددي ڪتاب"

(1) ڪُجهه ٻڌاير ڪُجهه لِڪاير ڀاڱو - 1 ڪيرت ٻاٻاڻي
(2) ڪُجهه ٻڌاير ڪُجهه لِڪاير ڀاڱو - 2 ڪيرت ٻاٻاڻي
(3) ڪُجهه ٻڌاير ڪُجهه لِڪاير ڀاڱو - 3 ڪيرت ٻاٻاڻي
(4) ڪُجهه ٻڌاير ڪُجهه لِڪاير ڀاڱو - 4 ڪيرت ٻاٻاڻي
(5) نہ لئلا نہ مجنو (ڪهاڻيون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(6) ٽڙيل پکڙيل پنا (مقالا) موهن گيهاڻي
(7) لِڪيو لياڪا پائين (مڪت ڪوتائون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(8) چونڊ سنڌي مضمون (سمپادڪ) ڪيرت ٻاٻاڻي
(9) پيهي منجهہ پاتار (تنقيدي مضمون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(10) اوک ڊوک (تنقيدي مضمون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(11) سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد (مضمون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(12) سو سڏ سو پراڏو (خطن جو مجموعو) ڪيرت ٻاٻاڻي
(13) ڌرتيءَ جو سڏ (ٽہ - فصلو ناٽڪ) ڪيرت ٻاٻاڻي
(14) ڪولي (ناول - ترجمو. ليکڪ ملڪ راج آنند) ڪيرت ٻاٻاڻي
(15) عظيم شاعر شيخ اياز هولارام هنس
(16) شاعر جي نوٽ بوڪ تان شيخ اياز
(17) ٽڪرا ٽٽل صليب جا شيخ اياز
(18) نثري نظم ۽ اُن جو ادبي پس منظر ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي
(19) تاجل بيوس هولارام هنس
(20) شاه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي
(21) 'Eastern and western wisdom'
Edited by Holaram Hans
(22) اوهين سڀ ننگا آهيو! (ڪهاڻيون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(23) هوءَ (ڪهاڻيون) ڪيرت ٻاٻاڻي
(24) جيڪي ڏٺو هو مون ڪيرت ٻاٻاڻي

32. اديبن جا خط

(1) ماهتاب محبوب نسبت چنپٽ مٿي هُتي ڪاجهه پڙهيو اٿم. پر سموري شاخصيت جو ديدار توهانِ جي هِن تاخليق، "ماهتاب محبوب" ذريعي ٿي سگهيو آهي. شاه جا بيت جديد دؤر ۾ به اهميت رکن ٿا. اُها صرافي درشٽي ۽ اُن کي ڪتاب صورت ۾ آڻڻ لاءِ توهان ساچ پاچ ڀيرون لهٽيون.

- اَرجن ڪرپالاڻي - بياور

(2) ڪوجنا ڪري اَدبي سمنڊ مان موتي ٻُولهي اوهان، "جديد دؤر ۾ شاه جي بيتن جي مُناسبت" ڏيکاري آهي. هڳاءُ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مهانتا جو احساس ڪرايو آهي. پر افسوس اَسان وٽ قدر ڪونهي.

"قدردان ڪَم ٿيا، ڪُنا خريدار،

پرکہ نہ تِن هيرن جي، نقل مٿان نِثار."

- جواهر بنيجا - ممبئي

(3) "ماهتاب محبوب". منهنجي دل پسند ليکڪا آهي ۽ مان "شاه" جو بہ شيدائي آهيان. هيُ ڪتاب ضرور پڙهندس. اوهان جي محنت ضرور ثاب پوندي.

-لکمي ڪلاڻي، آديپور

(4) "ماهتاب محبوب" ۽ "جديد دور ۾ شاه جي بيتن جي مُناسبت" اِيياس ڪري، ادبي موتي آڻي، اسان جهڙن آڏو رکو ٿا. توهانجي ٻوليءَ لاءِ صدق جو ثبوت آهي!

- ڪيمن مولاڻي، بنراٻڙه

(5) اوهان جي شاعري شعور جي سُڳند "سنڌي شاعريءَ جي سفر" مان ملي. اوهان، شاعريءَ جو نہ رڳو مطالعو ڪيو آهي، پر اُن کي ماڻيو بہ آهي .... بنان ماڻڻ جي، گهرايون ماپڻ مشڪل ٿئي ها!

- ارجن چاولا، اليڳڙه

(6) "عظيم شاعر شيخ اياز" .... اوهان جي هن ڪتاب لاءِ جاکوڙ ۽ اياز صاحب جي شاعريءَ جا سڀ پهلو ڏيئي، توهان غضب جو ڪم ڪيو آهي. همڙي عمدي ڪتاب لاءِ توهانکي سؤ سلام!

- تيرٿ چانڊواڻي، جهوناڳڙه

(7) هولارام هنس، "سُندري اُتمچنداڻيءَ". جي ڪلا تي ۽ ساهتيڪ خدمتن کي، هن جُلد ۾ پيش ڪري، هڪ دستاويزي ڪم ڪيو آهي.

- گوپال ٺاڪر ممبئي

BEST SINDHI SABHA MUMBAI
(1958-2014)

١. ستريل زمانو ۽ بگڙيل پيار (ناول)	سندر حشمتراءِ
٢. چيل (ناول)	" "
٣. پريشان پتنگ (ناول)	" "
۴. ڪپه ۽ باه (ناول)	ڊاڪٽر ارجن سڪايل
۵. راجڪماري گيتا (ناول)	" "
٦. تپسيا ٽٽي پيئي (ناول)	" "
٧. خوشبوءِ - ١٩٨٧	ٺاٺي ادبي ڪلاس جا ليکڪ
٨. خوشبوءِ - ١٩٨٨	" " "
٩. تيرٿ درشن ۽ فڪر	تيرٿ سڀاڻيءَ جي جيوني، فن ۽ فڪر
١٠. پلڻ پلي	واسديو نرمل
١١. مس ريتا	" "
١٢. ڪاچا ڌاڳا پڪ ڏور (ڪهاڻيون)	ڪمل پياسي
١٣. اُماس (ناول)	ڊاڪٽر چندولعل جئسنگهاڻي
١۴. گيان گنگا	جئرام چيلاڻي
١۵. نه لعليٰ نه مجنوُ (ڪهاڻيون)	ڪيرت ٻاٻاڻي
١٦. چونڊ سنڌي ڪهاڻيون	(تارا ميرچنداڻي، گوبند پنجابي، گوپال ٺڪر، جينت ريلواڻي ۽ ريتا شهاڻي، وغيره)
١٧. شيشي جا گهر (ڪويتائون) (ساهت اڪادمي انعام حاصل ڪيل ڪتاب)	گوورڌن ڀارتي
١٨. موڳو (غزل)	ارجن حاسد
١٩. احساس (غزل)	ڀڳوان هوش
٢٠. آئينا ۽ عڪس (هائيڪو)	پريو وفا
٢١. ڀڳت (ڪويتائون)	ڊاڪٽر پريم پرڪاش
٢٢. روحن سان ملاقات (روحن تي ڪهاڻيون)	هولارام هنس
٢٣. بر مڙيوئي بوءِ (ڪهاڻيون)	" "
٢۴. ٽي عظيم شاعر (شاه، شيڪسپيئر، ڪاليداس)	" "
٢۵. ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪجي؟	" "
٢٦. ماسٽر صاحب (طنز ۽ مذاق)	" "
٢٧. ڪرم يوگي (ناول)	" "

(25) امن جي اُفق ڏانهن — ڪيرت ٻاٻاڻي

(26) اٻول راڻي — ڪيرت ٻاٻاڻي

(27) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — ڪيرت ٻاٻاڻي

(28) درد جو دل ۾ سمائجي نہ سگهيو (ڪهاڻيون) ڪيرت ٻاٻاڻي

(29) هندواسي، ڪونج ۽ سنڌو 2012

(30) عظيم شاعر نارائڻ شيام — هولارام هنس

(31) سنڌيت جو سفر موهن گيهاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ۽ هري پنڪج.

(32)سرويچ سنڌي — رام جوهراڻي

(33)ڪويتائون — ارون ٻاٻاڻي

(34)ويڙهي ورايم ورق — راڄ ڏاسواڻي

ڪتاب مون کي ميسر ڪري ڏنا هيٺين لئبررين ۽ ساٿين، جن جو مان ٿورائتو آهيان :-

(1) سرو سيوا سمتي لئبرري - ٿاڻہ

(2) منگهناڻي ايلبرس هوم لئبرري - لوناوالا

(3) ڪلاڪار آشا چاند

(4) ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي

۴۹. بنگالي ڪهاڻيون

۵۰. نچڪيتا جي ڪهاڻي (هندو گرنٿ مان) سڳن ۽ ڦتن

۵۱. ڪفن (منشي پريمچند) پورن چيٽوائي

۵۲. ديش ڀڳت (پرل بڪ) تيرٿ سياڻي

مرهٽي

۵۳. موتي آٽي اتر سنڌي ڪٿا (هولارام هنس) پروفيسر هردوائي

۵۴. سکي آٽي سقل جيوناچيه رهسيه " " " "

۵۵. آشاوادي جيون ڪسي جگال پروفيسر

هندي :

۵۶. تين سريشٺ ڪوي (هولارام هنس) راڌا ڪشن چاندوائي

۵۷. پايل (ڪهاڻيون) " " " "

۵۸. رهسيه سکي اور سقل جيون ڪي " " هري موهن شرما

۵۹. ٽفن ليٽ تو ٽرين ليٽ " " مايا راهي

انگريزي :

۵۹. سنڌي شارٽ اسٽوريز (چوند سنڌي ڪهاڻيڪار) ڊاڪٽر ايسراڻي

۶۰. سنڌي اسٽوريز (بلون والا) (هولارام هنس) " "

۶۱. جرني آف فرگرنس " " " "

۶۲. سيڪريٽس آف هئپي ائنڊ سڪسفل لائيف " " ايم. ايس. للا

۶۳. آپٽيمسٽڪ ائروچ " " " "

۶۴. نارائڻ شيام " " " "

'شيشي جا گهر' ۽ 'ڀڳت' ڪتابن تي ليکڪن کي ساهت اڪاڊمي اَوارڊ عطا ٿيو آهي ۽ 'محبت جو مينهن' ۽ 'عظيم شاعر شيام' ڪتابن تي اين. سي. پي. ايس. ايل. جو نئشنل اَوارڊ ليکڪن کي مليو آهي.

٢٨. عظيم شاعر شيام (مضمون) هولارام هنس

٢٩. سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگامي دين (مضمون) " "

٣٠. سنڌ جون هستيون پروفيسر پوپٽي هيرانند اڻي

٣١. سرهي مشڪ (ڪهاڻيون) " "

٣٢. سنڌ جي سورمي (ماهتاب محبوب جي جيوني، فن ۽ فڪر)

٣٣. اُمنگن جا آبشار (مضمون) پروفيسر ايشوري جوتواڻي

٣٤. محبت جو مينهن (ڪهاڻيون) مايا راهي

٣٥. اڪيلو چنڊ (ڪويتائون) هري دلگير

٣٦. آڌي رات ڏٺو مون جاڳي هولارام هنس

حد بياحد جي سرحد ساڳي (فلاسافي)

٣٧. ڪهاڻيون هنس جون " "

٣٨. جا چتايم چت ۾ موهن گيهاڻي

٣٩. فلاسافي جيون جيئڻ جي هولارام هنس

١٤٠. ساهتيه ۽ ساهتيڪار " "

١٤١. نرتڪي " "

١٤٢. ڊائريءَ جا ورق " "

١٤٣. آتم ڪٿا هڪ اديب جي " "

١٤٤. ميرا (ناول) " "

١٤٥. ٿڦن ليٽ تہ ترين ليٽ " "

١٤٦. پيهي ويو پرلاءُ ۾ ڪرشن راهي

١٤٧. سنڌي شاعريءَ جو سفر (قاضي قادن کان اڄ تاءِ) هولارام هنس

١٤٨. جي گهر اچين مون " "

١٤٩. عظيم شاعر شيخ اياز " "

٥٠. ڪهاڻي ڪنعيالعل جي " "

- ترجما -

سنڌي :

ڪتاب جو نالو	ليکڪ	ترجمان
٣٦. شرابي نگاهون	(امرتا پريتم)	هوندراج بلواڻي
١٤٧. ببلي	(شورام ڪرانت)	بهاريلعل چاڇڙيا
١٤٨. يونگہ	(بنگالي ناول)	
" "		" "

هنس ساهتيہ (1980 to 2014)

هولارام رهندومل هسپاجا (هولارامِ هنس) جنم ۱۵ جون ۱۹۲۴، قمبر لاڙڪاڻو (سنڌ) عظيم شاعر شيام تي ليکڪ کي NCPSL جو اوارڊ مليو آهي ۽ هن جي ساهتيڪ ڏين تي هن کي آر جي آڏواڻي اوارڊ عطا ٿيل آهي.

ساهتيہ :-

(۱) پايل (۲) روحن سان ملاقات (۳) سرهاڻ جو سفر - آتم ڪٿا هڪ اديب جي (۴) برمڙيوئي بوءِ (۵) ٽي عظيم شاعر (شاه، شيڪسپيئر، مهاڪوي ڪاليداس) (۶) عظيم شاعر شيام (۷) ڪهاڻيون هنس جون (۸) ساهتيہ ۽ ساهتيڪار (۹) ٽفن ليٽ تہ ٽرين ليٽ (۱۰) امانت (۱۱) ماستر صاحب (۱۲) ڦوڪڻن وارو ۽ ميري (۱۳) ڊائريءَ جا ورق (۱۴) سنڌي ناول ۾ گوبند مالهيءَ جي ڏين (۱۵) سنڌي شاعريءَ جو سفر (۱۶) عظيم شاعر شيخ اياز (۱۷) عظيم شاعر تاجل بيوس (۱۸) شاه عبداللطيف هڪ فيلسوف (۱۹) جديد دور ۾ شاه جي بيتن جي مُناسبت (۲۰) سندري اُتمچنداڻي (۲۱) ماهتاب محبوب (۲۲) ڪيرت ٻاٻاڻي

(نوٽ : "ٽي عظيم شاعر" - سنڌ ۾ بہ شايع ٿيو آهي)

فلاسافي :- (۱) آڌي رات ڏنو مون جاڳي، حد بيحد جي سرحد ساڳي (۲) فلاسافي جيون جيئڻ جي (۳) نرتڪي (۴) ميرا (۵) هر سوال جو جواب اسان جي اندر ۾ آهي (۶) جي گهر اچين مون

English:

1) Journery Of Fragrance (Autobiography)
2) Secrets Of Happy And Successful Life
3) Baloon Walla   4) Narayan Shyam
5) Eastern And Western Wisdom (Edited By Hans)
   Translators : 1) Dr. Prof. S.M.Israni 2) Shri M.S. Lulla
   Hindi : १) तीन श्रेष्ठ कवि २) पायल ३) रहस्य सुखी और सफल जीवन के ४) टिफन लेट तो ट्रेन लेट

Translators : 1) Shri RadhaKrishan Chandwani
2) Shri Hari Mohan Sharma 3) Smt. Maya Rahi

Marathi :१) मोती आणि इतर सिंधी कथा २) माझ्या घरी येशील तर!
३) सुखी आणि सफल जीवनाचे रहस्य   ४) आशावादी जीवन कसे जगाल

Translators : Prof. Lachhman Hardwani
Prof. Hemant Gokhale ,तोलाराम रहेजा लाली

LITERATURE OF BEST SINDHI SABHA



"سنڌيت جي هلچل جو ڀيشم پتامھ"



جڏهن جڏهن آنءُ ڪنهن شعور واري شاعر يا
شخصيت کي پڙهڻ چاهيندو آهيان، تہ پهريائين
ن جي آتم ڪٿا يا جيوني پڙهندو آهيان.
ن سرجڻهارن ۾ غرور ڀلي هجي، پر گهمنڊ
ـہ هجي، اُنهن جي ئي فن، مون کي موهيو
هي، ۽ مون ماڻيو آهي.
شاه لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌي زبان کي فارسيءَ مان
خطرو هو. شيخ اياز جي ڏينهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اڙدو مان خطرو هو.
اٽي ڪيرت جي ڏينهن ۾ سنڌي ڀاشا کي ورهاڱي مان خطرو آهي.
ڪرانتيڪاري ڪيرت، جو هميشه انسان جي ذاتي چڱائيءَ ۾ وشواس ڀئي
هيو آهي. هن جي جيوني پڙهڻ کان پوءِ، مون جاچيو تہ، دُک هن کي مهان
ايو آهي. هيءُ هميشه پنهنجي اخلاق تي اَڏول رهيو آهي. هن ڪڏهن بہ،
ضمير کي لنوايو نہ آهي ۽ هن پنهنجي روح تي ڪڏهن بہ رهنبڙيون پائڻ
ڏنيون آهن.
ن ذات ڏٺيءَ، پنهنجي سچي حياتي، سنڌيت جي سڏ تي سهسائي آهي.
ظيم اياز وانگر هيءُ شعور وارو شاعر بہ آهي، تہ هڪ باغي بہ آهي، ۽ هڪ
ڪرانتيڪاري بہ آهي. ورهاڱي کان اڳ، هن يا جيل ۾ گهاريو آهي يا ريل ۾.
ڪامريڊ هوندي بہ، هن ڪڏهن بہ تلوار نہ کنئي آهي پر قلم کان تلوار جو
ڪم ورتو آهي. هيءُ ديش ڀڳت بہ آهي ....
تنتريہ سينک بہ آهي! هڪ ئي شخص ۾ ڪيڏا نہ گڻ آهن!
هاڱي کانپوءِ هند ۾، هيءُ سنڌيت جي هلچل جو ابو آهي ....
هن جي دڙي جو ماڻهو آهي ۽ سيرت ئي هن جي سَنَدَ آهي.

ري 2014

هولارام هنس